(پاکستان رائٹرز گلڈ ہو انعام یافتہ کتاب)

سسکین جہانانی گوسو

از:- "مجنون" بلوچ

Scanned with CamScanner

مسڪين جهان خان کوسو

(تبصرن سميت)

تصنيف

محمد بخش بلوچ "مجنون"

ايل ايل، بي،

*

جميل پبليڪيشنس

ميرپور خاص

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

دفعو پهريون   سال ١٩٦٧ع   ڪاپيون هڪ هزار
دفعو ٻيو   سال ١٩٦٩ع   ڪاپيون پنج هزار

soorihsindhiadab

مصنف جا سڀ حق ۽ واسطا قائم

[تبصرا: صفحه ١ کان ٨٦/٨ تائين- اصل ڪتاب: صفحه ٨٧ کان ١٦٢ تائين-
ڪل صفحا: ١٧٤ - فوٽو بلاڪ: ١٠]

ملڻ جو هنڌ: "ادبيات": تلڪ چاڙهي حيدرآباد
"عجائب اسٽورس": فريئر روڊ سکر
۽
سنڌ جا ٻيا مشهور ڪتب فروش-

حيدري پرنٽنگ پريس لجپت روڊ حيدرآباد ۾ ڇپيو ۽
محمد بخش بلوچ جميل پبليڪيشنس پاران "قصر بلوچ" سيٽلائيٽ
ٽائون ميرپورخاص مان ان ڪي شايع ڪيو-

پيش لفظ

هي ننڍڙو ڪتاب محض ”مسڪين“ جهڙي بزرگ هستيءَ کي گمنامي جي گوشي مان ڪڍي، عوام سان آشنا ڪرڻ جي هڪ ننڍڙي ڪوشش آهي ۽ بس. مسڪين خود مجبندو تہ مون سندس سوانح حيات لکڻ ۾ نہ تہ ڪا ڪنجوسائي ڪئي آهي ۽ نہ مبالغي کان ڪم ورتو آهي. مسڪين جيڪي ڪجهہ آهي، برو يا ڀلو، عوام اڳيان اصلي روپ ۾ آڻي بيهاريو اٿم. اڳتي فيصلو عوام تي آهي تہ هو مسڪين کي روبرو ڏسي وائسي جيڪا وڻي سا راءِ قائم ڪن.

منهنجي خيال مطابق سوانح حيات لکجي تہ زنده انسان جي لکجي، جنهن کي ڪتاب جي روشنيءَ ۾ ”ايڪسري“ ڪري ان جون ڪميون بيشيون بخوبي ڏسي سگهجن. باقي مئل ماڻهو لاءِ تہ اخلاقاً هرڪو چڱو چوندو، چاڪاڻ جو مئو ويچارو ڪڪ به نہ سهي.

پڇاڙيءَ ۾ آءٌ سڀني تبصري نگارن — صحافين، ايڊيٽرن، عالمن اديبن ۽ شاعرن جو شڪريو بجا آڻيان ٿو، جن منهنجي ڪتاب تي فراخدليءَ سان تبصرا لکيا ۽ پنهنجي موقر اخبارن ۽ رسالن ۾ وقت بہ وقت شائع ڪيا ۽ پڻ پاڪستان رائيٽرز گلڊ جو ٿورائتو آهيان، جنهن منهنجي ڪتاب جي قدرشناسي ڪري، پنج سؤ روپين جي گرانقدر انعام سان نوازيو.

آءٌ محترم غلام علي الانا صاحب جو بہ شڪريو ادا ڪريان ٿو، جنهن صاحب مون کي انسٽيٽيوٽ آف سنڌيالاجيءَ جي ڪتابن مان استفادي ڪرڻ جي اجازت ڏني.

مجذون بلوچ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تار کا پتہ : پاک گلڈ (Pakguild)

ٹیلیفون نمبر: ۹۶۲۴۴

پاکستان رائٹرز گلڈ
(ادارۂ مصنفین پاکستان)

مغربی پاکستان (ریجن)، لاہور
پرنسز ہوٹل، منٹگمری روڈ

حوالہ نمبر ۲۸۷۴

تاریخ ۱۵-۲-۶۹

مکرمی! سلام مسنون

پاکستان رائٹرز گلڈ کے صوبائی دفتر لاہور کی طرف سے آپ کی سندھی کتاب "مسکین جہان خان کھوسو" پر 67-68 کا گلڈ انعام ملنے پر مبارک باد قبول فرمائیے۔

مخلص

سیکریٹری

بخدمت جناب محمد بلوچ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner



مسڪين جهان خان کوسو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

انتساب

هي ڪتاب وڏي حب ۽
سڪ سان مسڪين ۽ سنڌس
مسڪين ترين ڌاٿهن منسوب
ڪريانٿو.

مجنون بلوچ

soorihsindhiadab

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

فهرست

نمبر | صفحو

اصل ڪتاب

مسڪين جهان خان کوسو — ۸۷ کان ۱٦۱ تائين

تعارف

نمبر	عنوان	صفحو
۱	ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ	۱
۲	محمد مريد جوڻيجو "مريد"	۳

تبصرا

نمبر	عنوان	صفحو
۱	شيخ عبدالحليم "جوش"	۷
۲	علي احمد بروهي	۱۵
۳	ڊاڪٽر شيخ محمد ابراهيم "خليل"	۱۹
۴	عبدالشڪور منشي	۲۱
۵	روزنامہ "مهراڻ" حيدرآباد	۲۴
٦	لطف الله بدوي (مرحوم)	۲٦
۷	مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي	۲۹
۸	هفت روزه "ذوالفقار" گهوٽڪي	۳۲
۹	قاضي عبدالمجيد "عابد"	۳۵
۱۰	"محسن" ڪڪڙائي	۳۷
۱۱	"نياز" همايوني	۳۹
۱۲	محمد بخش "جوهر"	۴۲
۱۳	هفت روزه "آزاد" ڪراچي	۴۴
۱۴	احمد خان "آصف" مصراڻي	۴٦
۱۵	"محمود" يوسفاڻي	۴۸

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

نمبر		صفحو
١٦.	ڪريم بخش "خالد"	٥١
١٧.	"نجم" عباسي	٥٣
١٨.	الهه بچايو "ملاح" (ڍاڪا)	٥٥
١٩.	"فيض" بخشاپوري (مساوات)	٥٧
٢٠.	پروفيسر عبدالمجيد سنڌي	٥٩
٢١.	"حميد" سنڌي	٦٤
٢٢.	نظام الدين ڪوسو	٦٦
٢٣.	اجمل بيگ. ق. مرزا "آجمل"	٦٨

شام مسڪين (تعارفي تقريرون)

١.	محمد بخش بلوچ "مجنون"	٨٠
٢.	"مسڪين" جهان خان ڪوسو	٨٥

تاثرات

١.	حافظ محمد احسن چنه	١/٨٦
٢.	م. ع. ڏيپلائي	٥/٨٦
٣.	منظوم تنقيد ـــ مولانا "ضيائي"	١٦٢

---

soorihsindhiadab

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

Scanned with CamScanner

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

تعارف

(١)

باسمه تعاليٰ

هيءَ ڪنهن سردار جي سوانح حيات ڪانهي: مسڪين جهان خان کوسي جي سرگذشت آهي. پر جنهن ان کي پڙهيو تنهن کي "مسڪين جهان خان کوسو" ڪٿان ٿو وسري! بيشڪ وري وري ياد ايندو- ۽ جي ڪنهن سائينءَ جي سنواريي کي اها ياد ستائي ته "مسڪين" سان ملڻ ۾ دير ڪانهي. رڳو هن ڪتابڙي جي مصنف ميان محمد بخش کي هڪل هڻي. هو صاحب پاڻ کوسو بلوچ، ۽ مسڪين جهان خان جو پاڙيسري پاءُ آهي. مختيارڪارن جي برادري ۾ پڻ نالو داخل اٿس، ۽ هلندي پچندي وارو آهي. مسڪين کي ملائڻ ۾ دير ڪانه ڪندو. هڪ پيري بنده ڪيس اهڙي گذارش ڪئي ته دير ڪانه ٿي. ڏينهن ٻه گذريا ته ميان محمد بخش ٿهڪ ڏيندو ٽلندو اچي پهتو ۽ ساڻس گڏ مسڪين جهان خان کوسو به پنهنجي دستوري هڙ پٽارڪ سوڌو هڪيو تڪيو حاضر!

ٿوري، پر واه جا رهاڻ ٿي. اهڙو ڏي مسڪين جهڙو هن ڪتاب ۾ خاڪ مٽي جي مُٺ، پر قابل عزت ۽ احترام. "مٽيءَ جي مانَ" واري حقيقت ڀٽائي صاحب گهڻو اڳ بيان ڪري ڇڏي، پر "آءٌ" ۽ "مان" جي کوڙين کي ڪٿان ٿي سمجهه

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

۾ اڇي! ”مسڪين“ وٽ ”آءٌ“ ۽ ”مان“ آهي ئي ڪانه. هو ”مسڪين“ آهي، خادم آهي. وٽس عمل آهي، خدمت آهي، نياز آهي، نئڙت آهي. ڏسڻ ۾ ماڻهن جهڙو ماڻهو آهي: جي چڱن ڪي سڳ هجن ها ته سندس نهرا نظر اچن ها. پر اسان جي ڪوتاه بيني جي ڪهڙي ڳالهه! جي اهل نظر هجون ته جيڪر خرڪارن ڪي اهل ڪار نه سمجهون.

هن ڪتابڙي جو لکندڙ ميان محمد بخش، ڀانڻ ڪي ”مجنون“ سڏائي ٿو، پر خرد کان خالي ناهي. سندس اکين ۾ ديد ۽ دل ۾ درد آهي. اسان وٽ ڪيئي ”مسڪين“ ۽ ”جهان جا خان“ موجود آهن، پر ڪين ڪير ٿو سڃاڻي ۽ ڪير ٿو پڇي! ميان محمد بخش ته ويتر مختيارڪار — ۽ مختيارڪارن آڏو چور ٻجهن ۽ ڇٽن. جن ڪي چور منهن ٻون سي چورن ڪي ئي سڃاڻن. ”مورن“ تي ”مختيارڪارن“ جي نظر پوي، سو هڪ معجزو آهي. پر ميان محمد بخش، اهو معجزو ڪري ڏيکاريو. مور ڪي سڃاتائين ۽ هنجه ڪي هنيين لاتائين. نه صرف سندس حسن انتخاب لاءِ ڪيس جس، پر سندس حسن بيان لاءِ ڪيس آفرين. فن سوانح نگاريءَ ۾ سندس هي ننڍڙو ڪتابڙو وڏو يادگار رهندو.

سنڌ يونيورسٽي
۱۴- جون ۱۹٦۷ع

خادم العلم
نبي بخش

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner
soorihsindhiadab

موقر هفت روزه "آزاد" ڪراچي

(٢٦- فيبروري ١٩٦٨ع)

تعارف

(٢)

(ڪتاب شايع ٿيڻ بعد)

"ادو منهنجو!"

هرهڪ انسان جو انداز پنهنجو پنهنجو ٿئي ٿو. اٿڻ ويهڻ پنهنجو، ڳالهائڻ ٻولهائڻ پنهنجو، لهجو جدا، الفاظ جدا، ٻهرڪيف هرهڪ انسان پنهنجي مٿي هڪ منفرد شخصيت جو مالڪ ٿئي ٿو. اهڙيءَ طرح جيڪڏهن ائين چئجي ته هرهڪ انسان وٽ ڪو لفظ، ڪو جملو يا ڪو محاورو، "تڪيہ ڪلام" طور ڳنڍ ٻڌل آهي، ته به ڳالهه سؤ پيسا سچي ڀيهندي.

منهنجو ڪيترن اهڙن انسانن سان واسطو رهيو آهي، مگر انهن سڀني ۾ هڪ شخصيت اهڙي به آهي جيڪا نہ رڳو مون لاءِ، پر اڄڪلهه ته ڪشمور کان ڪيٽي بندر تائين هر پڙهيل ڳڙهيل شخص لاءِ قابل صد احترام آهي. سال ١٩٦٧ع جي مشهور ترين ڪتاب "جهان خان کوسہ" جي مصنف محترم محمد بخش "مجنون" بلوچ کي ڪير نٿو سڃاڻي؟ قدرت جا رنگ به خوب نيارا آهن! اهو ماڻهو جيڪو اڄ کان هڪ سال اڳ هڪ مختيارڪار جي حيثيت سان هڪ مخصوص حلقہ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سان متعارف هو، اڄ اهو سنڌ جي نون لکندڙن ۾ ميدان ماري، وڃي ڀهرين صف ۾ بيٺو آهي. ايتري ڀرپور ڪاميابي ۽ ايتري شهرت، شايد ئي ڪنهن ٻئي سنڌي ليکڪ کي ايترو جلد نصيب ٿي هجي. ڳالهه شروع ڪئي هئي سين ”تڪيه ڪلام“ تان. سو ”مجنون بلوچ“ جو ”تڪيه ڪلام“ آهي ”ادو منهن جو!“ محفلن جو مور مجنون بلوچ، پنهنجي دوستن خواهه ٻين سان ملڻ وقت، جيڪو ڀهريون استقباليه جملو چوندو آهي، اهو آهي ”ادو منهنجو.“

ڀهرين نظر ۾ اهو به جملو لفظ ڪٿي ڪيترو به خشڪ غير مانوس ۽ اوپرو لڳندو هجي، مگر ان ۾ جيڪو خلوص ۽ پنهنجائپ سمايل آهي ان کان ڪو به سمجهدار انسان انڪار ڪري نٿو سگهي. رسمي ۽ غير مخلص الفاظ مستر، سائين، حضور، سرڪار، رئيس، ۽ پوتار، توهان ۽ اسان کي، خاڪ روب کان وٺي هڪ ڪرسي نشين تائين گهٽي گهٽي، ڪوچي ڪوچي ۾ ملي ويندا. مگر ٻاجهه ڀريا به ٻول جن ۾ فقط پنهنجائپ ٿئي ٿي ملڻ محال آهن. ”مجنون“ بلوچ اسان جي ضلعي دادو ڊويزن ۾ ٽن مکيه تعلقن ميهڙ، دادو، خيرپور ناٿن شاهه ۾ مختيارڪار ٿي رهيو آهي. تعلقه خيرپور ناٿن شاهه ۾ ڪيس تمام ويجهو ٿي ڏٺم. انتهائي مخلص، ملڻ سار، نهايت ئي ڪلڙو ماڙهو ڏٺم. سنڌس ڪچهري شام جو ڇهين بجي کان ٻارهين بجي تائين روزانو ٿئي ۽ ڪڏهن به ڪچهريءَ مان ڪک ٿي پاڻ نه اٿي. مگر ڪچهريءَ وارا معافي وٺي اٿن. سڀ اٿن پوءِ ”ادو منهنجو“ پاڻ اٿي. ٽنهي تعلقن تي سياست جو اثر ۽ مکيه ڪردار ادا ڪرڻ وارا، مگر سياست جي لاهن چاڙهن ۽ خفن کان بلڪل بي نياز هرهڪ سان هڪ جهڙو سلوڪ رکڻ وارو، راڳ رنگ جي محفل هجي يا علم ادب جي، ”مجنون بلوچ“ ”ادو منهنجو“ سيني کان سرس ڏسڻ ۾ ايندو، يارن جو

soorihsindhiadab
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

يار تہ آهي ئي؛ پر مون ڪيس پنهنجي دوست نما دشمن سان بہ خيرخواهي ڪندي ڏٺو. سندس تصنيف جو ڪهڙو ذڪر ڪجي؟ بخدا مون سندس تصنيف لاءِ هوٽلن ۾، سئنيما ۾، گاڏيءَ ۾، لاريءَ ۾، پليٽ فارم تي، اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾، اخبارن ۽ رسالن ۾ پڙهيو ۽ ٻڌو؛ ملڪ جا مشهور معروف اديب ۽ دانشور سندس تصنيف لاءِ زباني خواه تحريري صورت ۾ داد ڏئي چڪا آهن.

مولانا گرامي، ڊاڪٽر خليل، محمد ابراهيم جويو، ڊاڪٽر بلوچ، قاضي عابد، محمد بخش جوهر، محسن ڪڪڙائي، شمشير الحيدري، حميد سنڌي، مريد جوڻيجو، رشيد ڀٽي، نياز همايوني، احمد خان آصف، علي نواز وفائي، عبدالحليم جوش، علي احمد بروهي، رسول بخش پليجو، محمد عثمان ڏيپلائي، مرزا اجمل بيگ، غلام رباني، افضل نصرپوري، حيدر بخش جتوئي ۽ نہ معلوم ٻيا ڪيترائي صاحب آهن جن ”مجنون بلوچ“ ادو منهنجو، جي تصنيف کي ساراهيو آهي. سنڌي زبان جي سينني اخبارن ۽ رسالن ۾ اهي تبصرا ايندا رهيا آهن ۽ اڃا بہ ٿين پيا. مان انهن اهل علم دوستن کان پڇان ٿو تہ آهي ڪو اهڙو ڪو سنڌي زبان جو ڪتاب، جنهن کي هر طبقي ايترو ساراهيو هجي؟ ”ادي منهنجي“ جو ڪتاب ننڍڙو آهي، مگر ٻولي، انداز بيان ۽ مواد جي لحاظ کان هيءُ ڪتاب پنهنجو نظير نٿو رکي. اهڙي بي نظير ۽ لاجواب چيز لکڻ تي ”مجنون“ صاحب کي جيتريون بہ مبارڪون ڏجن، اهي ٿوريون آهن. مصنف جي ذهن جي وڏائي انهيءَ مان ظاهر آهي، جو هڪ مسڪين ۽ روايتي لفظن ۾ ”اڇوت“ انسان جي سيرت ۽ ڪردار تي هڪ مستقل ڪتاب لکي ورتو اٿس. هونءَ بہ سنڌي زبان ۾، سوانحي ادب تي هن کان مستقل تصنيف، خير ڪا ڏسڻ ۾ ايندي. اسان جا اديب ۽ ليکڪ هميشه مئلن جي يادگيري گهٽي ڪندا آهن؛

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

انهيءَ لحاظ سان به ”ادو منهنجو“ جو هيءُ ڪارنامو تحسين جي لائق آهي. منهنجي دعا آهي تہ ”مجنون“ خوش و خورم هجي ۽ لکندو رهي، کلندو رهي. ادي منهنجي جو تصنيف ڪيل ڪتاب ”مسڪين جهان خان ڪوسو“ سيني بوڪ اسٽالن تان ملي سگهندو. دعا آهي تہ ”مجنون“ بلوچ خضري حياتي ماڻي ۽ اسان کي انهيءَ خلوص سان ”ادو منهنجو“ سان ڪينڪار ڪندو ۽ ياڪر پائيندو رهي. آمين!

---

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner
soorihsindhiadab

شيخ عبدالحليم "جوش"

(نئين زندگي، نومبر ١٩٦٧ع)

تبصرو

(١)

مسڪين جهان خان کوسو

— سخت سياري جي آڌيءَ رات، جڏهن ٿڌ جي لهر کان تخيل جو جسم به ٺرڪڻ لڳي ٿو، ڪو مزدور گهران ٻاهر نڪري ٿو ۽ تڪڙيون تڪڙيون وکون کڻندو، پاڙي جي ڪنهن ڊاڪٽر جو در وڃي کڙڪائي ٿو. "ڊاڪٽر صاحب! خدا جي نالي، منهنجي پٽ کي هلي ڏسو. سندس حالت نازڪ آهي. اوهين ڪيس موت جي منهن مان به بچائي سگهو ٿا. اوهان جي هٿ ۾ شفا آهي." ڊاڪٽر صاحب پهرين ته نابري واري، پر پوءِ گهٽي آزيءَ نيزاريءَ تي هلڻ لاءِ تيار ٿيو. وري ڪجهه سوچي، في اڳواٽ گهرڻ لڳو. "ڊاڪٽر صاحب، اوهين هينئر هلو، هڪ معصوم ٻار جي زندگيءَ خاطر. مان سڀاڻي شام تائين اوهان جي پائي پائي چڪائيندس". ڊاڪٽر، جو سٺيءَ ننڊ مان اٿي آيو هو، سو منبون پيڙي، اکيون ڦوتاڙي، چپ پڪوڙي مزدور کي ڌڪو ڏيئي، در بند ڪري، وڃي گرم بستري تي آرامي ٿيو. ٻئي پاسي، هو مجبور انسان، انتهائي مايوسيءَ جي عالم ۾ سڏڪا ڀريندو، گهر موٽي آيو. سج اڀرڻ کان اڳ، سندس چنڊ جهڙو پٽ، هميشه لاءِ کانئس وڇڙي ويو!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

— هڪ هوشيار پر غريب ڇوڪر کي گھربل اسڪولي يونيفارم ۽ درسي ڪتابن نہ هئڻ ڪري، سندس استاد ڪيس اسڪول مان ڪڍي ڇڏي. هو روئندو پيءُ وٽ اچي ٿو، جو اڳي ئي، ڏکيءَ بيماري سبب، پائيءَ پائيءَ ڪاڻ محتاج آهي. ٻئي ڏينهن، ساڳيو ذهين ڇوڪر، شهر جي ڪنهن شاهراهہ تي پنندو نظر اچي ٿو!

— ڪپڙي جو واپاري، اگهہ ڇوٽ چاڙهي، انگ ڍڪڻ وارن جي کل لاهي ٿو. دوا فروش، بيمارن جي مجبورين جو فائدو وٺي، ڪانئن گھربل دوائن جي ٽيڻي چوڻي قيمت گھري ٿو. سماجي ڪارڪن، ٺلهن وعدن ۽ ڪوڙن آسرن تي، عوام کي پنيلائڻ جي ڪوشش ڪري ٿو.

آخر ائين ڇو ٿو ٿئي؟ ان لاءِ، تہ ڪنهن کي بہ ڪنهن سان همدردي نہ آهي. ڪوبہ ماڻهو ٻئي جي ڏک کي پنهنجو ڏک نٿو سمجهي. انساني همدرديءَ جو جذبو، خود غرضيءَ جو شڪار ٿي ويو آهي. خدا، جن کي پنهنجن غريب پاڙن جي سار لهڻ جي سگهہ ڏني آهي، سي پنهنجن گھرن ۾ تہ سدائين ڏياري ڪرڻ گھرن ٿا، پر اوندهہ ۾ رهندڙ پاڙيسريءَ کي فقط هڪ رات لاءِ بہ ڏيئو ڏيڻ پسند نٿا ڪن.

نيپولين سان هڪ پيري سندس سائين، ڪنهن ماڻهوءَ جي خود غرضيءَ جي شڪايت ڪئي. تنهن تي هن پڇيو تہ ”ڇا، اوهان کي ڪو اهڙو هنڌ بہ سجهي، جتي مطلبي ماڻهو نہ لڀندا هجن؟“ مشهور نقاد سينٽ بيو، جو ان وقت موجود هو، اُمالڪ وراڻيو: ”هائو! تنهنجيءَ دربار ۽ لالچي اميرن جي رنگين محفلن کان پري، فنڪارن جي هڪ ننڍڙي بستي آهي، جتي هرهنڌ خلوص، ۽ هرطرف سچائيءَ جي سونهن نظر اچي ٿي. وٽن نڪي آهي سون ۽ چاندي، نڪي آهن هيرا ۽ موتي، پر انساني همدرديءَ جو اڻکٽ خزانو ضرور آهي.“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اڄ جيڪڏهن نيپولين زنده هجي ها ۽ منهنجي موجودگيءَ ۾ ساڳيو سوال پڇي ها ته جيڪر، سينٽ ﮬيو ڪان اڳ، مان ڪيس محمد بخش بلوچ "مجنون" جو لکيل ڪتاب "مسڪين جهان خان کوسو" ڏيندي ٻڌايان ها ته سنڌ جي وارياسي تعلقي ننگرپارڪر ۾، رڃ ۽ سڃ جي باوجود، هڪ اهڙو مفلس پر مخلص شخص به آهي، جنهن جي دل ۾ نيڪيءَ ۽ انساني همدرديءَ پنهنجو گهر اڏيو آهي؛ جنهن جون اکيون ڏتڙيل عوام جي ڏکن ڏاکڙن تي لڙڪ وهائين ٿيون، پر ظالمن تي باهه جا اُلا وسائين ٿيون؛ جنهن جو ڏهڪائيندڙ آواز، ظالمن جو هانوَ ڏاري ٿو، پر مظلومن جي حقن جي حفاظت ڪري ٿو؛ جنهن جو قلم، هڪ بهادر سپاهيءَ جي تيز تلوار وانگر، انسانيت جي دشمن جا سر قلم ڪري ٿو، ۽ جنهن پنهنجي زندگيءَ جا هڪ ٻه سال نه، پر سموري زندگي مسڪينن ۽ محتاجن جي خدمت لاءِ بنا ڪنهن اُجوري جي، وقف ڪري ڇڏي آهي. هو نه ذات پات جي پڇا ڪري ٿو، ۽ نه دين ڌرم کي پنهنجيءَ راهه جي رڪاوٽ سمجهي ٿو، ۽ نه وري هو پنهنجيءَ دل جي ٻنيءَ ۾ طمع جا سلا اُپرڻ ڏئي ٿو. هو سڀني مسڪينن جي اهنجن دور ڪرڻ لاءِ، وس آهر واڪا ڪري ٿو ۽ پاڻ پتوڙي ٿو.

سوانح نگاريءَ جو فن ڏکيو سمجهيو وڃي ٿو، جنهن لاءِ فقط ڄم ۽ موت جون تاريخون ۽ زندگيءَ جو سلسليوار احوال ڪافي نه آهي. ڪنهن ڪردار جي اهم واقعن ۽ مکيه تجربن جي چونڊ، ۽ لازمي پس منظر جي روشنيءَ ۾ ان وقت جي سماجي حالتن جو جائزو، دلڪش ۽ پرخلوص انداز بيان، اهڙيون خصوصيتون آهن، جي پڙهندڙن جي نظر ۾ ڪنهن شخصيت کي مجموعي طور اُڀارڻ لاءِ ضروري آهن. جيڪڏهن هر واقعي جي تذڪري ڪان پوءِ، پڙهندڙن جي دل ۾ ان شخص لاءِ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

عزت ۽ محبت جا جذبا اڳي ڪان به اگهرا ٿين، ته پوءِ سمجهڻ گهرجي ته ڪردارنگار جي ڪوشش ڪامياب آهي. ڪنهن به سوانح نگار لاءِ، ڪنهن جڳ-مشهور شخص تي لکڻ سولو، پر هڪ گمنام يا گهٽ چاتل شخص کي روشناس ڪرائڻ تڪر تاڪڻ جي برابر آهي.

ڪتاب هٿ ۾ کڻڻ سان پهريون تاثر اهو ٿو ٿئي تـه مصنف ڪنهن سردار يا زردارکي نه، پر هڪ مسڪين ٽريءَ کي پنهنجي ڪتاب جو موضوع بڻايو آهي. ٽري به اهڙو، جنهن جو تعارف ڪرائيندي، مصنف، ڪتاب جي منڍ ۾ سندس تصوير هن ريت چٽي آهي: ”ڪرڙو وڏي، قد درمياني، جسم جو جاڻتو، موڪري منهن تي سفيد سهڻي چاپوڻي سونهاري، اڇـي جهڙي پوهه: متو اڪثر اگهاڙو، ڪڏهن ڪڏهن سياري ۾ ملن واري برقعي ٽائيپ ٽوپـي، يا اونهاري ۾ ڪجهيءَ واري مولانا پاشاني ٽوپي: مليشا جا ڪپڙا، سي بـه ميل ۾ ڪچ، هڪ دفعو پائڻ کان پوءِ سج ڪٽي يا ٻج ڪٽي — پاٽيهي گهري سڙي پنهنجي جان ڇڏائين ته واه، نه ته پيو ٽيو خير: ساڄي ڪلهي تي پنارڪ ڪتابن ۽ اخبارن جي، کابيءَ ڪڇ ۾ به-ٽي سير اخبارن جو پلندو، ۽ ان سان گڏ 'باوري جو گيڏيو'، هٿ ۾ مس-ڪپڙي: ڪڙيون پچي سپاٽا ٽيل سليپرن سان ڪرٽ-ڪرٽ ڪندو، مٿيءَ جي آٽمٽي کهه اڏائيندو، ٽرين جا ولرن جا ولر پويان لاڏو، ڪنهن آفيس ڏانهن واڪيندو ڪو ماڻهو ويندو ڏسو، ته پڪ سمجهو ته اهو مسڪين جهان خان ڪوسو!“

”مسڪين“ جو هيءُ مختصر تعارف نهايت جامع آهي، جنهن جو صحيح اندازو ڪتاب پڙهڻ کان پوءِ ئي لڳائي سگهجي ٿو. ”مسڪين“ چڻ ته لفظن مان جهاتيون پائيندو نظر اچي ٿو. مصنف، ڪمال فنڪاريءَ سان، زبان ۽ بيان جو لطف پيدا ڪندي، ”مسڪين“ جي چرندڙ پرندڙ تصوير پيش ڪئي آهي،

sooriinsindhiadab
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جنهن ۾، سندس شڪل شباهت ۽ رهڻي ڪهڻيءَ سان گڏ، سندس اصولن ڏانهن به واضح اشارو ڪيو آهي.

اڳتي هلي، "مسڪين" جي شخصيت بابت مصنف ٻڌائي ٿو: "مسڪين نه رڳو هڪ درويش-صورت ۽ درويش-سيرت بزرگ آهي، مگر هڪ بلند اخلاق ۽ نڊر بلوچ پڻ آهي."

سچ پچ ته ظاهري ڏيک ويک ۽ شان شوڪت انسان جي سچيءَ ۽ دائمي عظمت جا ماڻ ۽ ماپا ٿي نٿا سگهن زندگيءَ جي مستقل قدرن جو احساس، ۽ ان احساس جو، صبر آزما حالتن جي باوجود، پر خلوص ۽ مجاهدانه عملي اظهار "مسڪين" جي زندگي آهي.

ڪتاب جي شروعاتي صفحن ۾ "مسڪين" جي ڳوٺ، سامي وُيريءَ جو احوال ڏنل آهي، جتي ماڻهن جا به ڌنڌا مشهور آهن. مصنف جي لفظن ۾، "اهي ٻئي ڌنڌا آهن مڙساڻا: هڪ پوليس جي نوڪري، ۽ ٻي چوري." ان ڪان پوءِ، پوليس کاتي جي "پينشني" پرين مڙسن جو چيلهه ڪي سندرو ٻڌي، وڏيون ڏانگهون هٿن ۾ کڻي، سامي ويريءَ ۽ ٻئي ست راڄي مان، قافلي جي صورت ۾ ڪٽڪ ناهي، هر مهيني ننگرپارڪر ڏانهن نڪرڻ، ۽ رستي تي 'ڪارڪي جي رڻ' واري اٺانگهي پنڌ پڄائڻ لاءِ، پنهنجي نوڪريءَ جي ايامڪاريءَ وارا ڪارناما هڪٻئي کي ڏاڍي فخر سان ٻڌائڻ جو دلچسپ احوال آهي. اهو ٽڪرو، طنز ۽ مزاح جو شاهڪار آهي، ۽ اسان جي ادب ۾ قيمتي اضافو.

اڳتي هلي، مصنف ٻروچن جي عادتن ۽ خاص طور ڪوسن جي بهادريءَ جو ذڪر ڪيو آهي. ان سلسلي ۾، ڪئپٽن اسٽئنلي نيپيئر، ٿرپارڪر جي پهرئين ماجسٽريٽ، جي مشهور ڪتاب **Memoirs on the Thur and Parkar** مان لاڳاپيو رڪنڊڙ حوالا، ترجمي سان ڏنا ويا آهن. انهن مفيد حوالن مان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

نہ فقط سنڌ جي تاريخ جي لڪل حصن تي روشني پوي ٿي، ۽ ڪوسي قبيلي جون خصوصيتون معلوم ٿين ٿيون، بلڪ مصنف، "مسڪين" جي سوانح حيات پيش ڪرڻ کان اڳ، اهڙي فضا قائم ڪرڻ ۾ بہ ڪامياب نظر اچي ٿو، جنهن ۾ "مسڪين" جي شخصيت، تاريخي واقعن ۽ خانداني بهادريءَ جي داستان جي پس منظر ۾ وڌيڪ اُپريل معلوم ٿئي ٿي، ۽ پڙهندڙ هائي، "مسڪين" جي سوانح حيات پڙهڻ لاءِ بيتاب نظر اچي ٿو.

مصنف، "مسڪين" کي محب وطن، انسان دوست ۽ مخلص سماجي ڪارڪن جي حيثيت سان پيش ڪيو آهي. سنڌس خدمت خلق جو جذبو جنون جي حد کي پهتل آهي ـــ ايتريقدر جو ڪيس، نہ پنهنجي گهر جو اونو آهي، نہ ذاتي نفعي نقصان جو خيال، ۽ نہ ننگ ناموس جي پرواهہ:

ننگ ڇڏي نانگا ٿيا، تن نانگن ڪهڙو ننگ!

مصنف، "مسڪين" جي انسان دوستيءَ جا ڪيترائي مثال پيش ڪيا آهن، جي هن عجيب انسان جي عظمت ۽ مثالي ڪردار کي ظاهر ڪن ٿا.

مسڪين، ٿر کي سرسبز ڏسڻ گهري ٿو. حڪومت کي تعميري تجويزون پيش ڪري ٿو. ڪتاب ڇپرائي، اختياريءَ وارن ۽ اسيمبليءَ جي ميمبرن ۾ ورهائي ٿو، تہ من ڪو ٿر جو وارو وري! عام ماڻهن جي اهنجن دور ڪرائڻ لاءِ، اخبارن ۾ وڏا ليک لکي ٿو. ڏڪار جي ڏينهن ۾ ڀرپور خاص ۾ اچي، ڊڪ ڊوڙ ڪري ٿو، ۽ ٿرين لاءِ اناج ۽ ٻين سهوليتن جو انتظام ڪري ٿو. اهي اهڙا ڪم آهن، جي هن دور ۾ اورچائيءَ، خلوص ۽ همت سان فقط "مسڪين" ئي ڪري ٿو سگهي ـــ ان لاءِ نہ، تہ هو، ڪو گهر ڪان واندو آهي، پر فقط ان لاءِ تہ سندس دل ۾ غريبن لاءِ همدرديءَ جو اٿاهہ جذبو آهي، ۽ هو انهن کي مظلوم ڏسڻ نٿو گهري.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner
soorhsindhiadab

"مسڪين" اڇوتن سان ڏک سک ۾ ان حد تائين ٻانهن ٻيلي ٿي بيٺي ٿو، جو پنهنجي سڄي ياءُ تي به مظلوم ڪولهين ڪان فرياد داخل ڪرائڻ ۽ انهن جي مدد ڪرڻ کان نٿو مڙي. هيءُ برابر انسانيت جو اعليٰ مقام آهي، پر ان کان به وڌيڪ ساراهه جوڳي ڳالهه هيءَ، ته "مسڪين"، قادياني ۽ ڪرستان مبلغن وانگر، پنهنجيءَ خدمت جي قيمت مذهبي تبديليءَ ۾ وصول ڪرڻ واري طريقي کي بنهه پسند نٿو ڪري. هو چوي ٿو: "ڪين خدمت ڪرڻي آهي ته مذهب کان بالاتر رهي، انسانيت ۽ صرف انسانيت جي ناليءَ ۾ ڪن. باقي، مذهب تبديل ڪرائي، پوءِ انهن جي خدمت ڪرڻ، اها انسانيت جي خدمت ڪانهي!"

متان پڙهندڙن جي دل ۾ اهو خيال پيدا ٿئي ته "مسڪين" ڪو مذهب کان بيگانو آهي، تنهن لاءِ مصنف هتي هن ڳالهه جي به وضاحت ڪري ڇڏي آهي ته "هو، هڪ پورو ۽ پڪو دينداز مسلمان آهي، ۽ سندس دل ۾ اسلام جي محبت هميشه موجزن رهي آهي."

ههڙي خدا ترس ۽ نيڪ انسان کي اسان جي سماج جا معتبر ڪيتي ٿا برداشت ڪن؟ آخرڪار، "مسڪين" کي غنڊا ايڪٽ هيٺ به سال سخت پورهئي سان سزا ملي. ان فيصلي خلاف هاءِ ڪورٽ ۾ اپيل ڪئي ويئي، جا بحال ٿي، ۽ "مسڪين"، ظالم سرمائيدارن ۽ راشي ڪامورن جي مقابلي لاءِ وري ننگرپارڪر وچي حاضر ٿيو. ان موقعي تي "مسڪين"، ننگرپارڪر جي "پريي جلسي" ۾ جيڪا تقرير ڪئي، سا سندس عظمت کي ثابت ڪرڻ لاءِ ڪافي آهي. هن چيو:

"مون کي معلوم آهي ته ماڻهن منهنجي مخالفت ۾ ڪيئن بيان ڏنا؟ منهنجو نه ڪنهن سان اڳ ڪو وير هو ۽ نه آئنده رهندو. مون تي جيڪا به سختي آئي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

آهي، ممڪن آهي، منهنجن اعمالن جي شامت هجي؛
ماڻهن جو انهيءَ ۾ ڏوهه ڪونهي. آءٌ وڏي واڪي ۽
دل جي پوريءَ صفائيءَ سان چوان ٿو تہ مون انهن
کي اڄ بہ معاف ڪيو، سڀاڻي بہ معاف ڪيو، اهي
سڀ منهنجا پاڻر آهن!“

هيءَ آهي عالي ظرف انسان، غريبن جو مددگار، ڪولهين جو ’اوتار‘ ۽ اڇوتن جو ’ڀڳوان‘ — ”مسڪين“ جهان خان کوسو، جو ”ڦاٽل ڦٽيون پيجي سپاٽا ٽي ويل سليپرن سان ڪرٽ ـ ڪرٽ ڪندو، مٽيءَ جي اٽمٽي کهه اُڏائيندو، ٿرين جا ولرن جا ولر پويان لايو“ ڪنهن آفيس ڏانهن اڄ بہ واڪيندو نظر اچي ٿو.

مون کي خوشي آهي تہ ڪتاب جي لائق مصنف، محترم محمد بخش بلوچ — جنهن جي شايد هيءَ پهرين تصنيف آهي — پنهنجي تجربي ۾ نہ فقط ڪامياب آهي، پر هيءَ ننڍڙو ڪتاب پيش ڪري، هن سنڌي ادب ۾ گرانقدر اضافو ڪيو آهي. ڪتاب جي ٻولي وڻندڙ ۽ اسلوب دلڪش آهي.

مان، سنڌي ادب جي سڄڻ، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سان هن ڳالهه ۾ متفق آهيان، تہ نہ صرف ”سندس حسن انتخاب لاءِ ڪيس جس، پر سندس حسن بيان لاءِ ڪيس آفرين؛ فن سوانح نگاريءَ ۾ سندس هي ننڍڙو ڪتاب وڏو يادگار رهندو.“

ڪنهن ڪنهن ماڻهو منجهہ، اچي بوءِ بهار جي!

——

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جناب علي احمد بروهي (هڪ خط)

(روزنامہ عبرت ١٧- نومبر ١٩٦٧ع)

تبصرو

(٢)

مسڪين جي مفلسي ڪي سلام

اوهان جي ڪتاب ڏاڍو مزو ڏنو. ٻهرين شڪ ٻيو تہ شايد هي لکيو ئي مون آهي. تنهنجو نالو واضح ٿيل نہ هجي ها تہ شايد اهڙي دعويٰ ڪندي بہ دير نہ ڪريان ها. پر وري ڪجھ تنهنجي ذات جي شرم ۽ عهدي جي ڏر ڪان اهو معاملو ملتوي ڪيم. سچ پڇين تہ پڙهندي "مزو" اچي ويو. هڪ منڙي ۽ ٻاجهاري ٻولي، ٻيو وري موضوع "مسڪين جهان خان کوسو" جو، پوءِ تہ سون تي سهاڳو اچي ويو. پڙهندي اکين تي ٻهاري آئي، جڏهن پينگهه ۾ جهوٽا ويٺي کاڌم. ڏاڍو سهڻو ٿو لکين، اها ورنهہ جاري رکيئي ۽ نوڪريءَ مون جيان نڪمو نہ ڪيئي تہ پوءِ پڪ وڻ وڃائي ڇڏيندين. مسڪين سان منهنجي پڻ ملاقات ٿي هئي، پر ڪا جهٽ گهڙي. ٻاڏو! شيخ علي محمد جي اخباري اوتاري تي، ويٺي سڄي جهان جي ڳالا ڪئي سون تہ مسڪين اچي مٿان نڪاءُ ڪيو. اهي ئي ٻارپڻا، جي بيان ڪيا اٿيئي.

ٻهريون تہ سمجهيم جڏهن ڪو رابسن ڪروسو پر گهٽ ٿيو هو، ٻيو ڏوڪو هيءُ هو تہ شايد ڪو پينشنر پوسٽ مين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

آهي، جو عادت پوري ڪرڻ خاطر پراڻين اخبارن جا بنڊل ڪنيو، ٿو گهمي. پاڻو! شيخ علي محمد، فلڪ شگاف رڙ ڪري، مخاطب ٿيو ته ”جهان خان ڪوسو“! مڙس جي نيڪي ته اڳواٽ ٻڌي هيم، بقايا ڪثر تو پوري ڪري ڇڏي. سنڌس باري ۾ جو ڪجهه اوهان لکيو آهي، ان لاءِ اوهان واقعي ڪيرون لهڻيون. شايد سنڌي ادب ۾ هي اولين ڪوشش آهي، جو هڪ مسڪين جي مفلسيءَ ۽ اخلاص کي سلام ڪيو ويو هجي ۽ سنڌس خلق خدمت، انسانيت جي صحيح قدر شناسي ڪئي وئي هجي. ورنه ادا! اڄ اسان وٽ سچو هئڻ به سلهه جي ٽئين درجي ۾ ليکيو ويندو آهي، ۽ ڪانئُس پاند پاسي رکڻ کي صحت جيَ اصولن جي بجا آوري سمجهيو ويندو آهي. ازانسواءِ ادا! اسان جي سنڌين کي صدين کان مير، پير ۽ پيرزادن جي پرستش کان فرصت ئي ڪٿي ملي آهي جو وتن مسڪينن جو معائنو ڪندا ۽ سندن ڳڻ ڳائڻ. هر مسڪين کي سنڌ ۾ اڄ اها حيثيت آهي، جا مک کي کير ۾ هوندي آهي. پين هنڌن به مسڪينن کي موڙ ٻڌا ڪونه ويندا آهن ۽ هرهنڌ کين هڪاليو ۽ لوڏيو ويندو آهي، ليڪن فرق هي آهي ته هتي کين گند ۽ بوهر جيان ٻهاريو ويندو آهي.

اٺ جي گوڏن ڪوڙڻ واري لڳي، واهه جو لڳي! وهواهه! مون سان به اها ويڌن ٿي، جيئن ڪڪڙ، ڪياڙيَ واري ڪڙهه ڪائي، ”پنگ چاڻ“ قسم جو ڪنڌ لوڏيندو آهي، ڪا مهل ته ويٺي، واهه واهه ڪيم. مچڻ مراد آهي. مهل جي ۽ هنڌائتي هنئين اٿئي، شل خوش هوندين.

مون سان مصيبت هيءَ آهي، جو ڪو ڪو جملو وڻي ويندو اٿم ته رامپوري شاعرن جيان اٿي، بيهي سلام ڪندو رهندو آهيان ۽ اڳتي وڌڻ کان بلڪل نابري. ٻهرن جا پهر ويٺو وهواهه ڪندو آهيان، اسان جي ڪوٺ سلطان جي هڪ

پناڻ بندوق ورتي ۽ پهرين بسم الله ۾ ڪانوَ ماري وڌائين. بندوق صاف ڪري گهر ۾ رکي ڇڏيائين ته مبادا ٻيهر استعمال ڪيان ۽ پوءِ ڪسي ٻوان ته رڪارڊ خراب ٿي پوندو. اڄ ڏينهن سوڌو اها بندوق، جيئن جو تيئن سانديي رکي اٿائين. مون سان به ساڳيو حال آهي، ڪو جملو، ڪا سٽ، ڪا ادا وڻي وئي، ته پوءِ ويٺو ورد ڪندس. مبادا اڳتي هلي اها چس، دلي نه ٿي وڃي. ليڪن پاڻو! اهڙو ڪو مرحلو ئي نه آيو، جو پڙهڻ ۾ ڪو انٽرويل ڪريان، هڪ ئي ساهيءَ ۾ سڄو ڪتابڙو پڙهيم ۽ اڃا به پيو پڙهان....

مسڪين جي محبوب قوم ڪولهين وارو بيان، ڏاڍي سهڻي انداز ۾ ڪيو اٿيئي. دل ٿي چويم، تنهنجا هٿ چمان. وڏاءُ نه آهي، حقيقت آهي. ڏنڌو برابر ”هوءِ—هو“ وارو اٿم، ليڪن طبع اها هرگز نه اٿم. ادبي دنيا ۾ سيڪڙاڻ هوندي به مرحوم نظاميءَ جيان قلم جي عصمت ڪي، ماءُ ڀيڻ جي عصمت کان هرگز گهٽ نه سمجهندو آهيان. هي هن ڪري ٿو لکان ته مبادا، منهنجي تعريف کي هڪ واڻڙي سخا سمجهين.

لس ۽ تيز لکندي، ڪٿي ڪٿي ته ڪمال ڪيو اٿئي. ڪي اهڙا راز ۽ رمزون به بيان ڪيون اٿئي، جن جي جرئت شايد ڪنهن کي نه ٿئي. ڪولهين کي مسلمان ڪرڻ بنسبت مسڪين جو جواب بهترين طريقي ادا ڪيو اٿئي. هوندئن به ادا! حقيقت هيءَ آهي ته اسلام، ڪڏهن به هندن يا ڪن ٻين غير مسلمانن جي ضد ۾ هرگز نه آهي ۽ فقط غير مسلمانن جي عقيدن جي خلاف آهي. اصل مقصد آهي يار جي ياريءَ سان ۽ نه سندس افعالن سان! هي ته هڪ ڊاڪٽر هالنڊ واري دڪانداري چئبي، جو ڪنهن بيماريءَ جو علاج ڪري، پوءِ ڪائونس دين ڌرم جي ڦر ڪئي وڃي.

”مسڪين جهان خان ڪوسو“ جي روزي نماز جو ذڪر،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

آئون سمجهان ٿو ته ڪيس به نه وٺيو هوندو. چاڪاڻ ته مسڪين، انهن مرد مجاهدن مان آهي، جن لاءِ پلاري پنائيءَ فرمايو آهي ته "ننڊ عبادت تنجي". ڪولهين جي ٿانون ۾ کائڻ کان پرهيز ڪرڻ به ڪن جي نظر ۾ پاڪيزه هجي، ليڪن آءٌ ٿو سمجهان ته "مسڪين جهان خان کوسو"، جنهن جي دل، ڪؤلهين جي انساني دلين سان، ون يونٽ ٿيل هجي، سو ڪو متيءَ يا ٽين جي برتنن ۾ وچوٽي وجهندو هوندو. هي شڪوه ته اسان کي واٽين لاءِ هوندو هو ته اسان کي بڪ ۾ پاڻي پيارِيندا هوا ۽ پنهنجو پيالي پائي هرگز نه سمجهندا هوا. ازانسواءِ ڪولهين جهڙو صاف، سٿرو ۽ صفائي پسند ته ڪو هجي!. آخر هو واهڻ جا وڏيرا ته نه آهن، جو عيد عيد تي تڙ ڪن ۽ ٽئين ٽئين مهيني به نم جو ڏندڻ، يانصيب ٿئين.

---

soorihsindhiadab

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تبصرو

(٣)

"مسڪين جهان خان کوسو"

[هيءُ تبصرو، ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تان،
٢٧ آگسٽ ١٩٦٧ع تي نشر ڪيو ويو].

هونءَ جيڪر ڪنهن غريب ماڻهو جي سوانح عمري مشڪل سان ڪو پڙهندو، مگر مصنف جي لکڻيءَ جي خصوصيت اهڙي مزيدار آهي، جو ڪتاب پوري ڪرڻ کان سواءِ رهي نہ سگهندو. مصنف ڳالهہ مان ڳالهہ پيدا ٿو ڪري، جنهن مان پڙهندڙ لاءِ دلچسپي پيدا ٿي ٿئي، تہ پلا پوءِ ڇا ٿيو؟ تان جو ويندو اڳتي پڙهندو.

هيءُ ڪتاب، عام سوانح عمري جي ڪتابن وانگر نہ آهي. مصنف، سوانح عمري لکڻ جي پنهنجي طرز ايجاد ڪئي آهي، منهنجي نظر مان سوانح عمري لکڻ جو اهڙو نمونو سنڌي زبان ۾ اڳ ڪي ڪونہ گذريو آهي. انهيءَ طرز ڪي آءٌ جيڪر بيانيہ انداز جو نمونو سڏيان تہ بجا ٿيندو، ڇاڪاڻ تہ مصنف، هڪ نڪتو بيان ڪري ٿو ۽ ان جي وضاحت ڪندي، ان جو ڇيڙو ٻئي نڪتي جي منڍ سان ڳنڍيندو وڃي ٿو. تنهنڪري عبارت ۾ دلچسپي پيدا ٿيو پوي. انهن بيانن جي وچ ۾ ممدوح بابت هن جي عادت، خصلت، رهڻي ڪهڻي وغيره بابت معلومات

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڏيندو وڃي ٿو. اهڙي طرح سوانح عمري لکندو وڃي. ڪن نڪتن بيان ڪرڻ وقت مصنف نه رڳو اسان کي ممدوح جي سوانح بابت خبرچار ٿو ڏئي، پر ملڪ، قوم ۽ زماني جي ماحول، لاهين، چاڙهين بابت به ڪجهه ٻڌائي ٿو، جي حقيقت ۾ نه رڳو معلومات سان پر هوندا آهن، بلڪ حقيقت تي مبني هوندا آهن ۽ اسان کي خبر پوندي آهي ته اڳي دنيا ۾ ڇا وهيو واپريو هو، بلڪ موجوده دور ۾ به ڇا ٿي رهيو آهي. اها خصوصيت تمام گهڻ تحريرن ۾ نظر ايندي. گويا هڪ سوانح عمري پڙهندي اڳئين حال جي تاريخي ماحول جي نه رڳو پيٽ پيئي ٿيندي، بلڪ تصوير فلمي پردي وانگر نظر جي اڳيان پيئي ايندي.

مصنف جي عبارتن مان مجال آهي، جو ڪو پڙهندڙ ڪڪ ٿئي، ڇاڪاڻ ته عبارت ۾ ظرافت جي چاشني ايتري عام جام آهي، جو پڙهندڙ مشڪڻ يا ٽهڪ ڏيڻ کان سواءِ رهي نه سگهندو. هي ڪتاب، سوانح عمري جي شمار ۾ هڪ نئون اضافو آهي.

---

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جناب عبدالشڪور "منشي"

(روزنامہ خادم وطن ۳۰- آگسٽ ۱۹٦٧ع)
(روزنامہ هلال پاڪستان ۳۱- آگسٽ ۱۹٦٧ع)

تبصرو

(۴)

مسڪين ۽ مجنون

جتي ويجهڙائيءَ ۾، پير علي محمد راشدي صاحب جي ڪتاب — "اُهي ڏينهن، اُهي شينهن" — سچي سنڌ جي اعليٰ ادبي تصانيف ۾ انقلاب پيدا ڪري، سنڌي ادب ۾ هڪ جديد موڙ جو آغاز ڪري، اسان جي پياري ٻولي ۽ ادب جو مرتبو بلند ڪيو آهي، اتي محترم "مجنون" صاحب جي زير تبصره تصنيف، انهن اديبن ۽ مصنفن لاءِ گويا هڪ چئلينج آهي، جي پنهنجي قلم جا جواهر پارا صرف وڏن ماڻهن، وڏن خاندانن جي حمد و ثنا ۾ صرف ڪندا رهن ٿا، يا گل و بلبل ۽ شمع و پروانہ جي داستان تي دماغ سوزي يا قلم ريزي ڪري قوم ۾ ذهني عياشي پيدا ڪري رهيا آهن.

محترم "مجنون" صاحب جي تازي تصنيف پڙهندڙن جون دليون، محفلن جي دلفريب ڪشش ۽ عشق جي مستانہ وار داستانن ۽ وڏين هستين جي ٺلهين خوشامدن کان هٽائي، انهيءَ دنيا ڏانهن راغب ڪري رهي آهي، جتي سچائي، غريبن ۽ مسڪينن جي خدمت، قرباني ۽ وطن لاءِ محبت جو دور روان آهي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

زماني جي موجوده تيز رفتار ڪري، سياسي حرفت بازي ۽ معاشرتي رنگ و بو جي ماحول ۾ اسان اڳيان سنڌي ادب ۾ هڪ اهڙي شخصيت کي درجهٔ امتياز ڏيئي، محترم "مجنون" صاحب پيش ڪيو آهي، جيڪو سچ پچ هڪ مسڪين آهي، جنهن جو گهر، خدا جي وسيع زمين آهي ۽ جنهن جو ادارو هڪ لٺ، اخبارن جو پلندو ۽ چند ڪورا ڪاغذ ۽ قلم دوات تائين محدود آهي ۽ جنهن جو نصب العين آهي خدمت خلق.

"مجنون" صاحب، "مسڪين" کي، سنڌي معاشري ۾ هڪ ممتاز حيثيت بخشي آهي، جنهن اڳيان اسان جا اعليٰ سياستدان، عملدار، معاشرتي ڪارڪن، جيڪر شرمساري کان ڪنڌ جهڪائي ويهن. سنڌ جي تعليم يافته ۽ باشعور طبقي مان جيڪڏهن فقط پنج سيڪڙو، "مسڪين" جهڙي جذبات سان سرشار هجن، ته هي اسان جي سنڌ، جيڪر ڪنهن مسئلي جي محتاج ئي نه رهي.

"مسڪين" جي هستي ترين لاءِ، ٿر جي غريب ٿري طبقي لاءِ، ترياق جو اثر رکندي هجي، پر جنهن سهڻي انداز، نجي ٿري ٻولي، عالمانه قابليت ۽ آسان ٻوليءَ ۾ "مجنون" صاحب هن کي سنڌ جي ادبي دنيا ۾ پيش ڪيو آهي، تنهن لاءِ "مجنون" صاحب مبارڪ جو مستحق آهي. ڪتاب ۾ "مسڪين" جي حياتيءَ جو احوال ته آهي، پر ٿر جي حالات، مناظر، مسئلن ۽ عام ماڻهن جي زندگيءَ کي جنهن بيباڪيءَ، صاف گوئيءَ ۽ دلي صداقت سان "مجنون" صاحب پيش ڪيو آهي، تنهن نه رڳو پڙهندڙن جي دلين ۾ انهيءَ وسريل علائقي لاءِ محبت پيدا ڪئي آهي، پر خود "مجنون" صاحب لاءِ سنڌي ادبي دنيا ۾ ادبي ۽ اخلاقي مقام قائم ڪيو آهي، جنهن پنهنجي قلم، دماغ ۽ دل جون سموريون خوبيون "مسڪين" جي قدمن ۾ نذر ڪري ڇڏيون آهن. انهيءَ ڪتاب پڙهڻ بعد

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اسان جي نظرن اڳيان انگريزي ادب جي انهيءَ مايهء ناز مصنف مئڪالي جي تصنيف "ڊاڪٽر جانسن" فوري اڳيان اچي وڃي ٿو، جنهن ۾ ڊاڪٽر جانسن جهڙي هڪ غريب مگر اعليٰ ادبي شخصيت لاءِ مئڪالي، پنهنجي لاجواب انداز تحرير ذريعي هڪ اعليٰ ترين مقام مهيا ڪيو هو. اسان کي پنهنجي گهر اندر افسوس ٿو ٿئي جو سنڌ جي ٻن مايهء ناز شاعرن محمد صديق "مسافر" ۽ حافظ "بسمل" ٽکڙائي بابت خود سندن شاگردن، جن کي گهڻو ئي ادبي گهمنڊ آهي، اڃا سوانح حيات مرتب نه ڪئي آهي ۽ اسان جي ادب کي انهن غير فاني هستين کان تشنه رکيو آهي. انهن جي مقابلي ۾ "مجنون" صاحب، "مسڪين" جي غير فاني هستي کي، ادبي دنيا ۾، بيشڪ هڪ امر درجو بخشيو آهي.

جيڪڏهن مارئي ۽ هن جي حب الوطني کي اسان جا وطني دوست وساري ويٺا آهن، ته اجهو "مسڪين" ترين بابت "مجنون" صاحب جي تازه ترين تصنيف "مسڪين جهان خان کوسو"، سندن سڻل جذبات کي جاڳائڻ لاءِ بيشڪ هڪ نعره مستانه آهي، جنهن کي "مجنون" صاحب مرتب ڪري، سنڌ ۽ سنڌين جي وڏي خدمت ڪئي آهي!

تبصرو

(٥)

مسڪين جهان خان کوسو

سوانح نگاري هڪ نهايت ئي ڏکيو فن آهي. هڪ ماڻهو جي زندگي جو احوال، اهڙي پيرايي ۾ پيش ڪرڻ، جو هن جي پوري شخصيت، پڙهندڙ جي سامهون اچي بيهي، ڪو معمولي ڪم نہ آهي؛ ان لاءِ وڏي لياقت ۽ اهليت ۽ سڀ کان وڌيڪ ديانت جي ضرورت آهي. پر جناب محمد بخش بلوچ ”مجنون“ پنهنجي زير نظر ڪتاب ۾، ٿرپارڪر جي مشهور سماجي ڪارڪن، جناب ”مسڪين جهان خان کوسو“ جي سوانح، اهڙي تہ انداز ۾ پيش ڪئي آهي، جو اهو ڏکيو ڪم، بلڪل آسان ٿو نظر اچي. سوانح تي اسان بہ ڪيترائي ڪتاب پڙهيا آهن، پر جيڪو اسلوب جناب محمد بخش، هن ڪتاب ۾ اختيار ڪيو آهي، سو بلڪل نرالو آهي ۽ اسان کي اڄاتائين ڪنهن بہ سوانح جي ڪتاب ۾ نظر نہ اچي سگهيو آهي.

ڪتاب سڄو مزاحيہ ڍنگ ۾ لکيل آهي. ڪن هنڌن تي فقرن ۽ جملن جي سٽا اهڙي عمدي آهي، جو ٽهڪ نڪري وڃي! پر انهيءَ مزاحيہ اسلوب هوندي بہ ڪنهن هنڌ ”مسڪين جهان خان“ جي ذات سان، ڪو چرچو ڪيو ويو آهي ۽ نہ

soorhsindhiadab

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

وري انهيءَ انداز سان، جو "مسڪين" جي شخصيت ڪي ڪا ضرب رسي سگهي. "مسڪين جهان خان ڪوسي"، جي زندگيءَ جو احوال اهڙي تہ دلچسپ ۽ پراثر انداز ۾ لکيو ويو آهي، جو ڪتاب کي پڙهڻ سان "مسڪين"، جي تصوير، هوبهو پڙهندڙ جي سامهون اچي بيهي ٿي. يانئجي ٿو تہ جناب محمد بخش، "مسڪين" جي زندگيءَ جي هرهڪ پهلو جو باريڪ بينيءَ سان مطالعو ڪيو آهي. هي ڪتاب ۽ ان جو دلچسپ اسلوب، پڙهندڙ تي هي تاثر ڇڏي ٿو تہ "مسڪين"، صحيح معنيٰ ۾ هڪ انسان آهي ۽ هن کي، هر انسان سان محبت آهي، پوءِ ڪٿي هن جو رنگ روپ ۽ ذات پات ڪهڙي بہ هجي! ڪتاب پڙهڻ کان پوءِ، محسوس ٿئي ٿو تہ "مسڪين جهان خان ڪوسو"، جيڪو قاتل ۽ ميرا ڪپڙا پايو، اخبارن جا بنڊل ڪڇ ۾ وجهو، اخبارن ۽ آفيسن جي درن جا چڪر ڪاٽيندو رهي ٿو، سو هڪ عظيم انسان آهي ۽ هن جي سيني ۾، اهڙي دردمند دل آهي، جا هر ڏکويل انسان جي درد تي ڪڙهي ٿي.

ڪتاب، جيئن اسان اڳيئي چيو آهي، مزاحيہ ڍنگ ۾ لکيل آهي، پر ان ۾ استعمال ڪيل منڙي، سباجهڙي ۽ سهڻي بوليءَ، ڪتاب جي شان کي دوبالا ڪري ڇڏيو آهي. ڪتاب ۾ سليس، پر نهايت ٺي سٺي ۽ ٺيٺ سنڌي بولي، ڪم آندي ويئي آهي. ڪتاب ۾، "مسڪين جهان خان ڪوسي" جي ذات کي، اجاگر ڪرڻ کان علاوه، ٿر جي حالتن جو بہ عمدو نقشو پيش ڪيو ويو آهي. اهڙي عمدي ڪتاب پيش ڪرڻ لاءِ، جناب محمد بخش "مجنون"، يقيناً مبارڪباد جو مستحق آهي. اهو ڪتاب، جناب محمد بخش "مجنون" جي بهترين ڪوشش آهي ۽ ان مان اهو معلوم ٿئي ٿو تہ هن صاحب ۾، پختہ اهل قلم جون صلاحيتون موجود آهن.

—

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

علامه-لطف الله بدوي (مرحوم)

موقر هفت روزه "آزاد" ڪراچي ١٩-آگسٽ ١٩٦٨ع

ڏبصرو

(٦)

"مسڪين جهان خان کوسو"

ٿورا مهينا ٿيا، اخبارن ۾ "مسڪين جهان خان کوسي"، جي ٿر جي متعلق، هڪ اصلاحي تحرير ڏٺي هيم. "مسڪين جهان خان" نالو، جهان کان اور قسم جو ڏنم: قلب تي وڏو اثر پيو! اخبارن ۾ تحرير پڙهيم، تحرير ۽ "مسڪين جهان خان" جو نالو، ٿوري وقت کان پوءِ وسري چڪو. ٿورا ڏينهن ٿيا ته منهنجي هڪ دوست، "مسڪين جهان خان کوسي" کان واقف ڪيو. فراموش ٿيل حقيقت وري ذهن ۾ اچي وئي ۽ لکيومانس ته مهرباني ڪري، ان تصنيف ڪي، مون ڏانهن موڪلي ڏيو ته مان به ان شخصيت جو، غائبانه تعارف حاصل ڪريان، جنهن جي نالي ڪي، اخباري دنيا ۾ ڏسي چڪو هوس. مون ڪي بي انتها خوشي ٿي، جو مصنف، مهرباني ڪري، مون ڏانهن پنهنجي تصنيف ڏياري موڪلي. ڪتاب ڪي مان وڏي شوق مان، ابتدا کان وٺي، انتها تائين پڙهيو. "مسڪين جهان خان" جي درويشانه ۽ مخلصانه زندگيءَ کان زياده، مون ڪي ڪتاب جي مصنف ڪي داد ڏيڻي پيئي، جنهن هڪ مخلص انسان جي سوانح حيات ڪي پيش ڪري، ڏيکاريو آهي ته جواهر کان وڌيڪ جوهري، تعريف جو مستحق آهي، جو اسان ڪي ٻڌائي ٿو ته

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جواهر جون کهڙيون خصوصيتون آهن ۽ ان جو صحيح قدر ۽ قيمت ڇا آهي؟

ادب ۾ جدا جدا صنف ٿين ٿا، انهن مان "سوانح حيات"، کي لکڻ به، پنهنجي جاءِ تي، هڪ جدا صنف آهي. محترم "مجنون" بلوچ، هن صنف جو باڪمال مصنف ٿو نظر اچي! سنڌي ادب ۾، هن صنف کي، اچا پورو مقام حاصل ٿي نه سگهيو آهي. آڱرين تي ڳڻڻ جيترا ڪتاب، اسان کي، هن صنف ۾، ميسر ٿي سگهندا؛ مگر مصنف جي تحرير مان معلوم ٿئي ٿو ته هن، ڪتاب جي تيار ڪرڻ ۾، وڏي محنت کان ڪم ورتو آهي. ننڍين ننڍين حقيقتن مان موثر نتيجي جي حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. هيءَ سوانح حيات، هڪ زنده شخص جي آهي؛ مگر ان جون بي لوث خدمتون، ايتريقدر ته عزت جي لائق آهن، جو رشڪ ٿو اچي ته اسان، ان کان بي نصيب آهيون! خوش قسمت آهي ملڪ جو اهو خطو، جنهن ۾ خلق خدا جا گهڻگهرا، اهڙيءَ ريت پنهنجي زندگي، خدمتِ خلق ۾ بسر ڪن ٿا، جنهن لاءِ نه ڪنهن انعام جي خواهش آهي، نه شهرت جي ضرورت!

منهنجي نظر ۾ "مسڪين جهان خان کوسو"، انهن باصفا صوفين مان آهي، جن جي زندگي، خدا جي بندن جي خدمت ۾ صرف ٿيندي رهي ٿي. سندن حيات جو مقصد، جهان کان علحده ٿو ٿئي ۽ هو، هن زندگيءَ جي منزلن کان گذرندي، پنهنجي خالق کي سڃاڻي وڃن ٿا. سندن نند عبادت آهي، جاڳڻ حقيقي مان! پٽائي، اهڙين ئي شخصيتن لاءِ فرمايو آهي:

روزا نمازون، ايءُ پڻ چڱو ڪم،
پر او ڪو ٻيو فهم، جنهن سان پسجي پرينءَ کي!

"مسڪين جهان خان" جهڙا انسان، دنيا ۾ روز روز پيدا نه ٿيندا آهن! اهڙائي انسان، انسانيت جو فخر ٿيندا آهن!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هن حقيقت کان ڪير انڪار ڪري ٿو سگهي ته آدميت جي صحيح نشاني آهي، آدميءَ جي سڃاڻ!؟ جو ماڻهو، هن سعادت کان بهره ور آهي، اهو انسان آهي؛ جو ان کان محروم آهي، سو حيوان آهي. هن ڪسوٽيءَ تي اسان، هرهڪ انسان کي هڻي، آسانيءَ سان معلوم ڪري سگهون ٿا ته هن دنيا ۾، ڪيترا انسان آهن ۽ ڪيترا انسان نما حيوان!؟

مبارڪباد جو مستحق آهي، محترم "مجنون" بلوچ، جنهن اسان کي، هڪ اسلامي، فراموش ٿيل سبق، ياد ڏياريو آهي، جڏهن مسلمان، انسانيت جي خيرخواهيءَ جو بار، پنهنجي سر تي کڻي، ان جي اصلاح جي تڪميل ڪئي هئي ۽ ائين ڪندي، جابر کان جابر طاقتن اڳيان به، سر نه جهڪايو هو!

---

soorihsindhiadab
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جناب مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي

موقر سه ماهي ”الرحيم“ حيدرآباد سنه ١٩٦٨ع

تبصرو

(٧)

”مسڪين جهان خان کوسو“

هن ڪتاب ۾ ڪنهن نواب، وڏيري، رئيس ۽ سنڌ جي سياسي ليڊر وغيره جو احوال نه لکيو ويو آهي، پر هن ۾، ”مسڪين جهان خان کوسي“، جي سوانح کي اهڙي سهڻي سنڌي ٻوليءَ ۾ سهيڙيو ويو آهي، جو ڪوبه سنڌي سچڻ هڪ ڀيرو هيءُ ڪتاب هٿ ۾ کڻندو، ته ان کي پڙهي پڇاڙيءَ کان اڳ نه ڇڏيندو.

ڪتاب جي پيش لفظ ۾ ”مجنون“ صاحب، جو هي لکيو آهي ته ”مسڪين، خود مڃيندو ته مون، سندس سوانح حيات لکڻ ۾، نه ته ڪا ڪنجوسي ڪئي آهي ۽ نه مبالغي کان ڪم ورتو آهي. مسڪين جيڪي ڪجهه آهي، برو يا ڀلو، عوام اڳيان اصلي روپ ۾ آڻي ٻهاريو اٿم.“

اسان جي راءِ ۾، فاضل مصنف، ڪوبه وڌاءُ نه ڪيو آهي. اهو سندس تحرير ۽ قلم جوئي نتيجو آهي، جو ”مسڪين“ جي لفظن ۾، اُها ته تصوير ڪڍي اٿس، جو پڙهندڙ کي اهو پيو محسوس ٿئي ته ڄڻ هو ”مسڪين“ کي، پنهنجي اکين سان پسي ۽ ان جي قومي خدمتن کي ڏسي رهيو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

عربي ادب ۾ مقامن لکڻ جو هڪ فن آهي، جنهن ۾، ڪنهن فرضي شخصيت کي آڏو رکي، ان جا ڪارناما اهڙي ته ادبي رنگ ۾ لکيا ويندا آهن، جو انهن جي پڙهڻ مان هڪ پاسي ادبي چاشني ۽ مزو ملندو آهي ته ٻئي پاسي، انهن واقعن جي فرضي هجڻ ڏانهن، ڪو وهم و گمان به نه ويندو آهي، هن فن ۾ همداني ۽ حريريءَ جو اعليٰ مرتبو ليکيو ويندو آهي. ڳهڻو اڳ، سنڌ جي هڪ نوجوان برک اديب، ۽ عالم، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب، ”لعلڻ خان لغاري“ تي سنڌيءَ ۾ هڪ ٻه مجلسون يا مقام لکيا هئا، جي ان سلسلي کي پورو ڪن ها ته سنڌي ساهتيه ۾، ان جي منفرد حيثيت هجي ها. اسان جي نوجوان اديب، جناب محمد بخش ”مجنون“ صاحب، جس لهڻي، جنهن هڪ بي نظير زنده شخصيت، ”مسڪين جهان خان کوسي“ جي سوانحي خاڪي کي دلچسپ ۽ سولي، سلوڻي سنڌيءَ ۾ لکي، سنڌي ساهتيه ۾ وڏو اضافو ڪيو آهي. هن جو هيرو حريري وانگر ڪا فرضي شخصيت نه آهي ۽ نڪي اهڙو انسان آهي، جو اندر ۾ هڪ ۽ ٻاهر ٻيو هجي. ”مسڪين“ اندر ۽ ٻاهر ٻنهي ۾ هڪجهڙو آهي. هو پنهنجي ذاتي نفعي کان ڪوهين پري رهي، هارين، نارين ۽ بيواهن جي مدد ۽ واهر ۾ پيو وقت گهاريندو آهي. انسان ذات جي محبت جو مظاهرو ان کان وڌيڪ ٻيو ڪهڙو ٿي سگهي ٿو، جو ”مسڪين جهان خان“ کي گيڏيو (لڪڻ) هٿ ۾ ۽ وتي هلندو، عام پلي جي ڪمن ۾!؟

اسان جي ناقص راءِ ۾، مرحوم الهه بچائي سمي جي ”سير ڪوهستان“ ڪتاب کان پوءِ، هي ٻيو سنڌي ڪتاب آهي، جنهن جي سٽا لاجواب ۽ ٻولي اهڙي ته ٻاجهاري رکي وئي آهي، جو سهل ممتنع پيو معلوم ٿئي. ڪتاب جو سرورق تي ”مسڪين جهان خان کوسي“، جي تصوير پڻ ڏني وئي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

آهي، جا سندس ذوق جي عڪاسي ڪري رهي آهي ۽ گيڏيو ٻه گڏ ڏيڪاريو ويو آهي. ڪتاب جي تعارف وارن صفحن ۾، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب، پنهنجي مضمون ۾، مصنف جو احوال ڏيندي، آخر ۾ لکن ٿا: ”نه صرف سندس حسن انتخاب لاءِ ڪيس جس، پر سندس بيان لاءِ ڪيس آفرين. فن سوانح نگاريءَ ۾ سندس هيءُ ننڍڙو ڪتاب يادگار رهندو.“

---

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تبصرو

(٨)

مسڪين جهان خان ڪوسو

هي ڪالهه واري قيس، ”مجنون“ نہ! مگر اڄ جي ”مجنون“ جي فڪري ۽ فني ڪاوش جو نادر نتيجو آهي. قيس قابل هو، پر ليليٰ جي محبت ۾ ”مجنون“ ٿي، صحرا نوردي ڪندو رهيو، هي ماحول ناسازگار ڏسندي بہ ادبي دنيا ۾ اچي، پنهنجون ادبي صلاحيتون ڏيکاري رهيو آهي. بقول اظهر گيلاني:

اسين وجود ۾ آياسين وقت کان اول،
اسان جي لاءِ نہ ماحول سازگار آهي.

حالانڪ هي حضرت ”مجنون“ جو پهريون قدم آهي، مگر فڪر و فن، ثابت ڪري رهيو آهي، تہ ڪنهن پراڻي فنڪار جي عمدي فڪر جو نتيجو آهي. بلاغت ۾ بليغ، نظر ٿو اچي، سلاست ۾ سليس، زبان بامحاوره، هر جملو جاذب، هر سطر موزون، سلسلو برقرار، بي مثال پهاڪا ۽ ورجيسون، حڪايتون ۽ شڪايتون، هدايتون ۽ نصيحتون، ظرافت جي اوٽ ۾ حقيقت جو انڪشاف، الفاظ جي مينڍ تي معنيٰ جو غلاف. جڏهن کان انسان کي تحريري قوت عطا ٿي آهي، تڏهن کان وٺي، اهلِ قلم حضرات، هر صنف تي دل کولي لکندا رهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٿا. هن کان قبل، سوانح ۽ سيرت تي به انيڪ ڪتاب لکجي چڪا آهن. مگر جيئرن تي ڪنهن به اديب ۽ شاعر انهيءَ نموني، قلم کي. گردش ۾ نه وڌو آهي، جيئن ”مجنون“، ليليٰ جي محبت ۽ عقيدت سان، ”مسڪين جهان خان“ تي قلم کنيو آهي. ”جهان خان کوسو“، نه هادي، نه رهبر، نه تارڪ الدنيا ۽ نه قلندر آهي. جيڪڏهن انهن اکين سان ڏسبو، ته سيني صفتن سان مزين نظر ايندو. ”مسڪين جهان خان“، هڪ غريب انسان آهي، هو امير گهر ۾ پيدا ٿي به نهايت غريب آهي، هن جي غريب طبقي سان محبت ۽ همدردي آهي. هو هڪ غريب جو غم، پنهنجو غم تصور ڪندي، پنهنجي عزيز جان جي پرواه نه ڪندي، پرواني جي مثل، شعله دار شمع جي مثان ڪري، سرساه صدقي ڪري ٿو. هن جي رڳن ۾ ملڪ لاءِ، مارئي وارو جذبو ۽ غريب ماڻهن واسطي دل ۾ رحمت جهڙي محبت موجود آهي. شل نه ڪنهن غريب جي اک اٿي، هن جون اکيون آبشار وانگر پيون جالارو جر وهائينديون، حرام جو اک لڳيس، جيستائين ڪ هن جي اک نه لڳي. جيڪڏهن بدقسمتيءَ سان، ڪنهن غريب جي جهوپڙي، جهري پئي ته ايتري تائين، آن ۽ پاڻي اکين سان نه ڏسبو، جيستائين ڪ اهو جهڳو جڙي، راس نه ٿئي. ”الا جهري م ُ شال غريبن جي جهوپڙي“، جيڪڏهن اهڙا مثال گڏ ڪبا، ته هڪ ضخيم ڪتاب، تيار ٿي ويندو. مطلب ته ”مسڪين جهان خان“ محنت جو عادي آهي، ان کي محنت ڪندي عار ڪونهي! پاڻ محنتي ۽ محنت ڪندڙ گروه جو حامي ۽ مدح خواهان آهي. هن جو مقصد آهي، ته هرهڪ انسان سچائي سان، محنت ڪري، هڪ طرف وطن جي چمن کي، سرسبز ۽ شاداب رکي، ٻي طرف، پاڻ کي خوشحال بڻائي، پنهنجا حقوق حاصل ڪري. ”مسڪين جهان خان“ چيا آهي، پاڙي وارا ڇو سمجهن؟“ ”پنهنجو پير چله جو مارنگ يا چراغ جي هيٺان اونداهي“،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

دنيا جو ڪهڙو قصور؟ ”انڌي جي اڳيان، عالم انڌو يا انڌي جي اڳيان روئڻ، اکين جو زيان“. افسوس آهي، جو ”مسڪين جهان خان“ کي پنهنجي به خبر ڪانهي!!

هو، ڪن جي نظرن ۾ ڌاڙيل، رهزن، قاتل، ٻر ٻار، رت جو بکيو، سوسائٽي جو دشمن آهي. ڪن جي نگاه ۾، قرباني جو مجسمو، صداقت جو پرستار، همدرد ۽ غريب پرور آهي.

ڪن جي چاهه ۾ مفڪر، اديب، شاعر، سگهڙ، فيلسوف آهي. دراصل هو صاف دل، ڪيني ۽ ڪدورت کان پري، لوڀ ۽ لالچ کان ڪنارو ڪندڙ، محبت ۽ مساوات جو علمبردار آهي. انسان دشمن جو، جاني دشمن، هڪ اهڙي دنيا جي تعمير ۾ مصروف، جنهن ۾ غريبي ۽ اميري جو امتياز آهي ئي ڪونه! جنهن ۾ بک ۽ اُڃ جو وجود ناپيد، جنهن ۾ ڦر، لٽ جو نالو نشان گم، جنهن ۾ سک ۽ سانت، همدردي ۽ حميت، سستي ۽ ڪاهلي ڪافور، جنهن ۾ هنر ۽ حرفت، جنهن ۾ محبت جي عزت ۽ مٿاهون مقام، ”مسڪين جهان خان“ جي روح جو آواز آهي ته ”مون کي امير، اميرن جي قربت، اميرن جي دنيا، اميرن جي مذهب، پنهنجي گهر، الغرض خود پنهنجي ذات کان به نفرت آهي“. هي ڪالهوڪي ممتاز دمساز جو ڪوڙو قصو، الف ليليٰ جو جڙتو داستان، اڏ ٽڳ جي من گهڙت آکاڻي نه آهي.

مگر اخلاقي آرسي ۾، هڪ مردِ خدا جي، مثالي سيرت آهي. هن هڪ ڪتاب ۾، ڪيئي ڪتب سمايل آهن. اوراق گرداني سان، ناصحانه ۽ عارفانه نڪات ملندا. هي ڪتاب، ڊيمي سائيز ۾، جديد ٽائيپ سان، سفيد ڪاغذ تي، صحت ۽ صفائي سان ڇپيل آهي. نيم پختي جلد ۾ بند سرورق تي اڳيان ”مسڪين جهان خان“ جي ۽ آخر ۾ حضرت ”مجنون“ جي تصوير آهي. هي ڪتاب، هر مڪتبہ خيال لاءِ موزون، هرلائبريري جي لائق ۽ هر صاحبِ هوش جي مطالع جي قابل آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جناب قاضي عبدالمجيد ”عابد“

موقر روزنامہ ”عبرت“ ۸- سپٽمبر ۱۹٦۷ع

تبصرو

(۹)

”مسڪين جهان خان ڪوسو“

مسٽر محمد بخش بلوچ، تخلص ”مجنون“ جي تازه ترين تصنيف، ”مسڪين جهان خان ڪوسو“، هڪ ملازمت پيشہ شخص جي زور قلم جو، انوکو ۽ انمول شاهڪار آهي. جنهن کي ادب نواز حلقا، قدر جي نگاهن سان، ڏسڻ کان سواءِ رهي نہ سگهندا. ڪٿا هڪ اسم بامسمىٰ مسڪين، سماجي ڪارڪن، ”جهان خان ڪوسو“ ۽ ڪٿا هڪ انصاف جي ڪرسي جي زينت، گنهگار انسانن جي سزا ۽ جزا تعين ڪرڻ وارو صاحبِ اختيار و لامتياز بلوچ صاحب! ”مسڪين جهان خان ڪوسي“ جي سوانح لکڻ سان ”مجنون“ صاحب، اهو ثابت ڪيو آهي، تہ مصنف، بذات خود، اهلِ قلم هجڻ کان علاوه هڪ اهلِ دل ۽ انسان دوست انسان آهي. ڪتاب جو تفصيلي جائزو ۽ تنقيد تہ لکڻ وارا لکندا، مگر راقم الحروف جي شخصي تجربي مطابق، ”مسڪين جهان خان ڪوسي“ کي، اهڙي تہ دلچسپ پيرايي ۾، پيش ڪيو ويو آهي، جو نہ فقط ڪتاب شروع ڪري، ان کي پورو پڙهڻ کان سواءِ ڇڏي نٿو سگهجي، بلڪ بار بار پڙهڻ تي دل ٿئي ٿي. ”مسڪين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جهان خان کوسي" جي شخصيت، بلند اخلاق، مثالي ڪردار، اصحابن وارا اطوار، قرباني ۽ ايثار هن گذريل زماني جي لحاظ کان، هر تعريف ۽ توصيف جا مستحق آهن. موصوف جي بي لوث فطرت، سادگي ۽ خدمتِ خلق جو ذڪر، هن کان اڳ "سنڌ جي سياست" ۾، غيرجانبدار به ڪري چڪو آهي؛ ليڪن مذڪور مضمون جي نوعيت صاحبِ تحرير کي اختصار بيان تي قانع بنايو ته ڏسجي. "مجنون" صاحب، "مسڪين" جي ذاتِ گراميءَ تي تفصيلي تحرير لکي، سنڌي ادب جي خدمت به ڪئي آهي ته ان سان گڏ، قوم ۾ پين مسڪينن جي پيدا ٿيڻ لاءِ، راهه هموار ڪئي آهي. ڪاش! جي احياءِ سنڌي ادب خاطر، "مجنون" صاحب، پنهنجو ذوقِ تحرير، قائم رکي سگهي.

---

soorihsindhiadab
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جناب "محسن" ڪڪڙائي

موقر روزنامہ "عبرت" ۱۳-سپٽمبر ۱۹۶۷ع

تبصرو

(۱۰)

مسڪين جهان خان کوسو

سنڌي ليکڪن جي لسٽ ۾، "مجنون" باوچ جو نالو بلڪل نئون ۽ سندس تصنيف، "مسڪين جهان خان کوسو" ادبي دنيا لاءِ بنهہ پهرين ۽ نئين آهي. هونءَ تہ ڪئي ڪاڏڪ "مجنون" دنيا ۾ کوڙ پيا ملن، پر سچا پچا "مجنون"، نس پس سرويچ ۽ سون ۾ تورڻ جهڙا، سنوان سڌا "مجنون"، ڪي "بلوچ" ئي ملن تہ مڃان، نہ تہ هن قحط الرجال ۾، پورو ماڻهو ملڻ بہ محال آهي، چہ جائيڪہ "انسان"!

"مجنون" بلوچ جي تصنيف، "مسڪين جهان خان کوسو" هڪ مولائي مڙس جي سوانح حيات سهي، ليڪن "مجنون" جي روان دوان ٻوليءَ، بي ساختہ لفظن جي پوچ ۽ طنز و مزاح جي آميزش هن ڪتاب کي، "قوس قزح" بنائي وڌو آهي. ڳالهہ مان ڳالهوڙو نہ، پر ڳالهہ مان ڳالهہ پيدا ڪري، مصنف، سوانح نگاريءَ جي گلشن ۾ ڪيترن ئي دلڪش، دلفريب، خوشبودار ۽ رنگين گلڙن جو اضافو ڪيو آهي.

"مجنون" بلوچ جي هيءَ تصنيف، منهنجي نظر ۾، "روايت" سان "بهترين بغاوت" جو درجو رکي ٿي. سوانح حيات

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هجي تہ ڪنهن زبردست عالم فاضل جي، ڪنهن امير ڪبير جي، ڪنهن ليڊر جي. هڪڙي غريب ۽ مسڪين، (سوبہ زنده) ڪوسي بروچ ڪي، ڪير ٿو ڏسي ۽ پڇي؟ پر جي ڪٿي ڪو ڏسي ۽ پڇي بہ سهي تہ ڪير ٿو ويهي مٿس لکي ۽ ڪاڳر ڪارا ڪري!! اهو جنون ئي چئبو، اها چريائي ئي چئبي! ڏسڻ لاءِ اکيون تہ هرڪنهن کي، رب ڏنيون آهن، پر اک اها، جا ”کک هيٺان لک“ ڏسي ۽ پسي سگهي. پوءِ اها اک مجنونءَ (قيس) واري هجي يا ”مجنون“ بلوچ جي! هر طرح اها لائق صد احترام آهي.

مان، ”مجنون“ بلوچ جي ان نگاه، انهيءَ حوصلي ۽ ان وسيع النظريءَ تي، ڪيس بي انداز مبارڪون ڏيان ٿو، جو پاڻ وڏو ماڻهو هئڻ جي باوجود، هڪ بنهہ غريب، پر لائق انسان سان، سنڌ ۽ سنڌين کي روشناس ڪرايو اٿس. سنڌ ۽ سنڌي ادب تي، ”مجنون“ بلوچ جو اهو لک جو ٿورو مڃبو، جنهن اسان جي زبان ۾، بلڪ سوانحي ادب ۾، هڪ بهترين اضافو ڪرڻ سان گڏ، هڪ بهترين بغاوت جو سنگ بنياد رکيو آهي. بقول ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، ”جهان جا خان“ بہ ڪوڙ، پر ڪا ”کک هيٺان لک“ ڏسڻ ۽ پسڻ واري نگاهہ هجي.

ڪتاب ڊيمي سائيز ۾، هجڻ سان گڏ سٺس ڇپائي عمده، پنو سٺو ۽ ٽائيٽل تي ممدوح جي تصوير ۽ ٻين تصويرن سان سينگاريل آهي.

—

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جناب نياز همايوني

موقر روزنامہ "نوائي سنڌ" ۴- نومبر ۱۹۶۷ع

تبصرو

(۱۱)

"مسڪين جهان خان کوسو"

سنڌ علائقي ۾، ٿرپارڪر هڪ اهڙو عجيب علائقو آهي، جنهن کي ضرورت مطابق خوش قسمت ۽ بدنصيب جهڙا عتاب ۽ خطاب ڏئي سگهجن ٿا. منهنجي خيال ۾ اها رعايت ورلي ڪنهن ٻي علائقي کي حاصل هوندي. هي علائقو بدنصيب ان ڪري آهي، جو هتي جا رهاڪو مفلس ۽ جاهل هئڻ جي ڪري، قدرت ۽ فطرت جي وسيلن ۽ ذريعن مان ڪو فائدو يا فيض ڪٿا وٺي سگهن ۽ خوش قسمت، ان لاءِ آهي تہ هتي اهي هيرا پيدا ٿيندا رهن ٿا، جن جي رتيءَ جي رهاڻ بہ چوڏهن طبق روشن ڪيو ڇڏي.

"مسڪين جهان خان کوسو" بہ انهن هيرن مان، هڪ هيرو آهي، جو هيلتائين گمناميءَ جي غار ۾ پيو رهيو آهي. مگر ميان محمد بخش بلوچ، ڪيس شهود ۾ آڻي، هن جون جيڪي حقيقتون قلمبند ڪيون آهن، تن کي پڙهندي، دل گواهي ڏئي ٿي تہ هي درويش، عوامي ڪارڪن جي حيثيت ۾، ٻي جان هيري جي بدران، جيئرو جاڳندو هيرو آهي.

ڪتاب جي افاديت بابت، سنڌ جي مشهور محقق ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

عالم جناب ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، جي سند وڏي اهميت رکي ٿي، جنهن صاحب لکيو آهي ته ”هن ڪتاب جو لکندڙ ميان محمد بخش پاڻ ڪي، ”مجنون“ سڏائي ٿو، پر خرد کان خالي نه آهي. سندس اکين ۾ ديد ۽ دل ۾ درد آهي. اسان وٽ ”مسڪين“ ۽ ”جهان خان“ موجود آهن، پر ڪين ڪير ٿو سڃاڻي ۽ پڇي! ميان محمد بخش ته ويتر مختيارڪار ۽ مختيارڪارن آڏو چور بڄهن ۽ چٽن. جن کي چور منهن پون، سي ئي چورن کي سڃاڻن. ’مور‘ تي مختيارڪارن جي نظر پوي، سو هڪ معجزو آهي؛ پر ميان محمد بخش، اهو معجزو ڪري ڏيکاريو. مور کي سڃاڻائين ۽ هنج کي هنئين لاتائين. صرف سندس حسن انتخاب لاءِ ڪيس جس، پر سندس حسن بيان لاءِ به آفرين. فن سوانح نگاريءَ ۾ سندس هي ننڍڙو ڪتاب، وڏو يادگار رهندو.“.

جيستائين ڪتاب جي لکڻيءَ واري انداز ۽ اسلوب جو تعلق آهي، ان لاءِ بلاشڪ اها راءِ قائم ڪري سگهجي ٿي ته هي ڪتاب جيئن بي تڪلفيءَ ۽ سلاست سان لکڻ ۾ آيو آهي، تيئن ان کي نون توڙي پراڻن قلمڪارن لاءِ راه جي مشعل چئي سگهجي ٿو. مثال طور ڪتاب جو هي ٽڪرو پيش ڪجي ٿو:

”ڪوسو ۽ مسڪين؟! ڪوڙو ئي ڪونه ٿو لڳي، ڪوسو پئسي پنجر ۾ ڪٺي مسڪين به هجي، پر طبيعت جو مسڪين ڪڏهن نٿو ٿي سگهي. ڪوسو ڪتل ته به خان آهي، جٽي نه آهي ته به جوان آهي. گهر ۾ پل تي ڏينهن دانگي نه به چڙهي هجيس ته به ٻاهر ڪوسو، اهڙي مخرج سان ڳالهائيندو ۽ اها ڏيکاري ڏيندو، جو اڳلو سمجهندو ته مڙس ڪو لک تي مٿو ڌوئي آيو آهي.“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

انهيءَ عجيب عبارت جو پورو اندازو اهو ماڻهو پڪيءَ طرح لڳائي سگهي ٿو، جو محمد بخش صاحب سان روبرو مليءَ ڪچهري ڪري چڪو هوندو. ساڳيو دوستاڻو انداز ۽ دلبرائو ناز، جو منهن سامهون ڏنو ويندو، اهوئي انهن اکرن مان پيو بکي! جڻ چئو ته صاحب پاڻ وينو ٿو ياريءَ باشيءَ ۾ خيالن جي ڏي وٺ ڪري، وينلن جون دليون موهي.

پڇاڙيءَ ۾ مصنف جي هيڏي ساري، پرخلوص محنت ۽ بي لوث خدمت کي ساراهيندي، عام خاص ماڻهن کي هن ڪتاب پڙهڻ جي سفارش ڪجي ٿي ته جيئن، ڪين معلوم ٿئي سگهي ته اسان وٽ به، هڪ رانجهو، لڪن جي مٺ آهي!

جناب محمد بخش ”جوهر“

ماهنامہ ”سنڌي ڊائجيسٽ“ سيپٽمبر سنہ ١٩٦٧ع

تبصرو

(١٢)

”مسڪين جهان خان کوسو“

جناب محمد بخش خان بلوچ ”مجنون جي طرف کان مون کي دعوت نامو مليو، جنهن ۾ منظور چيمبر حيدرآباد ۾، ”شامِ مسڪين جهان خان کوسو“ ملهائڻ جي مجلس ۾، شرڪت لاءِ استدعا ڪئي وئي هئي. دعوت نامي پڙهڻ سان، تصور ئي تصور ۾، ”مسڪين جهان خان کوسو“ اچي سامهون بيهي رهيو. ڪرڙ وڏ شخص، شڪل و شبيه ۾ ”مسڪين“، هڪ هٿ دن تي، جنهن ۾ ڪتاب، رسالا، اخبارون ۽ مس ڪپڙي، ۽ ٻئي هٿ ۾ بي ڊولو لڪڻ. پيرن ۾ چمپل، مٿي تي سنڌي ٽوپي، ڪپڙا بنهہ سادا. هي اهو مسڪين هو، جنهن جا ڏکيا مضمون، جيڪي ٿر جي حالات بابت هوندا هئا، هلال پاڪستان جي ايڊيٽري واري پندرهن سالہ دور ۾ مون وٽ پهچندا هئا ۽ آءٌ ڪجهہ مختصر، وڏين هيڊنگن سان شايع ڪندو هوس. انهيءَ دور ۾، ”مسڪين“، بذات خود، ٻہ-ٽي دفعا دفتر ۾ تشريف بہ فرمائي هئي. چنانچہ انهيءَ ڏينهن آءٌ ”مسڪين“ جي مجلس شام ۾ شريڪ ٿيس. مجلس ۾، مير مجلس جناب محمد بخش خان ”مجنون“، استقباليہ ۾، ”مسڪين“ جو تعارف ڪرايو ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

انهيءَ بعد، تاڙين جي گونج ۾ ”مسڪين“، بنفس نفيس، اسٽيج تي آيو ۽ هيٺئر حاضرين مجلس مان، جن اڳي نہ ڏٺو هو، تن بہ ڏٺو تہ سندن سامهون، ٿر جو اهوئي مقبول عام شخص، ”مسڪين“ بيٺو آهي؛ مگر انهيءَ بعد اسان جي هٿن ۾ هڪ ڪتاب بہ ڏنو ويو، جنهن جي ٽائيٽل تي، ”مسڪين“ جي تصوير هئي. معلوم ٿيو تہ ڪتاب، ”مسڪين“ جي متعلق لکيل آهي ۽ انساني ۽ قومي جذبي هيٺ، جناب محمد بخش ”مجنون“، ”مسڪين“ جي متعلق پنهنجا جذبات، احسات ۽ تاثرات قلمبند ڪري، ڪتاب ڇپائي شايع ڪرايو آهي.

سنڌي زبان ۾ جزوي طور تي ڪنهن مقبول عام شخص جي حياتيءَ تي لکيو ويو آهي ۽ جنهن بابت ڪنهن لکندڙ لکيو آهي، تہ بہ خشڪ نوعيت سان. مگر هن ڪتاب جي خوبي هيءَ آهي، جو لکڻي مٺي، سولي سلوڻي ۽ ڪل پوڳ واري استعمال ڪئي وئي آهي ۽ تسلسل اهڙو سهڻو آهي، جو پڙهندڙ بور نہ ٿيندو، بلڪ چاه ۽ دلچسپيءَ سان پڙهندو.

”مسڪين جهان خان کوسو“ ڪير آهي؟ ڇا آهي؟ هن ٿر جي خلق جي بي لوث خدمت ڪهڙي طريقي سان ڪئي آهي؟ هن جون تتيءَ، ٿڌيءَ ڪاهون ڪهڙيون آهن؟ ڪٿي آهن؟ اهو سمورو حال، جناب محمد بخش ”مجنون“، نئين رنگ ڍنگ سان، هن ڪتاب ۾ پيش ڪري ٿو، جو هرڪنهن ماڻهوءَ لاءِ، هڪ مثالي سبق جي حيثيت رکي ٿو. هي ڪتاب، جنهن نہ پڙهيو، تنهن ڇڻ ڪجهہ نہ پڙهيو!

---

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

موقر هفت روزه "آزاد" ڪراچي
٢٨- آگسٽ سنہ ١٩٦٨ع

تبصرو

(١٣)

"مسڪين جهان خان کوسو"

اسان جو سنڌي ادب، هن وقت مختلف ۽ جدا جدا منزلون طي ڪندو، نهايت ئي تيزيءَ سان، پنهنجي منزل ڏانهن وڪ وڌائيندو رهي ٿو. سنڌي ادب جو اوج و عروج اسان جي اڳيان آهي. هزارين سنڌي نوجوان، جن کي ادب ۽ علم سان محبت ۽ انس آهي، پنهنجي لياقت ۽ طاقت آهر ڪم ڪندا رهن ٿا. سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾، ادبي محفلون ۽ علمي مجلسون قائم ۽ دائم آهن. اخبارون ۽ رسالا مستقل طرح نڪرندا رهن ٿا. ان کان سواءِ سوين ڪتاب، هزارن جي تعداد ۾ شايع ٿيندا رهن ٿا. اسان جا لکندڙ هر موضوع تي لکندا رهن ٿا. مگر اڃا به سنڌي ادب جو دامن، سوانح حيات جي فن کان خالي رهندو اچي ٿو. ڪنهن جي سوانح حيات قلمبند ڪرڻ، هر ڪنهن لکندڙ جو ڪم نہ آهي، ڇوتہ سوانح حيات پنهنجي مٿي، هڪ جدا فن آهي. انهيءَ کي اسان جي ڪيترن بزرگن قلم کڻي ڪافي ڪوششن کان پوءِ، ڪجهہ ڪتاب، عوام اڳيان پيش ڪيا آهن.

"مسڪين جهان خان کوسي" جي سوانح حيات، مصنف

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جناب "مجنون" بلوچ هڪ اهڙي اديبانه انداز ۾ ادا ڪئي آهي، جنهن پڙهندڙ، "مسڪين جهان خان" جو واقف آهي. ڪتاب جي مطالع ڪرڻ سان، ائين معلوم ٿي رهيو آهي، ڄڻ ته "مسڪين" جي جيئري جاڳندي تصوير، اکين اڳيان، چرندي پرندي رهي ٿي. جناب "مجنون" بلوچ صاحب، هي ڪتاب لکي، سنڌي علم ۽ ادب تي وڏو احسان ڪيو آهي.

هي ڪتاب، هر هڪ سنڌي علم نواز ۽ ادب پرور جي لئبررين ۾ هجڻ، تمام ضروري آهي.

---

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جناب احمد خان آصف "مصراڻي"

موقر روزنامه "عبرت" ٢٤-آگسٽ ١٩٦٧ع

تبصرو

(١٤)

"مسڪين جهان خان کوسو"

تازو منٿين ناليء وارو ڪتاب مليو، جنهن جي ڏسڻ سان، اکين کي اُجالو، پڙهڻ سان دل کي سرور حاصل ٿيو. هن تصنيف لطيف جو مصنف، محترم محمد بخش بلوچ متخلص "مجنون" هڪ منصف (ماجسٽريٽ) آهي. عام طرح منصف ۽ عملدار، جي سدائين حڪم هلائڻ تي هريل ۽ تزڪ و احتشام سان شام و صبح بسر ڪن، سي ڪتاب لکڻ ته بجاءِ خود پر ڪتاب ڏسڻ کان به ڏور رهندا آهن! جس جو لائق آهي، محترم "مجنون"، جو منصف هجڻ سان گڏ، مصنف به آهي، جنهن ههڙو شاهڪار پيش ڪري، سنڌي علم و ادب ۾ اضافو آندو آهي. سندس دور رس نگاه، "مسڪين جهان خان" جهڙي جهان خان تي پيئي، جنهن جي حالات زندگي ۾ سهسين سهڻا سبق سمايل آهن. ڪهڙو نه سٺو لکيو آهي، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ:

"هن ڪتابڙي جو لکندڙ، ميان محمد بخش، پاڻ کي "مجنون" تو سڏائي، پر خرد کان خالي ناهي، سندس اکين ۾ ديد ۽ دل ۾ درد آهي. اسان وٽ،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪيئي 'مسڪين' ۽ 'جهان جا خان' موجود آهن،
پر ڪين ڪير ٿو سڃاڻي؟''

مطلب ته هي ننڍڙو ڪتاب ڪيترن ئي وڏن وڏن ڪتابن کان سرس ۽ سوايو آهي، جنهن ۾ سوانح نگاريءَ جي فن کي پوريءَ طرح نڀايو ويو آهي؛ ڪتاب جي ظاهري زيب و زينت کي به هٿان نه ڇڏيو ويو آهي. ڪتاب جي مصنف، محترم محمد بخش بلوچ ۽ شايع ڪندڙ، جميل احمد کي مبارڪ ڏيڻ کان سواءِ رهي نٿو سگهجي.

---

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جناب محمود يوسفاڻي

موقر روزنامہ "عبرت" ٢٤- آگسٽ ١٩٦٧ع

تبصرو

(١٥)

"مسڪين جهان خان کوسو"

هرقوم ۾ انهيءَ قسم جا افراد پيدا ٿين ٿا، جيڪي پنهنجو تن، من، ڌن سڀ ڪجهہ قربان ڪري بناڪنهن لالچ ۽ حرص جي ملڪ جي ڏتڙيل، غريب ۽ مسڪين عوام جي خدمت ڪرڻ کي، پنهنجو نصب العين بنائي ڇڏين ٿا ۽ انهيءَ نيڪ مقصد خاطر، هو پنهنجي پوري زندگي وقف ڪري ڇڏين ٿا. اهي خدا جا نيڪ بندا، نہ تہ خوشامد ۽ پبلسٽيءَ جا طالبُو ٿين ٿا ۽ نہ وري پنهنجن پرخلوص ڪارنامن جي پين جي آڏو وڏائي ڪرڻ چاهن ٿا.

قوم جي مسڪين عوام جي خدمت ڪندي، هو خود مسڪين بنجي وڃن ٿا ۽ هنن جو وجود انهيءَ مسڪين عوام ۾ اهڙو تہ گهلي، ملي وڃي ٿو، جو ڪنهن کي بہ ان جي پروڙ ئي نٿي پوي. وڏا ڀاڳ آهن انهن ماڻهن جا، جيڪي انهن اعليٰ ۽ بلند مقام رکندڙ هستين کي ڳولي لهن ٿا ۽ وڏا احسان آهن انهن ماڻهن جا قوم تي، جيڪي پاتال ۾ پيهي، اهي قيمتي هيرا چونڊي، قوم جي آڏو آڻي رکن ٿا ۽ قوم کي ٻڌائين ٿا تہ تنهنجي اندر هن قسم جا ماڻڪ موتي بہ موجود آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

انهن اعليٰ ۽ بلند مقام رکندڙ هستين مان، ”مسڪين جهان خان کوسو“ به هڪ هستي آهي، جنهن پنهنجي زندگي جي پونجي کي، تر ۽ برپٽ جي مسڪين عوام جي بي لوث ۽ بي غرض خدمت جي لاءِ وقف ڪري ڇڏيو آهي ۽ اهو ياڳوان شخص آهي، جنهن پوري قوم، خاص ڪري سنڌواسين کي انهيءَ اعليٰ هستيءَ کان روشناس ڪرايو آهي ۽ اهو ثابت ڪيو آهي ته سرزمين سنڌ تي اهڙا سپوت به موجود آهن، جن پنهنجي ننڍپڻ، پنهنجي جواني ۽ پنهنجي ٻڍاپي کي غريبن ۽ مسڪينن جي غمن ۽ اهنجن کي خوشين ۾ بدلائڻ جي لاءِ وقف ڪري ڇڏيو آهي.

مسٽر محمد بخش ”مجنون“، پنهنجو وقت ۽ پئسو خرچ ڪري، ”مسڪين جهان خان کوسي“ جهڙي قومي درد رکندڙ خدمت گار تي هڪ ڪتاب شايع ڪيو آهي. هيءُ پورو ڪتاب ”مسڪين جهان خان کوسي“ جي گمنام، ليڪن قيمتي زندگي سان تعلق رکي ٿو. هن ڪتاب ۾ مختصر طور تي، مگر جامع نموني ۾ اهي سڀ نمايان ۽ قابل قدر ڪارناما بيان ڪيا ويا آهن، جيڪي هيلتائين سنڌ جي باشندن جي اکين کان اوجهل هئا، ليڪن هنن کي انهيءَ جي معلومات ملڻ ضروري هئي. هڪ دفعو ڪتاب کي شروع ڪرڻ کان پوءِ ماڻهو، هڪ ”مسڪين“ جي پرعزم زندگيءَ کي پڙهي، ان ۾ ايتريقدر ته گم ٿي وڃي ٿو، جو ڪتاب پڙهي ختم ڪرڻ کان اڳ، ۾ دل ئي نٿي چوي. قوم جا اهي فرد، جن جي دلين ۾ هن علائقي جي غريب ۽ بيوس عوام جي خدمت ڪرڻ جو درد آهي ۽ جن جا ذهن، هن علائقي جي تڪليفن ۾ ڦاٿل انسانن کي زندگيءَ جون چند خوشيون، مهيا ڪرڻ جي لاءِ تڙپي رهيا آهن، تن تي اهو فرض عائد ٿئي ٿو ته هو هن ڪتاب جو مطالعو ڪن ۽ پنهنجي لاءِ ڪا راهه متعين ڪرڻ جي ڪوشش ڪن.

ميان محمد بخش خان ”مجنون“ جي دلنشين، مزاح سان ڀرپور، ڳوڻاٽي ۽ وڻندڙ ٻوليءَ، هن ڪتاب ۾ وڏيڪ جان پيدا ڪري ڇڏي آهي. ائين معلوم ٿئي ٿو ته ميان محمد بخش خان ”مجنون“ هڪ نهايت ڪهن مشق، مزاح نويس ۽ اديب آهي، ليڪن خبر نه آهي ته هو ڪهڙن سببن ڪري هيلتائين، گوشه نشيني اختيار ڪندو رهيو آهي ۽ سنڌي زبان کي، پنهنجي قيمتي تحريرن کان محروم ڪندو رهيو آهي. سندس حسن بيان تي ڪيس آفرين ڏيڻ کان سواءِ رهي نٿو سگهجي. سندس هي مختصر ڪتاب، سنڌي زبان جي سوانح نگاريءَ ۾ هڪ بلند مقام رکندو ۽ هڪ قيمتي اضافو ليکيو ويندو. هن ڪتاب منجهان نه صرف ”مسڪين“ جي زندگيءَ جي قابل قدر معلومات ملي ٿي، بلڪ ٽرين جي تڪليفن، هنن جي زندگيءَ جي حالت، رهڻين، ڪهڻين متعلق ناياب معلومات دستياب ٿئي ٿي. ميان محمد بخش خان ”مجنون“، جيئن ته خود انهيءَ طرف جو رهواسي آهي، تنهنڪري هن بلڪل دل کي ڏڪوئيندڙ واقعات، پنهنجي اصلي رنگ ۾، خوش اسلوبيءَ سان بيان ڪيا آهن.

---

soorihsindhiadab

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جناب ڪريم بخش "خالد"

موقر روزنامہ "عبرت" ٢٨-آگسٽ ١٩٦٧ع

تبصرو

(١٦)

"مسڪين جهان خان ڪوسو"

مان علم الاسماءَ جو ماهر تہ ڪونہ آهيان، پر اوهان متئين نالي تي غور ڪندا، تہ اوهان کي شبنهن ۾ ٻڪري، ٻٽي هڪ هنڌ گڏ نظر ايندا. اها اچرج جهڙي ڳالهہ ڪينهي، چوتہ "جهان خان"، ذات جو ڪوسو آهي، جيڪي ڏاڍا زورآور ۽ ڏنگا ماڻهو آهن، پر هو بذات خود طبع جو "مسڪين" ۽ حلم جو ڏٺي آهي، ننگرپارڪر جو قديم باشندو، ٿر جي بک ۽ ڏک، معاشرت ۽ ثقافت، تاريخ ۽ تمدن، جو مثالي نمونو آهي.

سنڌ جي انهيءَ علائقي جي تاريخ، پر اسرار ڏند ڪٿائن ۽ محير العقل داستانن جو مجموعو آهي ۽ جڏهن اوهين، محمد بخش بلوچ جو ڪتاب، "مسڪين جهان خان ڪوسو" پڙهندا تہ اوهان کي يقين ٿيندو تہ خود "مسڪين"، ننگرپارڪر جي قديم ڏند ڪٿائن جو هڪ ڪردار آهي، جيڪو زمان ۽ مڪان جي فلسفي کان بي نياز ۽ خود پنهنجي وجود کان بي خبر آهي.

"مسڪين" جا وڏا، انهيءَ علائقي جا ڪنهن زماني ۾ ڏاڍا مڙس هئا، پر هن يار جو هن دنيا ۾ اچڻ ئي ڪنهن بي مقصد لاءِ هئو. حياتي جون خوشيون وڪڻي هن زندگيءَ جا ڏک خريد ڪيا، پر اهي بہ سندس زندگيءَ سان متعلق ڪينهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

پوليس ۾ ملازم ٿيو، پر پنهنجي خاندان جي ٻين فردن جيان، جمعدار يا صوبيدار ٿي، پينشن تي وڃڻ بدران، هن اتي جي ڏتڙيل عوام تي ٿيندڙ ڏاڍاين ۽ زيادتين جي خلاف احتجاج طور ملازمت ترڪ ڪري، خدمت خلق جي بي لاپ، بي ثمر، ۽ بي داد ڪم ۾ زندگي صرف ڪئي. سندس اها عوامي مشغولي ”هر ڪه خدمت ڪرد، او مخدوم شد“ جي نظريه جي برعڪس ڏسڻ ۾ ايندي.

اوهين جڏهن به ڪيس ڏسندا ته هو مسيحي مبلغن طرفان ڏيکاريل حضرت مسيح جي تصوير وانگر ڏسڻ ۾ ايندو، جنهن ۾ حضرت مسيح دنيا جا ڏک ۽ ڏولاوا، ڳڻتيون، فڪر ۽ گناهن جي عظيم بار هيٺان جهڪيو نظر ايندو. هو عوام جي بي لوث ۽ بي غرض خدمت ڪرڻ سان گڏوگڏ پنهنجي نفس سان به جهاد ڪندو رهي ٿو ۽ شايد فارسيءَ واري، ”مسڪين“ بابت ٺي چيو آهي ته

”منڪرِ حق، نزدِ مُلا“ ڪافر است ـ منڪرِ خود، نزدِ من، ڪافر تر است.“

بهرحال ”مسڪين جهان خان کوسو“ جي زندگي، ”قصص الاولين“ وانگر ”عبرت الآخرين“ آهي.

محمد بخش بلوچ ”مجنون“ جي هيءَ پهرين تصنيف آهي. ان جو موضوع، طرز تحرير ۽ مواد نئين ڍنگ ۽ رنگ جا آهن. سنڌيءَ ۾ ڪيترا سوانحي ڪتاب شايع ٿيا آهن، پر ڪنهن حال جيات ماڻهوءَ جي جيون چرتر بابت، هي پهريون ڪتاب آهي، ”مجنونءَ“ جي لکڻيءَ ۾ رواني، شگفتگي ۽ سادگي آهي.

موجوده ماحول ۾، مختلف زبانن جي امتزاج سببان، سنڌيءَ جا ڪيترا لفظ متروڪ ٿيندا نظر اچن ٿا. هن ڪتاب ۾، اهڙا ڪيترا نج سنڌي لفظ استعمال ڪيا ويا آهن، جيڪي دلي سڪون جو باعث آهن.

مسٽر محمد بخش بلوچ جو هيءُ ڪتاب، سندس حب الوطني جي بي پناهه جذبي ۽ حق گوئيءَ جو مثالي نمونو آهي.

---

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جناب "نجم" عباسي

موقر روزنامه "عبرت" ١٠- سيپٽمبر ١٩٦٧ع

تبصرو

(١٧)

"مسڪين جهان خان کوسو"

هيءُ خط، خاص ان خيال کان لکي رهيو آهيان، تہ توهان جي اخبار جي پڙهندڙن جو ڌيان هڪ نئين، قدر جوڳي ڪتاب ڏانهن ڇڪجي. ڪتاب نہ رڳو، ان ڪري نئون آهي تہ اهو نئون نئون ڇپيو آهي، پر موضوع ۽ مواد جي خيال کان بہ نئون آهي. ان جو ليکڪ بہ نئون آهي ۽ لکڻيءَ جو ڍنگ بہ نئون آهي.

موضوع ۽ مواد جي خيال کان، ان ڪري نئون آهي، جو هڪ جيئري جاڳندي شخص جي جيون چرتر لکي وئي آهي. شايد اهڙي سعادت گهٽ ۾ گهٽ سنڌ اندر ڪنهن سياسي يا مذهبي اڳواڻ جي حصي ۾ بہ نہ آئي هوندي. اسان مان، اسان جهڙي، اسان جي درميان هلندڙ چلندڙ هڪ رواجي انسان جي حياتي ڏني وئي آهي.

ڪتاب جو مصنف، ادبي دنيا ۾ نئون آهي. هيءَ هن جي پهرين تصنيف آهي. منهنجو، بلوچ محمد بخش "مجنون" نہ ڏٺل هو ۽ نہ ٻڌل هو. مان، ڪتاب جي تعارفي محفل ۾، هڪ دوست سان گڏجي، اڻ ڪوٺيو وڃي نڪتو هوس. ميڙ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

۾ شريڪ ٿيندڙ ادبي دنيا جي معزز ۽ معتبر شخصن کي ڏسي، ڪتاب جي اهميت جو ڪجهه ڪجهه اندازو ٿيو هوم. پڙهڻ سان ڏاڍو وڻيم. مان هي سٽون صرف ڪتاب جي خوبين کان متاثر ٿي، قلمبند ڪري رهيو آهيان. لکڻ جو ڍنگ به نئون آهي. اهڙي دلچسپ پيرايي ۾ هڪ شخص جون ڳالهيون ٻڌايون ويون آهن ۽ اهڙا انوکا واقعا ڏنا ويا آهن، جو ناول جي پڙهڻ وارو مزو پيو اچي. لکڻيءَ ۾ رواني به آهي ۽ چرچو گهبو به. شگفتگي به آهي ۽ سادگي پڻ. ٻولي، ليکڪ جي ٻانهي ٿي ڏسجي. ڪيترا نج سنڌي لفظ، ورهين کان پوءِ، هن ڪتاب اندر ڇاپي ۾ نظر آيا آهن.

”مسڪين جهان خان کوسو“ ڪتاب پڙهڻ کان پوءِ، يقين ٿي ٿو وڃي ته هڪ انسان، عهدي ۽ دولت کان سواءِ به، پنهنجي مدد ۽ ٻين جي بها خدمت ڪري سگهي ٿو ۽ اسان جا سياڻا سنڌي، ڪهڙا نه املهه ماڻڪ آهن!

ڪتاب پوري ڪرڻ کان پوءِ، ماڻهو چئي اڌ اڌ اچايل رهجي وڃي ٿو! دل، هن شخص بابت اڃا به وڌيڪ ڪجهه ڄاڻڻ چاهي ٿي، ۽ هن جي زندگيءَ جا ٻيا پهلو معلوم ڪرڻ جو شوق جاڳي ٿو. مثال طور ذهن ۾ اهو سوال اڀري ٿو ته هن شخص جي گذران جو ذريعو ڪهڙو آهي، ۽ هن پنهنجي اولاد جي تربيت ڪهڙي ڪئي آهي؟

ان ڪري، ”مسڪين جهان خان کوسي“ جي هيءَ جيون چرتر اڌوري آهي ۽ تڪميل طلب. هيءُ ڪتاب، سنڌي ساهت ۾ سهڻو اضافو آهي، ۽ سنڌين ۾، سنڌيت جو روح ڦوڪڻ لاءِ بهترين سوکڙي!

---

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جناب الهه بچايو "ملاح" اداڪا

موقر روزنامه "عبرت" ۹-۱-آڪٽوبر ۱۹٦٧ع

تبصرو

(۱۸)

"مسڪين جهان خان کوسو"

"مسڪين" جي زندگيءَ تي ڪتاب لکي، جناب بلوچ صاحب هڪ طرف، ادب ۾ اضافو ڪيو آهي ته ٻئي طرف، مسڪينن جي "مسڪين" ۽ خادم جو، سچيءَ سند سان تعارف ڪرايو آهي. خادم هئڻ جي هام ته هزارين هڻن ٿا، ليڪن "مسڪين" جي خدمت جو جذبو، اتم ۽ اعليٰ آهي. اها ئي سچي خدمت آهي، اهوئي انسان جو معاشري ۾ اولين فرض آهي. سندس خدمت بي لوث، ذاتي مقاصد کان دور، ايتريقدر جو، اڇوتن کي اسلام جي دعوت به، پنهنجي خدمت جو بدلو سمجهي ٿو. "لا اڪراه في الدين" ۾ ايمان اٿس.

خلق جي خدمت ڪري، سچي خوشي حاصل ٿئي ٿي. اها خوشي، جا روح کي راحت ڏئي ٿي، تسڪين ۽ فرحت بخشي ٿي. سندس نيڪ نيتيءَ جو، نيڪ اجورو کيس ضرور ملندو.

آفرين آهي جناب بلوچ صاحب کي، جنهن "مسڪين" جي سرگذشت کي لفظن جي سهڻي پوشاڪ، جوڙجڪ ۽ عمده محاورن ۾ ملبوس ڪيو آهي. ايتري ته رنگيني سمايل آهي، جو ڪتاب جو هڪ هڪ جملو، دل ڇڪيو وٺي. پڙهندڙ سلسلو ٽوڙڻ ڪڏهن به برداشت نه ڪندو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٿوري تر جي جاگرافي ۽ ڏاتڪي زبان تي بہ روشني وڌل آهي، ٿر جي ڪوسا بلوچن جي تاريخ تي بہ احوال مليل ٿو. اها معلومات عام سنڌيءَ جي علم ۾ اضافو آڻيندي.

هي ڪتاب پڙهڻ وٽان آهي. ادب جي عاشقن لاءِ، بي مثال آهي؛ خادمن لاءِ تہ تحفو آهي.

پنهنجي طرفان بهترين سرانجاميءَ لاءِ، مان، "مسڪين" ۽ "مصنف"، ٻنهي کي، مبارڪباد پيش ڪريان ٿو.

---

soorihsindhiadab
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

موقر هفت روزه "مساوات" جيڪب آباد
٥- سيپٽمبر سنه ١٩٦٨ع

تبصرو

(١٩)

"مسڪين جهان خان کوسو"

"مجنون" صاحب، "مسڪين" جي سوانح حيات تحرير ڪري، نه فقط "مسڪين" کي عالم آشڪار ڪيو آهي، پر انهيءَ سان گڏ، "ذڪر اس پري وش ڪا، اور پهر بيان اپنا"، جي مصداق، پاڻ کي ۽ پنهنجي آبائي وطن، سرزمين ٿر کي، پنهنجي قوم ۽ تهذيب و تمدن کي، به نقش اوارق، عام مشهور ڪري، هڪ وڏو اهم ڪم سرانجام ڏنو آهي، درحقيقت تحرير مجنون، باعث آشنائي وجود مسڪين، وجه شهريت مجنون، ثابت ٿيو آهي. مسڪين، طفيل مجنون آشڪار عالم و مُجنون، طفيل مسڪين! سبحان الله، هي آهي مقصديت تحرير اديب جو، هڪ تير سان ٻه شڪار ڪري، مجنون صاحب، مسڪين جي حالات زندگيءَ کي نهايت باريڪ بينيءَ سان ڏسي، رقم طرازي ڪئي آهي. تحرير ۾ شگفتگيءَ جو هي عالم آهي، جو گويا غنچهء شبينه، بدم صبح بهار، شگفتگي اختيار ڪري، گل تر جي صورت نمودار ٿيو آهي ۽ شفق افق تي سرگرم رنگ سازي و مشاطگي، شاهد گل جو ڪم سرانجام ڏيئي رهيو آهي. مجنون صاحب جي قلم جي مسيحائي جو اهو عالم ته مرده و پامال مضمون کي به لب جي جنبش سان، زنده ڪري ڇڏي ٿو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اسلوب بيان نهايت سهڻو، اديبانه رنگ ڍنگ کان سواءِ، مجنون صاحب جو ساغر طبع، جام ظرافت سان لبريز آهي، جتي ڪنهن مضمون کي مزاحيه انداز ۾ رقم ڪيو اٿس، سو نهايت دلڪش آهي. ازانسواءِ جو ٺيٺ سنڌي مخصوص الفاظ و محاورا لب و لهجا استعمال ڪيل آهن، لطف کان خالي نه آهن. مجنون صاحب جي طبيعت، نهايت موزون آهي، نثر نويسيءَ کان سواءِ ڪڏهن ڪڏهن شعر ۾ به گل افشانيءَ گفتار ڪندا آهن.

مصنف، مذڪور ڪتاب شايع ڪري، فن سوانح طرازي کي فروغ ڏيڻ کان سواءِ، سنڌي سنجيده و پاڪيزه ادب تي احسان ڪيو آهي، جو سنجيده (و نفيس) پرست طبقو، يقيناً محفوظ و مستفيض ٿيندو، ۽ سنڌي ادب ۾ باعث اضافت آهي. بقول بنده:

"هر حرف خامه گويا، صد دفتر دبستان،
هر قطره سياهي، صد جوءِ آب حيوان."

soofinsindhiadab
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جناب پروفيسر عبدالمجيد "سنڌي" سکر

۲۲- جون سنه ۱۹۶۹ع

تبصرو

(۲۰)

"مسڪين جهان خان کوسو" ــــ هڪ نظر ۾

نثر نگاريءَ جي سڀ کان وڏي خصوصيت ان جو اسلوب آهي. اسلوب، هيئت ۽ خيال جي ميلاپ سان مرتب ٿيندو آهي. لفظ وري، انهن ٻنهي کي پاڻ ۾ ملائڻ جو ذريعو آهن. انهن جو درست ۽ موقعي موجب استعمال، خيال ۾ قوت پيدا ڪندو آهي، ان جي گهرائيءَ ۾ اضافو ڪندو آهي، معنويت وڌائيندو آهي؛ ۽ آخرڪار ان اسلوب کي جنم ڏيندو آهي، جيڪو هر فنڪار جو پنهنجو ۽ منفرد هوندو آهي، جنهن مان ان جي شخصيت جا ڪيترائي پهلو نمايان ٿيندا آهن. ان ڳالهه کي ڪيترن ئي نقادن مڃيو آهي، ته اسلوب، فنڪار جي شخصيت ۽ مزاج جي عڪاسي ڪندو آهي. "بفن" چيو آهي، ته "اسلوب، خود فنڪار پاڻ آهي." "مدلٽن مري" لکيو آهي: "اسلوب، شخصيت جو جزو هوندو آهي. هيءَ بالڪل شخصي ۽ ذاتي شيء آهي؛ اهڙيءَ طرح جيئن اکين جو رنگ يا ڳالهائڻ جو طريقو، شخصي ۽ ذاتي شيون آهن." گورمان چيو آهي: "اسلوب معنيٰ، خيال ظاهر ڪرڻ جو ذاتي طريقو، جنهن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مان خود ليکڪ کي سچائي سگهجي ٿو." وڏيڪ لکيو اٿس:
"اسلوب، ليکڪ جي ذهني نشاندهي ڪندو آهي".

مطلب تہ اسلوب مان، فنڪار جي شخصيت پوريءَ طرح نمايان ٿئي ٿي. سنڌي زبان جي انوکي ۽ پنهنجي قسم جي ڪتاب: "مسڪين جهان خان کوسو" جي اسلوب مان بہ سندس ليکڪ جي شخصيت، فطرت ۽ طبيعت نمايان ٿئي ٿي. سندس اسلوب کي ڏسي معلوم پوي ٿو، تہ هو هڪ منفرد طبيعت جو مالڪ آهي. سندس مشاهدي جي قوت تيز آهي؛ هو، هر شيءِ کي باريڪ بينيءَ سان ڏسي ٿو، ايتريقدر جو هو، نہ فقط ڪردارن ۽ شين جي ٻاهرين ڏيک ويک جي پوري تصوير، پنهنجي ذهن ۾ ويهاري وجهي ٿو؛ پر ڪردارن جي فطرت ۽ مزاج ۽ شين جي خوبين ۽ خصوصيتن جو بہ صحيح اندازو لڳائي وجهي ٿو. ان سان گڏ سندس نظر ۾ خلوص آهي، انسان دوستي آهي، احساس آهي ۽ بري ڀلي جي تميز آهي. انهيءَ ڪري هو حقيقت پسند آهي، منصف آهي ۽ مخلص آهي. اهي آهن بنيادي اقدار، جيڪي اعليٰ ادب کي وجود ڏين ٿا. اهو ئي سبب آهي جو مذڪور ڪتاب، هڪ شاهڪار ٿي پيو آهي، ۽ هر وجهہ، ادبياتِ عاليہ ۾ شمار ٿيڻ جي لائق آهي.

مذڪور ڪتاب جو مصنف، محترم محمد بخش بلوچ، سڏائي تہ "مجنون" ٿو، پر دراصل آهي وڏو داناءُ. هن نہ فقط فطرت ۽ انسان جو گهوڙهو مطالعو ڪيو آهي؛ پر ڪيس زبان تي بہ وڏي قدرت حاصل آهي. سندي نثر جي اها خاصيت آهي، تہ لفظن جي فنڪارانہ استعمال سان، جملن جي سهڻي ترتيب ۽ موزون تشڪيل وجود ۾ ايندي آهي. مجنون صاحب، چونڊ لفظ، اهڙيءَ وڻندڙ ترتيب سان آڻي ٿو، جو تحرير پرڪشش بہ ٿي وڃي ٿي، تہ پراثر بہ ٿئي ٿي. نہ ان ۾ مونجهارو آهي، ۽ نہ ان جي سمجهڻ لاءِ دماغ تي گهڻو زور ڏيڻو پوي ٿو. ان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جي سلاست ۽ سادگيءَ کي ڏسي، سيڪو ائين چوندو، تہ جيڪر اهڙو نثر ملان بہ لکي وڃان؛ پر جڏهن لکڻ ويهي، تہ يا تہ قلم چپ نہ ڪريس، يا وري لکڻ کان پوءِ، پنهنجيءَ تحرير، پاڻ کي ڦڪي لڳيس.

مجنون صاحب، جڏهن تحرير ۾ پنهنجو هڪ مخصوص لفظ استعمال ڪري ٿو، تہ پوءِ سڀ تشبيهون ۽ صفتون بہ آهي ئي استعمال ڪري ٿو، جيڪي ان لفظ سان پوري مطابقت رکن ٿيون. "مسڪين" لفظ، آهي تہ جهان خان کوسي جي سچائپ جي نشاني، پر مجنون صاحب. جڏهن ان کي مخصوص انداز ۾ آڻي ٿو، تہ ان سان گڏ تشبيهون ۽ چوڻيون بہ آڻي ٿو، جيڪي نہ فقط مصنف جي معنوي مقصد جي وضاحت ڪن ٿيون، پر خود ڪردار جي نفسياتي ڪيفيت جي آئينہ داري بہ ڪن ٿيون. مثال طور هيٺيون ننڍو ٽڪرو ملاحظہ فرمايو:

"مهلون بہ مڙسن تي ايندڙيون آهن. مسڪين ۽ ڏکن ازل کان پاڻ ۾ ڪونہ ورهايو. مسڪين کي ڪا ستي ئي سورن جي مليل آهي، تنهنڪري سسئي ۽ سور، پٽيندا ويا پاڻ ۾."

هن جي اسلوب جي بنيادي وصف هيءَ آهي، تہ سندس فطرت ۽ موضوع ۾ ڪو اختلاف نہ آهي. ٻنهي جي وچ ۾ هڪ شديد جذباتي رشتو موجود آهي. هن، انهيءَ موضوع تي قلم کنيو آهي، جنهن تي سندس ايمان راسخ آهي، ۽ انهيءَ ڪردار تي قلم کنيو اٿس، جنهن جي ڪارنامن کان بيحد متاثر آهي. اهوئي سبب آهي، جو سندس اظهار ۾ اعتماد ۽ گهرائي، اُپرڻ وارن نتيجن ۾ وزن ۽ معنويت آهي.

سوانح نگاريءَ جو ڪمال اهو آهي، تہ هو پنهنجي ڪردارن جو نہ فقط ٻاهريون ڏيک ويک، هلت چلت، بيان ڪري؛ پر ڪردار جي مزاج ۽ طبيعت، فطرت ۽ ذهني

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

رجحانات کي به اجاگر ڪري. مجنون صاحب، انهن سڀني ڳالهين جو پورو پورو لحاظ رکيو آهي. انهيءَ ڪري بلاشبه ڪيس ڪامياب سوانح نگار چئي سگهجي ٿو. هو هر ڪردار جو ٻاهريون ڏيک ويک، هلت چلت اهڙي ته واضح انداز ۾ پيش ڪري ٿو، جو ائين ٿو معلوم ٿئي ڄڻ اهو ڪردار، پنهنجي انفرادي خصوصيات سان اکين آڏو ويٺا ڏسون. نه فقط ايترو، پر هر ڪردار جي نفسياتي ڪيفيت، سيرت، مزاج ۽ فطرت به اهڙي نموني پيش ڪري ٿو، ڄڻ لفظن جي تصويري پيڪر کي، نطق ملي ويو آهي. سندس هيٺين تحريرن مان، "مسڪين" جي مزاج ۽ فطرت جو اندازو، بخوبي لڳائي سگهجي ٿو:

"ڪڏهن به سندس واتان ڪنهن جي لاءِ به ڪو بد لفظ يا معمولي ۾ معمولي گار به نه نڪتي آهي. نه گهٽي چاڙي هٽي، نه جهڳي؛ هميشه ڪم گو بلڪ گو مگو .... ڪڏهن به ڪنهن سان ٻاڙو نه ٻولبندو. .... هر ڪنهن سان خلق ۽ خنده پيشاني سان پيش ايندو. چوندا آهن ته بک بڇڙو ٽول، داناءَ ديوانا ڪري، پر مسڪين کي سندس انهيءَ مسڪيني حالت ۾ به مون ڪڏهن منهن گهنجيل ڪونه ڏٺو."

"ڪو غريب، ڪنهن ڪوڙي ڦڏي ۾ ڦاسي پيو ته مسڪين، ان جي ڇوٽڪاري لاءِ اڳ ۾ ٺاڻي يا ڪورٽ ۾! انصاف گهرندو، التجا نه ڪندو .... سچي جو يار غار ۽ ان لاءِ سر ڏيڻ لاءِ به تيار. ڪوڙي لاءِ قدم به اڳتي نه کڻي."

اهڙيءَ طرح، نه فقط مکيه ڪردار جي واضح ۽ پوريءَ طرح سان اپيل ڪردار نگاري ملي ٿي، پر وچ تي ڳالهه هلندي، جيڪي ٻيا ڪردار آيا آهن، انهن جي به اهڙي ئي طرح ڪردار نگاري ڇٽي ويئي آهي. انهن ڳالهين سان گڏ مصنف،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٿر جي ڪوسن متعلق ۽ ٿر جي ٻين خوبين ۽ خصوصيتن بابت به تحقيقي معلومات ڏني آهي. هن ڪتاب مان اسان کي، ٿر بابت، نهايت اهم معلومات ملي ٿي. مکيه ڪردار ”جهان خان“ جا ڪارناما ته بيمثال آهن، پر جنهن انداز سان، انهن کي پيش ڪيو ويو آهي، ان پيشڪش، ڪردار توڙي ڪتاب کي، غيرفاني بنائي ڇڏيو آهي.

---

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جناب حميد سنڌي

موقر ماهنامہ ”روح رهاڻ“ آڪٽوبر ١٩٦٧ع

تبصرو

(٢١)

”مسڪين جهان خان کوسو“

سنڌي ادب جي دنيا، سوانح عمرين ۽ سرگذشتن کان خالي ڪانهي. وفات ڪيل اديبن يا جيئرن اديبن جي زندگيءَ جو احوال گهٽين صورتن ۾ قلمبند ڪيو ويو آهي؛ پر هڪ سماجي ڪارڪن جي زندگيءَ جي اهم رُخ کي، جنهن نموني سان، ”مجنون“ بلوچ، محسوس ڪيو آهي ۽ اسان کي اُن کان وڌو احساس بخشيو آهي، تنهن جي جيتري به تعريف ڪجي ٿوري آهي.

هن نموني جا ڪتاب اسان وٽ تمام ٿورا آهن؛ پر جي آهن به، تہ هن نموني جي طنزيہ ۽ مزاحيہ طرز تحرير کان وانجهيل آهن.

”مسڪين جهان خان“ هڪ ٿري آهي. سندس رڳ رڳ ۾ ٿر رچيل آهي. سندس جيئڻ بہ ٿرلاءِ، تہ مرڻ بہ ٿر لاءِ آهي. سندس خدمت جي جذبي ۽ مذهبي لباس واري روپ کي، نئڙي سلام ٿو ڪجي. سندس وطن لاءِ حب ۽ سڪ، انسان ذات جي هڪجهڙائيءَ جو عظيم عقيدو، سندس ڪردار جي بلنديءَ کي ظاهر ٿا ڪن، خاص ڪري سندس اڇوتن ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

گهڻ ذاتين وارن سان پيار ۽ جذبو، سندس سونهن آهي.

ڪردار جي ايڏي بلنديءَ کي محسوس ڪرائڻ ۾، وڏو ڪردار، اسان جي دوست محمد بخش 'مجنون' بلوچ جو آهي. سندس تحرير جو ڪمال اِهو آهي، جو ڳوڙهو خشڪ مضمون، هڪئي نشست ۾، ختم ٿيو وڃي.

سندس ٻولي، سولي ۽ سهڻي آهي. محاورن جو استعمال تمام گهڻي ۽ سٺي نموني ڪيو ويو آهي. ڪن هنڌن تي، سندس تحرير، بنهه نشتر وارو ڪم ڪري ٿي. طنزيه لکڻيءَ ۾، کيس وڏو ڪمال حاصل آهي.

---

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جناب نظام الدين ڪوسو، جيڪب آباد

موقر روزنامہ ”عبرت“- ١٠- سيپٽمبر ١٩٦٧ع

تبصرو

(٢٢)

”مسڪين جهان خان ڪوسو“

تازو ڊويزنل ڪائونسل جي گڏجاڻيءَ ۾، نواب شاهہ ويس تہ اتي مون کي، ميان محمد بخش ”مجنونءَ“ جو لکيل ڪتاب ”مسڪين جهان خان ڪوسو“، اتي جي چيف آفيسر، برادرم شمس الدين، پڙهڻ لاءِ ڏنو. اجلاس وقت، عبدالرزاق ڪوسي، ميمبر ڊويزنل ڪائونسل خيرپور جي موت جي خبر ملڻ ۽ ڳڀو ٻئراج جي زمين تي، مقامي ماڻهن جي حقن بابت بحث ڪرڻ سبب، آءٌ دماغي طرح ٿڪل هوس، تاهم اهو ڪتاب، رات جو ڏهين بجي پڙهڻ شروع ڪيم، جيستائين ان کي پڙهي پورو نہ ڪيم. ڪتاب، ”مجنون“ صاحب، اهڙو تہ لکيو آهي، جو آءٌ پانيان ٿو تہ سردار ديوان سنگهہ جي ”ناقابل فراموش“ ۽ راشدي صاحب جي ”اُهي ڏينهن، اُهي شينهن“، ڪان پوءِ، هن ڪتاب کي درجو ڏجي تہ جيڪر غلط نہ ٿيندو. جهڙيءَ طرح ميان ”مجنون“، ننگرپارڪر جي ڪوسن جو ذڪر لکيو آهي، تہ هو نماز جي بنهہ ويجهو ڪونہ آهن، تيئن اپر سنڌ ۾ بہ ڪوسن جو هڪ پاڙو آهي، جو نماز جي بنهہ ويجهو نہ آهي. اهي، هن ڪري نماز ڪونہ پڙهندا آهن تہ گهر منسيت ٿيندو؛ پر هن خيال سان تہ سائين گاجي شاهہ، سندن پاران، سمورا بار ڪٽي ڇڏيا آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اهي ڪوسا، ڪجھ وقت اڳ، سکن وانگر، پنھنجا جملي بدني وار به نه وڻائيندا هئا. ڪنهن به حاجتمند کي، بي دريغ بنا ڪنجوسيءَ جي هڪڙو وار، بطور تعويذ جي، پٽي ڏيڻ ۾ دير نه ڪندا هئا. البته هينئر اهو عقيدو، اٿي ويل پيو ڏسجي.

ميان ”مجنون“، هي ڪتاب لکي، هڪ وڏو احسان ڪيو آهي. ڪتاب پڙهڻ بعد، هر محبِ وطن ۾، هڪ همت پيدا ٿئي ٿي ته آءٌ به جيڪر ”مسڪين“ جهڙي خدمت ڪرڻ لاءِ خادم ٿيان، ميدان ۾ اچان.

”مسڪين جهان خان ڪوسي“ جي ڪردار کي پيش ڪندي، ميان ”مجنون“، هر محبِ وطن کي، هڪ نه، پر ڪيئي سبق ڏنا آهن.

اتفاق سان، حيدرآباد ۾، ميان ”مجنونءَ“ سان ملاقات به ميسر ٿي. هن، مون کي پئي ڳوليو ۽ مون، هن کي پئي ڳوليو، چاڪاڻ ته هن، ڪتاب لکي، پاڻ کي ظاهر ڪيو ۽ مون، نواب شاه ۾ ڊويزنل ڪائونسل جي اجلاس اندر، نمايان بھرو وٺي، پنهنجي خادمي ظاهر ڪئي.

جيتري قدر ڪتاب جو تعلق آهي، آءٌ يقين ٿو ڪريان ته هن مان، ڪوسا قوم کان علاوه، هر سنڌي به فخر محسوس ڪندو. ڪتاب، جنهن طرز تي لکيل آهي، اهو پڻ هڪ بهترين شاهڪار آهي.

---

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اجمل بيگ قليچ بيگ مرزا (اجمل)

حيدرآباد - ٦- جون سنه ١٩٦٩ع

تبصرو ۽ تعارف

(٢٣)

ڪتاب ”مسڪين جهان خان کوسو“ ۽ اُن جو مصنف

پاڪستان جي وجود ۾ اچڻ کان پوءِ، سنڌي علم ادب جي حالت، ناگفته به ٿي رهي آهي، جنهن جو مکيه ڪارڻ آهي، برک سنڌي هندو ليکڪن ۽ اديبن جي سنڌ مان لڏپلاڻ، ۽ ڪهنه مشق سنڌي مسلمان اديبن، عالمن ۽ شاعرن مان، گهڻن بزرگن جي، هڪبئي پويان وفات حسرت آيات!

سنڌي عروضي شعر و شاعريءَ جي ترقيءَ جون راهون، مسدود ٿينديون پيون وڃن، جنهن جو وڏو سبب اِهوئي آهي، ته اڄڪلهه جا اڪثر سنڌي شاعر، علم بديع ۽ علم عروض کان، بنهه نابلد ۽ بي بهره آهن؛ لهذا موجوده دؤر جي اڪثر نوجوان سنڌي شاعرن، جن کي صحيح معنيٰ ۾ ”سگهڙ“ ئي چئي سگهجي ٿو ۽ نه ”شاعر“، خالص سنڌي شعر و شاعري ۽ ثقافت سان والهانه عشق جي بهاني، سنڌي عروضي شاعريءَ کي، ايراني شاعريءَ جي نقالي ڪوٺيندي، قديم سنڌي شعر، يعني ڪبت، ڏوهيڙو يا دوهرو يا بيت، هنر، ڏور، چلڙو، پيلهڻ، ڪوڏاٽو، سينگار، لولي، مولود، مداح، معجزو، ٽيهه اکري، جهولڻو، سهرو، مانجهيئڙو، وائي، ڪافي وغيره کي، نئين سر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جيئارڻ لاءِ، قديم طرز جي بيت بازي ڪرڻ، شروع ڪري ڏني آهي، ڇالاءِ جو اِنهيءَ قسم جي قديم ۽ جهنگلي سنڌي شعر ۾ ڪين، ڪنهن بہ قسم جي فني يا قاعدي قانون جي پابندي يا بندش، نظر نٿي اچي، ۽ اِنهيءَ بي ربط ۽ بي نظم بيت بازيءَ کي، نئون نالو ڏنو آٿن "آزاد نظم"!

"برين عقل و دانش ببايد گريست!"

آهڙيءَ ريت، سنڌي عَروضي شاعريءَ ۾، صدها سالن کان، جيڪو آدبي خزانو جمع ٿي چڪو آهي، يا اُن تي، محنتون ۽ ڪاوشون ٿينديون آيون آهن، اُنهن تي آڄڪلهہ، ناتجربه ڪاريءَ، ناواقفيت ۽ نا آهليءَ سبب، پاڻي ڦيرڻ جون ڪوششون، منظم طور ۽ وڏي پيماني تي ٿي رهيون آهن، جا ڳالهہ، سنڌي علم، ادب لاءِ، وڏي هاڃيڪار ثابت ٿي آهي ۽ ٿيندي.

ٻئي طرف، سنڌي نثري تخليقات ۾، آڄڪلهہ جي نوجوان آدبي ذوق رکندڙ طبقي کي، جيئن تہ بظاهر صرف و نحو، يا ٻئي ڪنهن علمي يا فني قاعدي قانون جي پابندي نظر نٿي آچي، لهٰذا اُنهن، پنهنجي قلم جون ڪُند ڪوڏرون، آندا ڌُنڌ هڻڻ، شروع ڪيون آهن، جنهن جو نتيجو، "آنڌي گهوڙي ڪَل ۾" يا "آنڌيءَ ۽ جنڊ" وارو، رونما ٿيو آهي! آکاڻين ۽ کهاڻين، حڪايتن ۽ افسانن جي ميدان تي البتہ، سندن قلم جا ڪؤنتل ڪُڏن ٽا ۽ جؤلانيون ڏيکارين ٿا؛ باقي رهيا نثر جا ٻيا قسم ــ جهڙوڪ سوانح، تاريخ، مضمون، مقالو، ڊراما، تبصره، تذڪره، تنقيد، اِنشاپردازي، تزڪ نويسي وغيره ـــ جن جي مثال يا حوالي پيش ڪرڻ لاءِ بہ، متقدمين جي تصنيفات ڏانهن رجوع ڪرڻو پوندو. اِها حالت بہ، سنڌي آدب لاءِ، نهايت آفسوسناڪ آهي!

ملڪ جي تقسيم کان پوءِ، سنڌي زبان ۾، آڱرين تي ڳڻڻ جيترين مس، ڪي با مقصد ۽ معياري تحريرون ۽ تخليقون، صفحهٔ شهود تي نمودار ٿيون آهن، جن مان هڪ، "مسڪين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

جهان خان کوسو" نالي ڪتابچو آهي، جو اسان جي محترم دوست ۽ سنڌ جي نوجوان اديب ۽ شاعر، حضرت محمد بخش بلوچ "مجنون" جي دماغي ڪاوش، ادبي ۽ قومي سوزش جو نتيجو آهي. هي ڪتابچو، "بقامت ڪم و بقيمت اهم" جي بمصداق، اگرچه حجم ۾ سو ننڍو آهي، ليڪن سنڌي علم، ادب ۾، هڪ آعليٰ ۽ ارفع مقام ۽ اهميت حاصل ڪري چڪو آهي! هي، حضرت مجنون جو لکيل، پهريون ئي لاجواب ڪتاب آهي ۽ سندس اِبتدائي ڪامياب ڪوشش آهي، جنهن لاءِ هو صاحب، لکها مبارڪن جو مستحق آهي! مون، اِهو ساڳيو ڪتاب، ٻه ڳهرا اڳي، ۽ ٽيون ڳهرو، پنهنجي هن تبصري لکڻ کان اڳ، پڙهي پورو ڪيو آهي. مطالعي جو چوٿون موقعو، اِنشاءالله تعاليٰ، ڪتاب جي هن نئين ايڊيشن جي پروفن پڙهندي ميسر ٿيندم. ڪتاب جي مطالعي مان، هر ڳهري، هڪ نئون لطف آيم!

سنڌ جي مختلف اخبارن ۽ رسالن، اديبن ۽ عالمن، هن ڪتابچي تي، دل کولي تبصرا ڪيا آهن ۽ اُن جي فاضل مصنف جي تعريف ۽ توصيف ۾، رطب اللسان رهيا آهن. تبصرن جو هڪ لامتناهي سلسلو آهي، جو اڃا ختم ٿيندي، نظر نٿو اچي!

پهريون سوال، جو لاشڪ، حضرت مجنون جي بالغ نظريءَ، عاليشان ميلانِ طبع، قومي سوز ۽ گداز، درد ۽ تڙپ، قدر شناسي ۽ سندس آخلاقي معيار جي بلنديءَ ڏانهن دلالت ٿو ڪري، سو هي، تہ ڪهڙيءَ ڳالهہ کيس مجبور ڪيو، جنهن جي تحت، هن صاحب، پنهنجي پهرين پهرين تحرير، ملڪ جي ٻين مشهور سماجي ۽ سياسي ڪارڪنن، نامور اديبن ۽ عالمن، قومي ۽ ديني رهنمائن، معروف اهل، فن ۽ اهل، هنر حضرات کي، يڪلخت ريٿي، تہ جهڙي پسمانده علائقي جي هڪ

soorihsindhiadab
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

غير معروف ۽ درويش صفت سماجي ڪارڪُن، مسڪين جهان خان کوسي صاحب جي سوانح ۽ سماجي ڪارنامن بيان ڪرڻ جي نذر ڪئي؟!

حضرت مجنونؔ جي عقابي ۽ دوُر رَس نگاهن، تحقيق، سنڌ جي سماجي توڙي سياسي، ديني توڙي ميلّي، علمي توڙي آدبي مهاساگر جي سطح تي، ڪک کهچر وانگر ٽُلڪندڙ غورابن کي نظر انداز ڪري، اُن جي پاتار ۾ پيهي، غوطا هڻي، منجهانئس هڪ آبدار موتي ڪوري، ڪڍي، آڻي صرافن ۽ وڻجهارن آڏو پيش ڪيو آهي:

”اي ڳَنت غوّاص، جئن سمنڊ سوجهيائُون،
پيهي منجهه پاتار جي، ماڻڪ ميڙيائُون،
آڻي ڏنائون، هيرو لعل هٿن سين!“

(لطيف رحـ - سر سريراڳ، فصل پهرين)

معلوم رهي تہ سنڌ ۾، سوانحي ادب تي، گهڻا ڳڻيا ڪتاب مس لڀندا، جي پڻ ”تاليف“ جي زُمره ۾، شمار ڪري سگهجن ٿا. اُن جي برعڪس، عجب آهي تہ اسان جو محترم دوست، حضرت مجنون، هڪ بزرگ جي سوانح تي مشتمل ڪتاب، بنا ڪنهن ٻئي ڪتاب جي مطالع، حوالي يا مدد جي، ڪيئن تصنيف ڪري سگهيو آهي، جڏهن ڪنهن سوانحي يا تاريخي ادب جي تاليف لاءِ، متعلّقہ مختلف ڪتابن جي حوالن جي اَشد ضرورت ٿيندي آهي، جنهن کانسواءِ، سوانحي يا تاريخي تخليق، ناممڪن آهي!

اسان کي، سنڌي توڙي ٻين زبانن جي سوانحي آدب تي، جيترا بہ ڪتاب نظر آچن ٿا، تن کان حضرت مجنونؔ جي هن سوانحي تخليق جو رنگ ۽ ڍنگ، نمونو ۽ طرز، بالڪل مختلف ۽ نرالو آهي. ”مسڪين جهان خان کوسو“، هڪ خالص ۽ منفرد، سماجڪ ۽ اِصلاحي تحرير آهي، جنهن ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

فاضل مصنف، بيانيه طرزِ تحرير ڪان گهٽو ڪم ورتو آهي. حضرت مجنونءَ کي، قدرت وٽان، بيان جي طاقت، وديعت ٿي ملي آهي. جنهن به شيءِ، جنهن به منظر ۽ جنهن به ماڻهوءَ جو بيان، پيش ڪرڻ ٿو چاهي، اُنهيءَ شيءِ، اُنهيءَ منظر يا اُنهيءَ ماڻهوءَ کي، جيئرو جاڳندو اٿيو، پڙهندڙن جي اکيان ٿو بيهاري! اِها هڪ خدائي ڏات آهي، جا تصنع، بناوت يا جدوجهد سان، ڪنهن کي حاصل ٿي نٿي سگهي! هونءَ به، محترم بلوچ صاحب سان، جيڪي ماڻهو روبرو مليا هوندا، تن محسوس ڪيو هوندو، ته موصوف جي ذات ۾، هڪ قدرتي مقناطيسي يا چقماق واري طاقت رکيل آهي، جا دلين کي، پاڻ ڏانهن ڇڪي ٿي! اِهوئي سبب آهي، جو محترم مجنون صاحب جي دوستن جو حلقو، نهايت وسيع آهي، جي سندس قرب ۾، هميشه ڪَڙيل رهن ٿا!

ڪتاب ۾، اڪثر جاين تي، فاضل مصنف، مزاحيه طرزِ تحرير اختيار ڪئي آهي. جتي جتي، پنهنجي سماج تي طنز يا مزاح ٿو ڪري، اُتي سمجهڻ وارا خوب سمجهن ٿا ته هُو، زهرخند ٿو ڪري! سندس اکيون، سماج جي ابتر حالت تي، نسورو نير تيون وهائين ۽ سندس حساس دل، پنهنجيءَ قوم وارن لاءِ ڪڙهي ٿي! سندس ٽهڪن ۾، درد پريون آهون ۽ دانهون، روڄ ۽ راڙو لِڪل آهي!

حضرت مجنون فطرتاً، هڪ شگفته مزاج ۽ مزاحيه طبيعت رکندڙ جوان آهي. دوستن هميشه، کيس ٽهڪن ڏيندي ڏٺو هوندو! پر مون بارها، ديني ۽ سماجي وغيره مسئلن تي، گفتگوءَ دوران، سندس اکيون آبدار ۽ آشڪبار ڏٺيون هونديون، جنهن مان پليءَ پَٽ ظاهر آهي ته هو صاحب، هڪ آهلِ دل ۽ آهلِ درد آهي. حضرت مجنون، هڪ شريف النفس ۽ ظريف الطبع، سدا کِلڻو ۽ رِلڻو ملڻو، خوش خُلق ۽ خوش طبع، ملنسار ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

قربدار، خوش خو ۽ خوش آخلاق، نيڪ ڪردار ۽ نيڪ آطوار، خوش گفتار ۽ خوش رفتار، صادق القول ۽ صادق الوعده، حليم ۽ طبع جو سليم، خوش قطع ۽ خوش وضع، ديندار ۽ متشرع، نيڪ نمازي ۽ هڪ پڪو مومن مسلمان. خوددار ۽ وضعدار، نهايت نهٺو ۽ متواضع، منڪسر المزاج ۽ رقيق القلب، نيڪ دل ۽ نيڪ نيت، نهايت حساس دل ۽ دماغ رکندڙ، مرنجان مرنج قسم جو صالح ۽ نيڪ طالع، لائق ۽ فائق جوان آهي.
حضرت مجنون، آهل دل ۽ آهل درد حضرات وانگر، شعرو شاعريءَ ۽ علم موسيقيءَ جو به دلدادو آهي. هيڏانهن ڏڪڙ تي آڱر لڳو ۽ سارنگي يا ڪو ٻيو ساز ڇيڙيو، هوڏانهن مجنون صاحب، هٿن مان ويو!

هيٺ، محترم مجنون صاحب جي ڪتاب، ”مسڪين جهان خان کوسي“ جو آجمالي جائزو پيش ڪجي ٿو:-

مون کي، سنڌ ۾، محترم بلوچ صاحب کان سواءِ، آهڙو ٻيو ڪوبه مصنف ڪونه سُجهي، جنهن جو، زندگيءَ ۾ ڀريون ڏي ڀريون لکيل ڪتاب، زيور طبع سان آراسته و پيراسته ٿي، هيڏي، آچا ميدان ۾ آيو ڏي مس هجي ته هوڏي، هٿوهٿ، عوام توڙي خواص تائين، پهچي ويو هجي ۽ چند مهينن بعد، آن جي دوباره شايع ٿيڻ جي، شديد ضرورت به محسوس ڪئي ويئي هجي! نه فقط ايترو، بلڪ هڪ طرف، ملڪ جي پين ڪهنه مشق آهل قلم حضرات ۽ نامور آديبن جي تصنيفات جي مقابلي ۾، بالاڏي ٻالا، ”پاڪستان رائيٽرس گلڊ“ وٽان، پنج سؤ رپيا انعام پڻ، کٽي آيو هجي، ته ٻئي طرف، قبول خاص و عام جي سَنَد پڻ، حاصل ڪئي هجيس! ”ڀرين ٿڪي ڪير پَري“، اِنهيءَ کي ڏي ڇئبو آهي! هڪ سنڌي مصنف جي، سوبه ڀرينءَ ڏي سَٽَ ۾، هن کان وڌيڪ، ٻي ڀلا ڪهڙي خوش قسمتي يا قدر شناسي ٿي سگهي ٿي؟!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سنڌ جي علمي ۽ آدبي ميدان ۾، محترم بلوچ صاحب، اگرچہ عـمـلي قدم، گھڻو دير سان کنيو آهي، تاهـم آڳين توڙي پوين آهلِ قلم حضرات کان، بـهـتر صُورت، گويءَ سبقت کڻي ويو آهي؛ بقول_

”دير آمـده اِي مگر بخير آمـده اِي“ (آجمل)

”آجا پيو آهين، ڪلجڳ ۾ ڪي ڪاپڙي“ جي مثال، لوڪ ۾، آهڙا بہ ڪي بلند معيار اهلِ هنر ۽ اهلِ فن اصحاب لِڪا پيُا، جن جي آجا ڪنهن کي ڪل بہ نہ پيئي آهي! افسوس تہ اُنهن جهنگ جي گلن تي ڪرڻ گهرجي، جيڪي ويراني ۾ ٿي ڦٽي، ڇڙي، پنهنجيءَ هڳاءَ سان ماحول کي واسي، اُتي ئي ڪومائجي، فنا ٿـي وڃن ٿا؛ اُنهن جي قدر ڪرڻ وارو يا اُنهن مان فيض وٺڻ وارو، ڪوبہ ڪونہ ٿو رهي!

”پھول جنگل ميں کِھلے کِن کے لئے؟!
کـون ويرانـے ميں ديکھے گا بہار؟!“

حضرت مسيح عليہ السّلام، ”قُم باذن اللّٰه“ (اُٿ، اللّٰه جي حڪم سان) جو نعرو هڻي، مُئلن کي جيئاريندو هو. اِهي الفاظ، صدين کان، لُغتن ۾، موجود رهندا پيا آهن، جي اسان بہ استعمال ڪري سگهون ٿا تہ اوهان بہ! مگر اڄ تائين، اِنهن لفظن کي اُچاريندي، مُئل انسان تہ بجاءِ خود، مُئل ماڪوڙو بہ جيئاري نہ سگهيا آهيون! ظاهر آهي تہ اِهي الفاظ، حضرت مسيح (ع) جي ئي زبان تي اچي، پنهنجو آثر ۽ معجزو، ظاهر ڪري سگهن ٿا. ساڳيءَ ريت، اسان جي دوست، محترم مجنون صاحب، پنهنجي هن ڪتاب ۾ بہ، اُهي ئي لفظ ۽ ڪلما، اُهي ئي اصطلاح ۽ محاورا، اُهي ئي روزمرّہ ۽ ضرب المثال، ٽپي ٽپي تي استعمال ڪيا آهن، جي مختلف سنڌي لُغاتن ۾، صدين کان موجود رهندا پيئي آيا آهن؛ جن کي سنڌي آهلِ قلم

soorhsindhiadab
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

حضرات، شروع ڪان استعمال ڪندا پيا اچن؛ ليڪن اُنهن جو تاثر ۽ اُنهن جي لفظي توڙي معنوي ملاحت ۽ شيريني، پنهنجي حد ڪمال کي تڏهن ئي ٿي پهچي، جڏهن مجنون صاحب جي دهان، قلم مان، اُهي ذڪر ڻ ٿا! مجنون صاحب جي هن تصنيف ۾، نهايت مليح ۽ شيرين، سهڻي ۽ سڀهتي، سليس ۽ سباجهڙي سنڌي زبان مستعمل آهي؛ ٿپ ٿپ تي ڪنايا ۽ استعارا، تشبيهون ۽ تلميحون، ورجيسون ۽ تمثيلون، اصطلاح ۽ محاورا، پهاڪا ۽ چوڻيون استعمال ٿيل آهن. مطلب ته هن هوشيار باغبان جي هٿن، مختلف رنگين گُلن جي ذريعي، گُلدستي ٻڌڻ ۾، پنهنجي عمدي مذاق جو مظاهرو ڪيو آهي؛ هن مشتاق نقاش (مصور) جي هٿن، مختلف رنگن جي آميزش جي وسيلي، چترڪاريءَ جو هڪ مثالي شاهڪار پيش ڪيو آهي، جنهن لاءِ بيشڪ، هُو لائق، صد آفرين و ستائش آهي! ڪتاب ۾ ڪم آيل چند ضرب المثال (چوڻيون ۽ پهاڪا)، هيٺ عرض رکجن ٿا:-

اُهائي آنڊي ۽ جنڊ! ڪُتل ته به خان! جتي وڻ ناهي، اُتي ڪانڊيرو به درخت! سڀري جي سالي سڏائڻ لاءِ هرڪو تيار؛ ٻُڪٽي جو پيٽويو به ڪونه ٿئي! اُهي ئي لاتون، اُهي ئي چُگهه! ٻُڪ ٻُڇڙو تول، دانا ديوانا ڪري! جتي پيئي، اُتي وهائي! پيادي ڪان، ڪُتي جي وات ۾ چگو! پدرم سلطان بود! بيڪار ڪان بيگار ڀلي! سچ ڪُتي يا ٻچ ڪُتي! روهه رلا، متي ڪلا! قهر، درويش، بر جان، درويش! اُٺ اڳيئي تي رُنا، جڏهن بورا ٿي سيبيا! طاهر سڏائين ٻاهر! ٻڙا سڏاوڻ، ٻڙا ڏُک پاوڻ! ويا لڙ لهي، اکيون اکين جهڙيون! سنئين ۽ سُور، ويا ڀڃيندا پاڻ ۾! سو ماڪوڙو، ڏيڍ پيتو! ڪارو ٻڌ ڪمري سان، رنگ نه مٽائي، اوساڻ (اوصاف) ضرور مٽائي!

هيٺ وري، ڪتاب ۾ ڪم آيل گُونا گون ۽ متنوع اصطلاحن ۽ محاورن جو مطالعو ڪريو:-

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

راڄ ڪرڻ (پرچائڻ) - ڏينهن رات هڪ ڪري ڇڏڻ- ڪلهو ڏيئي بيهڻ- پنهنجي ٿهيل ڦٽائڻ- ڪٿيو ڪارائڻ- مُنڍيءَ تي ٽِڪ- لڪ تي مٿو ڏوئي آڇڻ- پَٽ تي پير ڏئي نه ڪوڙڻ يا پوڻ- پويان پساهه پُورا ڪرڻ- پاڻ پتوڙڻ- ڏاڍيءَ تي چڙهڻ- آيو ڪيلو ٿني ويهڻ- منجڪ منجو ڳائڻ- ڏَنو مُٺو ٻُڪيءَ نوڪ- ٻه ٻه هٿ ڪرڻ- واتُوڙجڻ- ڪَنن جون پاپڙيُون پڪڙڻ- نپ ڏئي نري وڃڻ- پيٽي ياڻ ڪي باهه لڳڻ- ڪارو ڪِٽ ٿي وڃڻ- دَر تي جُتيون گسائڻ- روهه ۾ رولڻ- آنڊن جو ڪلوس ڪرڻ- گيهه ڄجو سِڌيءَ آڱر تي نه چڙهڻ- وني ڏرڙيون ڪرڻ- گيسيءَ جو نڪاءُ- آلهوتلهو ناس ٿيڻ- پوتيون پلاند، نياٽيون قرآن ڪَتا ڪرڻ- چڙهه ڪرڻ- گهر، مسيت ڪرڻ يا ٿيڻ- لِڪڻ لاءِ لوڳها جاچڻ- هونسلا (حوصلا) خطا ٿيڻ- ڏگڙي ڪِسڻ يا جاءِ هجڻ- هونش (هوش) نڪاڻي ڪرڻ- مٿو وڃڻ- تون آهين ڪير ۽ ڪاڇين چاسان ٿو؟- مخرج سان ڳالهائڻ- ڪنهن وٽ، مُنهن ڪاڻ (فاتحه خوانيءَ) لاءِ وڃڻ- ڪَک پڇي پٽو نه ڪرڻ- ڪَنيي، ڪٽي اڇڻ- ڪانگ اُڏائڻ- پانهون موٽڻ- گهر ٻاري ڏياري ڪرڻ- (نوڪريءَ ڪي) هٿ ۾ ٿي پتر ڏيڻ- گدڙ وارو پروانو ڏيکارڻ- جهرڪين کي، بازن جي مقابلي ۾ آڻي بيهارڻ- اکين ۾، ڪَنڊو ٿي چڀڻ- ڪُک جي ڪاني- اندريان ٻاهريان (جاننا) هٽي، وارو ڪيڙي، دَسي وجهڻ- مهلون ٻه مڙسن تي ايندپون آهن!- هَٿُ سنئون ڪرڻ- ڪنڌ تي ڪَڙڪڻ- مکيون مارڻ وغيره.

اِنهن ڪان سواءِ، ڪتاب ۾، آهڙا ٻه ڳهٽائي اِصطلاحي لفظ، ڪلما ۽ جُملا ڏنل آهن، جي ڪِن خاص مهلن تي، اڪثر ٻهراڙين ۾ ئي ماڻهو، ڪم آڻيندا آهن ۽ ڪي وري، ٿَري ماڻهن لاءِ مخصوص آهن، جهڙوڪ:-

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڏيٺ- سيم (ڳوٺ جي پسگردائيءَ واري زمين)- آچي جهڙي ٻوهه- ميل ۾ ڪيچ- ڪتابن جي پُنارڪ- ٻاوري جو گيڊيو (لَڪُڻ)- ڪرت ڪرت ڪندو، آڻ مَٽي ڪيه اُڏاٽيندو آفيس ڏانهن واڪڻ- پيار ۽ پاٻوهه سان ٻوچڪاري چوڻ- دَر جي سيرُن مان جو ڪٽي ڏِسي ته بلبر!.... منهن ڪاڻ (فاتحه خواني)- هوانو- ڏاگهون- ڏرڙيون- سانَ تي ٻنگائي- آؤ ڳپي- ڏُڏو چُوئو- اُره جيڏي پٽ اُرڙائي ڪُهڻ- ڏگڙي- ڪارو ڪيٺ- ڪلوس ڪلوس- پِٽو پاڻ- ڏٿومٿو ٻُڪيءَ نوڪ. وغيره-

دل گهڻوئي ٿي چاهي ته هن ڪتاب مان، آهڙا جُملن جا جملا، پنهنجي ٽيڪا ٽپڻيءَ سُميت، پڙهندڙن جي آڏو پيش ڪريان، جن ۾ فاضل مصنّف، پنهنجي قلم جُون خُوب جؤلانيون ڏيکاريون آهن ۽ جن ۾، سندس بيانيه طرز، تحرير، پنهنجي حدّ ڪمال کي ٻهچي چُڪي آهي؛ پر اِهوئي خوف دامنگير آئم ته ڪيئي، منهنجو هيءُ تبصرو، ڪتاب جي اصلي مواد ۽ مَتن کان وَڌِي، هڪ طُولاني تفسير يا باقاعده مقدّمه جي صُورت نه اِختيار ڪري وڃي، جنهن جي اِجازت، خود مالڪن وَٽان ئي مِليل ڪانهي!

پڇاڙيءَ ۾، پنهنجي عزيز دوست، حضرت محمّد بخش بلوچ ”مجنون“ صاحب کي، ايترو سو عرض ڪندس ته جئن ته الله پاڪ جلشانه، کيس، هڪ ڪامياب آهل قلم جي ڪُل خُوبين سان مزيّن ۽ مالا مال ڪيو آهي، لهذا پُختگيءَ ۽ پامرديءَ سان، تصنيف ۽ تاليف جي ميدان ۾، تڪڙو تڪڙو قدم کڻي، سنڌي علم، آدب جي ترقّيءَ ۽ بهبوديءَ ۾ هُو، ڀرپُور حصّو وٺي.

معلوم رهي ته ڪتاب جي هِن نئين ايڊيشن جي پروفن پڙهڻ جي خدمت، منهنجي ئي سپُرد ڪئي ويئي آهي. مُون کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

يقين آهي تہ مُون، پنهنجيءَ ڄاڻ ۽ پنهنجي آزمودي پٽاندڙ، پنهنجو فرض، بطريقهء آحسن، آدا ڪيو آهي؛ تاهم، ڪتاب ۾، جيڪڏهن ٽائيپ يا پرُوف جي ڪا غلطي رهجي ويئي هجي تہ اُن لاءِ، قارئين ڪرام، هِن بندي کي ئي جوابدار سمجهن.

حيدرآباد
جُمعة المبارڪ
٦ جُون ١٩٦٩ع
٢٠ ربيع الاوّل ١٣٨٩هہ

فقط والسّلام
الراقم
آجمل بيگ - ق. مرزا (آجمل)

---

soorihsindhiadab
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

"شام، مسڪين"

٨- آگسٽ ١٩٦٧ع، شام جو پنجين بجي ڌاري، مرڪزي اُردو بورڊ لائبرري هال، منظور چئمبرس حيدرآباد ۾، ٿرپارڪر جي مخلص سماجي ورڪر، "مسڪين جهان خان کوسي" جي زنده يادگار ملهائڻ لاءِ، هڪ شاندار تقريب منعقد ڪئي ويئي، جنهن جي صدارت، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ڪئي ۽ مولانا غلام محمد گرامي، محترم محمد عثمان ڏيپلائي، جناب محمد بخش بلوچ "مجنون" ۽ سنڌ جي اٽڪل هڪ سؤ برک اديبن، شاعرن، دانشورن ۽ صحافين شرڪت فرمائي ۽ "مسڪين" جي سماجي خدمتن جي سلسلي ۾ تقريرون ڪري، "مسڪين" کي، خراج، تحسين پيش ڪيو. تقريب جي اختتام تي، "مسڪين جهان خان کوسي" جي زندگيءَ بابت هڪ ڪتاب، تصنيف ڪيل جناب محمد بخش بلوچ "مجنون" صاحب جو، حاضرين، مجلس ۾ تقسيم ڪيو ويو.

اِنهيءَ موقعي تي، ڪتاب "مسڪين جهان خان کوسو" جي مصنف، جناب محمد بخش بلوچ "مجنون" صاحب، ۽ خود "مسڪين جهان خان کوسي" صاحب، جيڪي تعارفي تقريرون ڪيون، سي هيٺ پيش ڪجن ٿيون:-

"ناشر"

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جناب محمد بخش بلوچ ”مجنون“

٨- آگسٽ سنه ١٩٦٧ع

تعارفي تقرير

(ا)

صاحبِ صدر، خواتين و حضرات!

هن شام رچائڻ جو مقصد صرف اِهو آهي ته ”مسڪين“ جو ڪتاب، اوهان ڪي هٿ ۾ ڏيئي ۽ ”مسڪين“ خود ڪي، اوهان جي اڳيان ويهاري، فيصلو اوهان تي ڇڏيان ته مون، اِنهيءَ ڪتاب ۾، ”مسڪين“ سان ڪيتري قدر انصاف ڪيو آهي؟ جيتوڻيڪ مون کي، بذاتِ خود، شڪايت آهي ته ”مسڪين“ مون سان انصاف ڪونه ڪيو!

حضرات! هن سال، ”مسڪين“ تي، ڪتاب لکڻ لاءِ، رات جو ڪافي دير تائين، جاڳڻو پوندو هو ۽ ڪيترائي سگريٽ ساڙڻا پوندا هئا. نتيجو اُن جو اِهو نڪتو ته ”مسڪين“ جو ڪتاب، ھڪڙي پاسي پريس ۾ پهچي چڪو هو، ته ٻئي پاسي وري آءٌ، ايل ايم سي اسپتال جي پرائيويٽ وارڊ ۾، داخل ٿي چڪو هوس. شڪايت ڪهڙي؟— هارٽ ٽربل يعني دردِ دل!—

حضرات! ”دردِ دل“، هونءَ ته شاعرانه تخيل موجب، ڏاڍو پيارو لفظ پيو لڳي ۽ صرف اُن جي سوچڻ سان ئي، دل ۾ مٺي مٺي ۽ وڻندڙ خلش محسوس ٿيڻ لڳي ٿي ۽ اسان جا نوجوان شاعر ته دردِ دل جي موضوع تي، طبع آزمائي ڪرڻ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

۾، ڏاڍا تيز آهن ۽ هروقت، دل تيريءَ تي ڪنيو، اُن مان ڳڙندڙ رت جي ڏارُن جو مظاهرو ڪندا وتندا آهن؛ پر جيڪڏهن ڪين، مُون واري ۽ جمال ابڙي واري دردِ دل جي رڳو ڪيڏيءَ مهل ڪا ڦندڪ لڳي وڃي ته جيڪر، ساري عمر لاءِ، شاعريءَ تان ٽي توبهه ڪري ويهي رهن ۽ ممڪن آهي، ته آهڙي دستبرداري، اخبارن ۾ پڻ شايع ڪرائين.

حضرات! اِنهيءَ "بي پير دل"، اسان کي به ٿورو رُسوا ڪري وڌو! اهو واقعو، ڪجهه هيئن ٿيو، جو اسپتال ۾، دل جو مريض هئڻ ڪري، مون کي، 'Strict bed rest' جو آرڊر هو؛ پر مون جهڙو متحرڪ ماڻهو، ڪٿي ٿو سارو ڏينهن، بستري داخل رهي سگهي؟! سو سُور جي ڪري، دل کي، هٿ سان دٻائي، وارڊ جي ورانڊي ۾ پيو هلندو هوس. نرسن ويچارين سمجهيو ته آءٌ، کين ستائڻ ۽ تنگ ڪرڻ خاطر، دل تي هٿ رکيو هلان! سو آخر رهيو نه ٿيُن- هڪڙي، مون کان پُڇي ويٺي ته

"ہم کو دیکھکر، آپ، دل پر ہاتھ کیوں رکھتے ہو؟" مون چيومانس، "کون کافر، تم کو دیکھتا ہے؟ "ہم کو تو دل میں درد اُٹھتا ہے، اِس لئے اپنا ہي سینه دباتے ہیں- آپ کو اس سے کیا تکلیف ہوتي ہے؟"

اُن جو هُن، ڪهڙو جواب ڏنو، تنهن جو اظهار، مفادِ عام جي منافي ٿيندو.

بهرحال، چوڻ جو مقصد هيءُهو ته "دردِ دل"، وڏو عذاب به آهي ۽ رسوائي به. ڪن کي فقط عذاب نصيب ٿيندو آهي، ته ڪن کي رڳي رسوائي، ۽ ڪن کي ته اسان وانگر ٻئي! سو عرض آهي ته "مسڪين" لاءِ، محبت جي ته دعوي نٿي ڪري سگهجي، البته، "مسڪين" جي "ڪتاب جي محبت"،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اسان جا ڀتا ڪيڏي ڇڏيا ۽ اسين هروقت، ”ماهيا“ جا، اهي لفظ گنگنائيندا وتون ٿا ته:-

”ٽڪي جيئي جندڙي نون اسين روگ لگا بيٺهي!“

سو خدا نه ڪري، خدا نه ڪري، هن ڪان پوءِ، اهڙي ڪنهن ٻئي ”مسڪين“ سان نه پانارو پوي!- آهو ”مسڪين“، يقيناً، اسان کي، ”اميدن ڀريئي“ ڪان اورتي ڪونه ڇڏيندو!

حضرات! توهان، سنڌي نياڻين جا نالا، سهڻي، ماروئي، مومل وغيره ته ٻڌا هوندا؛ پر ”سَسئي“ نالو، ڪڏهن به، ڪنهن جو نه ٻڌو هوندو؛ ڇاڪاڻ جو ”سَسئي“، سُورن هنيئي جي نالي، اها فرضي نحوست، وابسته ڪئي وڃي ٿي، ته ”سَسئي، معنيٰ سُور“! حقيقت ۾، آهي به ائين! سسئي ويچاريءَ کي، ڪا سُئي ئي، سُورن جي ملبل هئي! سُورن ۾ ڄائي، سُورن ۾ نپني! سڄي زندگي، سُور ئي سُور ۽ آخر ۾ به، بقول ڀٽائي گهوٽ جي:-

”سَسئي ۽ سُور، پيئندا ويا پاڻ ۾“!

۽ هيڏانهن وري حضرات! اسان جا هت، هميشه، الله ڏانهن هوندا آهن، ته مولا! ڪنهن به بني بشر کي، مسڪين جهڙو، خلق، خدمت جو جذبو نه ڏجانءِ ۽ نه مسڪين وارا، ڪنهن کي، خدمت، خلق ڪندي، ڏک سُور ڏيکارجانءِ! پاڪ پروردگار! تون قادر، مطلق آهين؛ جيڪڏهن چاهين، ته پنهنجي غريب بندن جي خدمت لاءِ، آسمان مان، فرشتو لاهي سگهين ٿو!- تنهن ڪري مُحابي پنهنجي پيارن جي، ڪنهن انسان کي، ايڏيءَ آزمائش ۾ نه وجهجانءِ!

اِها هڪ حقيقت آهي، ته ”بي وس، آنن به بار ڇڏيا“! سَسئي ويچاريءَ کي به، جڏهن سُورن جي، بنهه گهڻي اچي سوڙه ٿيندي هئي، تڏهن بي اختيار، وات مان، پاراتو به نڪري ويندو هوس ته ”ڪوءِ هاڙهو، ڀن هوت!“ پر شاباس آهي

"مسڪين" محترم ڪي؛ جنهن اِنهيءَ وات ۾، سچا سارا ڏيهه سال، سخت سختيون سٺيون؛ پر ڪڏهن به اِها وائي، وات نه آندائين، ته "ڪوءِ ٿـري، ٻـن ٿر"، (جنهن جي رهاڪن جي، هو هميشه خدمت ڪري ٿو).

حضرات! ڪي دوست، جيڪي مسڪين ڪي ذاتي طور تـي ڪونه سڃاڻن، سي شايد خيال ڪندا هوندا، تـه هاڻي آءٌ "مسڪين" بابت، وڏيڪ ڪجهه چوندس. اُنهن ڪي، منهن جو مودٌبانه عرض آهي، ته اِئين جيڪڏهن آءٌ، "مسڪين" بابت سمورو احوال زباني ٻڌائيندو وتان، تـه پوءِ، منهنجو ناهيل ڪتاب، ڪير ونندو؟ تنهن ڪري، اِنهيءَ موضوع ڪي اِتي ئـي ڇڏي، آءٌ وري بہ صاحبِ صدر، ۽ آنهن خواتين ۽ بزرگن جو نهايت ئي شڪريو ادا ڪريان ٿو، جن پنهنجو قيمتي وقت سيڙائي، تڪليف وٺي، رڳو آدب نوازيءَ خاطر، هن محفل ڪي، رونق بخشي آهي.

زياده حد آدب

والسلام

”مسڪين“ ـ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ـ محمد بخش بلوچ ”مجنون“



م. ع. ڏيپلائي
مولانا غ. م. گرامي
غلام رباني
”مسڪين“ جهان خان کوسو
ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ
مصنف ”مجنون“ بلوچ
حاجي محمود هالائي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جناب مسڪين جهان خان کوسو

۸- آگسٽ سنہ ۱۹٦۷ع

تعارفي تقرير

(۲)

صاحبِ صدر و حضرات - السلام عليڪم.

۱- مسڪين ناچيز جي ناليءَ، هيءَ جيڪا آديبانہ مجلس ڪوٺائي، ”شام“ جو لقب ڏيڻ ۾ آيو آهي، اُن عالمانہ مجلس جو، مسڪين، ڪنهن بہ طرح، پاڻ کي لائق ڪونہ ٿو سمجهي. مسڪين، اِنهن آديبانہ مجلسن مان ڇا ڄاڻي؟ مسڪين ويچارو، آڻ ڄاڻ؛ اِنهن عالمن ۽ آديبن جي وچ ۾، ڪچهريون ڪري، ويهڻ ڳالهائڻ جو بہ قابل نہ آهي. مسڪين لاءِ، جيڪي هن ڪتاب ۾، مسٽر محمد بخش خان بلوچ صاحب لکيو آهي، اُها سندس نيڪ اِرادي جي، هڪ تمام سُٺي ڪوشش آهي. اُن مان مسڪين کي، پنهنجي مقصد لاءِ، وَڏِي همت آفزائي ملي ٿي. انشاءالله العزيز، مسڪين، پنهنجو خلق، خدمت جو ڪم، آخر دم تائين، خُدا ڪارڻ، بلڪل بي ڊپائيءَ سان ڪندو رهندو.

۲- ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب جن، مسڪين لاءِ، جيڪي ڪُجهہ هن ڪتاب ۾، بهترين راءِ ڏني آهي، اُن لاءِ سندس وَڏِي مهرباني ۽ دائمي آحسان سمجهان ٿو. مسڪين، اُنهن صاحبن جو بہ نهايت شڪر گذار ۽ ٿورائتو آهي، جن

soorihsindhiadab

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مسڪين ڪي، اوهان صاحبن سان، ملڻ جو هيءُ موقعو، پيدا ڪري ڏنو. مسڪين، اوهان سڀني عالمن، اديبن، صحافين، شاعرن، سگهڙن ۽ علم دوست صاحبن جو احسان مند آهي، جن صاحبن، تڪليف وٺي، پنهنجو قيمتي وقت سيڙائي، هن شام جي مجلس کي، رونق بخشي، ڪامياب ڪيو. مسڪين، خاص طور تي اخبار نويسن، ايڊيٽر صاحبن جا گهڻي ۾ گهڻا ٿورا مڃي ٿو. انهن ايڊيٽر صاحبن، مسڪين جا پارڪر ۽ ٽر بابت مضمون، اسڪيمون ۽ غريبن لاءِ دانهون، پنهنجين نامور اخبارن ۾، ورهين جا ورهيه، تمام سٺي نموني، ڇپيون آهن، تنهن کان سواءِ، ڪيترين ئي حالتن ۾، ايڊيٽوريل نوٽ به، لکندا رهيا آهن.

حضرات! مسڪين، نه مولوي، نه عالم ۽ نه ايڏو وڏو تعليم يافتو آهي. مسڪين صرف، رواجي طرح، سنڌي علم، رنڊاروڙ وانگر، لکي پڙهي سگهي ٿو. مسڪين، فقط ايترو چئي، پنهنجي جاءِ وٺي ٿو.

والسلام!

هيءُ ڪتاب مئنيجر جميل پبليڪيشنس، ميرپور خاص ڇپايو.
۽
حيدري پرنٽنگ پريس، لجپت روڊ، حيدرآباد ۾ ڇپيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جناب الحاج حافظ محمد "احسن" چنا (دادو)

مورخہ ۱۳ جولاء سنہ ۱۹۶۹ع

"تاثرات"

"مسڪين جهان خان کوسو"

مسڪين جي سار سنڀال لهڻ به مجنون جو ڪم آهي. جڏهن قومي جنون دماغ ۾ ايندو تڏهن مسڪين تي نظر پوندي. مشهور عاشق قيس مجنون جي نظر نه هڪ اهڙيءَ عورت تي پئي جا حسين و جميل نه هئي پر سادي سانوري هئي. مگر سندس اخلاق تي قيس مجنون جي نظر پئي. انڪري جيڪڏهن محترم محمد بخش صاحب، مجنون نه ٿئي ها، ته مسڪين جهان خان جهڙي غريب تي ڪيئن نظر پويس ها؟ ضرور ڪنهن اعليٰ درجه واري کي منتخب ڪري ها ۽ ڪنهن اعليٰ هستي ۽ مشاهير عالم مان ڪنهن هڪ اعليٰ مراتب جي انسان تي نظر عاطفت ڪري ها. مبارڪ آهي محترم محمد بخش صاحب کي جنهن واريءَ ۾ پيتن جي رڻ پٽ مان اهڙو لعل ڳولي لڌو، جنهن ڏي ڪو صاحب عقل ۽ صاحبِ خرد نهاري به ڪو نه ها. ڇوته جنهن ماڻهوءَ کي سالم سليپر به نه هجي، ڪپڙا به پراڻا ۽ ڦاٽل هجن پر خدمتِ خلق ۾ نه ٿڪيءَ کي ڏسي نه ٿڏيءَ کي، نه گرمي جي پرواه، نه سردي جي سنڀار. هل هلان، پيچ پچان! مسڪينن، بيواهن، بيڪسن جي ڀلائي لاءِ نه ڏکي پنڌ جي ڳڻتي نه اوکي رند جو فڪر، پر وطن جي مسڪينن سان پيوند پيو هجي. هن وادي مهراڻ ۾ اهڙا لعل گودڙيءَ ۾ لڪل گهڻا لڀندا. پر ڪو پارکو مجنون پارو هجي ته پرکي! نه رڳو پرکي پر انهي کي دنيا سان روشناس به ڪرائي ۽ انهن جي انهي قومي جذبه کي ڪو اجاگر ڪري.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

"متي بہ جنهنجي سوني، واريءَ جا ذرڙا موتي،
پـــتـــر ٿيا جواهر، ســـا سنڌڙي اسانجي"
(احسن)

مسڪين جهان خان ڪوسي جي دل ۾ ڪو قومي ۽ وطني درد جو ناسور آهي، جو کيس سک سمهڻ نٿو ڏئي. نہ ننڊ نہ آرام، نہ قيام نہ طعام، نہ فرحت نہ راحت بلڪ بک ڏک ۾ غريبن بيوسيلن جي واسطي ڌاڪڙا ڏسڻ، تڪليفون ڪرڻ، سختيون سهڻ، ننڊون ڦٽائڻ، پنڌ ڪرڻ، شاهہ صاحب جي انهيءَ اِرشاد تي عمل ڪرڻ تہ:

"تتيءَ ٿڌيءَ ڪاهہ، ڪانهي ويل ورهڻ جي"

تہ پوءِ اهڙي ماڻهو جو احساس نہ رکڻ، ان جي خدمت جو قدر نہ ڪرڻ، بي قدري جي علامت چئجي.

باقي رهي ڳالهہ تہ مختيارڪار جهڙو آفيسر مسڪين تي ڪيئن مهربان ٿيو، سا ڳالهہ پڌري پٽ پئي آهي تہ جيڪڏهن ڪنهن وڏي مرتبي واري ماڻهو جو ذڪر ڪري ها، سوانح عمري لکي ها تہ هرڪو ائين سمجهي ها تہ خوشامد ڪئي اٿس. يا انهيءَ وڏي ماڻهو مان فائده ملڻ جي اميد اٿس. پر مسڪين قومي خدمتگار، غريبن جي گهٽگهري مان تہ ڪابہ فائدي ملڻ جي اميد رکي نٿو سگهي. بهرڪيف محترم محمد بخش بلوچ مجنون هڪ مثال ڪري ڏيکاريو آهي، ۽ هڪ غريب، مسڪين جي دردِ دل کي عوام اڳيان واضح ڪري رکڻ ۽ سندس خدمتِ خلق کي ظاهر ڪرڻ سان نہ رڳو جهان خان جي همت افزائي ڪئي آهي پر پين لکندڙن جي بہ اک کولي آهي، تہ اهڙن هڏ ڏوکين، همدرد، بي لوث، بي طمع انسانن جي وڌيڪ همت افزائي ڪرڻ ۽ قومي وطني خدمت جي جذبي کي وڌيڪ اڀارڻ ۽ تقويت ڏيڻ هڪ سهڻو قدم آهي. مسٽر محمد بخش مجنون مختيارڪار تہ آهي، پر ائين نہ آهي تہ سڀ آفيسر هڪ جهڙا آهن. ڪنهن جي حساس طبيعت بہ هئڻ گهرجي.

soorihsindhiadab
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
Scanned with CamScanner

مختيارڪارن کي نہ رڳو چورن جي ٻڌڻ ۽ ڇڏڻ جو ڪم هوندو آهي پر مسڪينن جا معاملا، مسئلا ۽ فيصلا بہ وٺڻ هوندا آهن ۽ هزارن مسڪينن کي بہ انصاف پلئہ وجهندا هوندا.

محترم محمد بخش صاحب بلوچ دادو ضلع ۾ گهڻو عرصو رهيو آهي يعني ٿن تعلقن ميهڙ، دادو ۽ خيرپور ناٿن شاهہ جو مختيارڪار ٿي رهيو آهي. منهنجون ساڻس گهڻيون ملاقاتون، محفلون ۽ مجلسون ٿيون آهن. مونکي سندس طبيعت ۽ ادبي سرمايو معلوم آهي. سدا کِلڻو، رلڻو مِلڻو آهي. فخر وڏائيءَ کان ڪوهين دور، غريب امير سان هڪ جهڙو سلوڪ رکڻ علم دوستن، شاعرن ۽ اديبن سان اُنس رکندڙ، ادبي محفلن جو خواهان آهي.

ميهڙ ۾ جو آل سنڌ مشاعره مذاڪرو، مرحوم رئيس ضياءُالدين ايس. بلبل جي مشوره سان منعقد ڪرايائين، جنهن ۾ ڪراچيءَ کان ڪشمور تائين بہ سؤ اديب ۽ شاعر آيا. ۹ بجہ رات کان ٦ بجہ صبح تائين ادبي اجتماع هليو. ان ۾ هرهڪ ڪم جو انتظام، اهتمام اهڙو رکيائين جو اڳ دادو ضلع ۾ اهڙو مثال ڪونہ ٿي گذريو هو. اها سندس ادبي طبعت جي نشاني ۽ رجحان آهي.

انهي زماني ۾ ذڪر ڪندو هو تہ هڪ مجاهد مرد، سماجي ڪارڪن جي سوانح عمري لکڻ جو ڪم جاري آهي.

جڏهن حيدرآباد ۾ اسپيشل مئجسٽريٽ هو تہ ڪتاب بنام "مسڪين جهان خان کوسہ" شايع ڪيائين.

جيڪو ماٺهو پهريون ڪتاب لکندو آهي، آهو ايترو ڪامياب نہ ٿيندو آهي. تجربہ بعد ئي ڪا چيز عمدي لکندو آهي. مگر هن اديب جو اهو ڪمال آهي، جو پهريون ڪتاب حسن انتخاب، بلڪ لاجواب، مستطاب شايع ٿيو، جنهن هرڪنهن علم دوست ۽ اخبار نويس کان زوريءَ داد ۽ خراج تحسين حاصل ڪيو. هن وقت تائين ڪنهن بہ ڪتاب تي ايترا تبصرا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تعريفون تقريظون نہ لکيا ويا آهن، جهڙا ڪتاب ”مسڪين جهان خان کوسہ“ تي لکيا ويا آهن.

بولي اهڙي مٺي، سوادي، سلوڻي ۽ سولي ڪم آندي اٿس جو ڏک پري ڀڄي وڃي. مزاح، پهاڪا، اصطلاح، ضرب المثال، ورجيسون، محاوره، نصيحتون، هدايتون، حڪايتون، شڪايتون، ظرافتون ۽ سهڻي طنز ۽ سوانح نگاري ۾ بيا ڪيترا علمي پهلو پيش ڪري ويو آهي.

تواريخ، جاگرافي، ٿر جي حالات ۽ مناظر ماڻهن ۽ ذاتين جي سڃاڻپ ۽ ڏندا مطلب تہ ڪتاب لکڻ ۾ ڪمال ڪيو اٿس! ڪتاب جي عبارت پڙهڻ ۾ لطف پيو اچي. ڪتاب هٿ ۾ ڪٽي پڙهڻ وارو شروع ڪرڻ کان پوءِ وچ ۾ ڇڏڻ ناممڪن سمجهندو. اها ڪتاب جي خاص خوبي، خصوصيت ۽ دلچسپي ۽ ڪماليت جي علامت آهي. ڪتاب پڙهندڙ جي اکين اڳيان گويا جهان خان کوسو موجود آهي ۽ اهڙن مخلص سماجي ڪارڪنن کي ڏسڻ ۽ ملاقات جو شوق دل ۾ جاڳندس.

محترم محمد بخش صاحب بلوچ حب الوطني جي جذبہ سان سنڌي زبان جي جا خدمت ڪئي آهي سا تحسين لائق آهي. اميد تہ مجنون صاحب جو وطن ۽ ٻوليءَ جي خدمت جو جنون هن کان وڌيڪ اڳتي قدم وڌائيندو ۽ اهڙيون سهڻيون سوغاتون سنڌ وارن کي ڏيندو رهندو.

soorhinsindhiadab
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

از: محترم. م. ع. ڏيپلائي

"تاثرات"

جيئن ٿي ميرپورخاص طرف اچ وڃ ٿي، ميان "مجنون" سان اول واقفيت ٿي ۽ پوءِ دوستي. اها دوستي جهڙي سنڌس شاگرديءَ جي زماني ۾ هئي، اهڙي ساڳي اچ سنڌس آفيسريءَ جي زماني ۾ به آهي. ۽ اميد رکجي ٿي ته هو جڏهين ڪلتر ٿيو، تڏهين به "تون" ڪري ڳالهائڻ کي برداشت ڪندو رهندو.

سنڌس حيدرآباد ۾ وارد ٿيڻ بعد هونئن ته ملاقاتون سدائين پيون ٿينديون هيون، پر هڪ ڏينهن اوچتو پريس ۾ اچي ڪاغذن جو هڪ پلندو ڏيئي چوڻ لڳو "ادا ڏيپلائي، هيءَ لکيو اٿم "پنهنجي مسڪين" بابت ڪتاب، هن کي ڇپي به ڏي ۽ ٿي سگهي ته نظرثاني به ڪرينس."

تورو ڪلي پيس ۽ سمجهيم ته ڪامورن جا شوق به عجيب آهن! هاڻ هڪ مختيارڪار به اوچتو ئو اديب ٿئي؟! پر منهنجو ته انهي ڳالهه سان ڪو واسطو ڪونه هو، ته هو اديب ٿي پوي يا شاعر، يا ڪٿي سنڌس ڪنهن ٻئي پيشرو وانگر استعفي ڏيئي اسيمبليءَ وغيره لاءِ ڪڙو ٿي وڃي؛ ڪتاب مليو ۽ مونکي اهو چيٽو هو. باقي رهيو ڏسڻ جو ڪم، سو به ڪٿي ائين ٿي سر انجام ڏنم جئن پريس ۾ ٻيا اسڪولي سڪولي ڪتاب اچن ٿا.

پر جيئن ٿي ڪيس پڙهڻ ويٺس، محو ٿي ويس؛ ڇاجو ڪاڏو ڇاجو پيتو، ڇا جي چاءِ ڇا جو شربت. مرحوم الله بچائي سمي جي ڪتاب "سير ڪوهستان" کان پوءِ هيءَ پهريون ڪتاب منهنجي نظر کان گذريو هو، جو اگرچ بي ساخته لکيل هو، پر سنڌس انداز اهڙو ته والهانه ۽ البيلانه هو، جو بي اختيار

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تحسين چوندو مجنونءَ کي انهي ناول ”چترڪلا“ جي مصنف سان تشبيه ڏيندو ويس، جو اوچتو ئي اوچتو هڪ ناول تصنيف ڪري انڊيا جو عظيم ۽ پنج هزار روپيه انعام کٽيندڙ مصنف بنجي ويو ۽ سندس ناول کي هڪ نه، ٻه نه، بلڪ ٽي دفعا نئين نئين انداز سان فلمايو ويو. اڙدوءَ ۾ اچڻ بعد جنهن به اڙدو دان، ۽ ناولن جي چاٽپ رکندڙن کيس پڙهيو هوندو، ان لاءِ ناممڪن آهي جو هو عام ناولن وانگر کيس هڪ يا وڌ ۾ وڌ ٻه دفعه پڙهڻ تي صبر ڪري.

ٻئي ڏينهن کيس بي اختيار وڃي داد ڏنم ۽ چيم ته هن ڪتاب کي سٺن پنن تي، ٻن ليڊن ۾ (خلاصين سٺن سان) ۽ ڪارڊ بورڊ جي ڪور سان ڇپائي رائٽرز گلڊ جي انعام لاءِ موڪلي ڏي.

ويچارو مجنون ته سچ پچ مجنون ٿيڻ لڳو، چي ”چا منهنجي پهرين تصنيف ۽ چا رائٽرز گلڊ وٽ ادبي مقابلو؟! ميان ڪو مون کي هرويرو اديبن وٽ خوار خراب ڪرائڻو اٿيئي ڪئن؟ ۽ وري جو سٺو پنو، سٺيءَ ڇپائي ۽ ڪارڊ بورڊ جي جلد جي صلاح ڏيئي ڪتاب کي ٿو مهانگو ڪرائين؛ سو کيس آخر ڏسندو ڪير؟“

کيس ٻڌايم، ته ”عطر پنهنجو قدر پاڻيهي ڪندو، تون دل نه جهل.“ هاڻ ته هو اسان جهڙن مولاين جي پريس ۾ ڪتاب ڏيئي مورڳو اچي ڦاٿو. دل ۾ پئي سمجهيائين ته بس، آخر يارن دوستن کي ڪتاب هلائڻ لاءِ ٻه منٿون ئي ڪرڻيون پونديون، پيو حال ته ٻچڙن جي خرچي به پوري ٿي ويندي.

پر پتو تڏهين پيس، جڏهين ڪتاب آيو اسٽالن تي، ته هٿون هٿ کپندو ويو. جنهن پڙهيو تنهن بنا گهرڻ جي پئي تحسين ڏني، اخبارن وڏا نوٽ لکيا، سوانح جي دنيا ۾ هڪ نئون ورق وري ويو. ڪتاب ته چند مهنن بعد ڳوليو به هٿ نٿي آيو، پر مٿان جو مليو انعام، ته ماڻهو طالبو ۽ نوجوان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جميل کي ڇپائڻ جي فرصت نہ نهي؛ ڪتاب جي آمدني ۽ بابهنس کي مليل انعام جي رقم تہ ڦريائين، پر پين گهر وارن جي ميڙيءَ چوندي تي بہ ڌاڙو هڻي اول تہ ڇپايائين سندس تعارف يعني ”سنڌي ادب ۾ نئون موڙ“ ۽ پوءِ ٿو اچي اصل ڪتاب.

تعارف بہ جڏهن اسٽالن تي آيو، تہ بي اختيار وڪامڻ لڳو. هڪ اسٽال وارو، نهايت جهانديده تجربہ ڪار تہ حيران ٿي چوڻ لڳو ”ڀائي، آخر هي آهي ڇا، جو هڪڙي ڪتاب جي وڪاڻ جو ڪتاب بہ، ماڻهو ڏهہ آنا خرچي هٿون هٿ پيا ڪڻيو وڃن.“ ڪيس سمجهايو ويو تہ هيءَ نرو تعارف ناهي، پر سنڌ جي تقريباً چوٿيءَ جي ۲۵ اديبن جون بي ساخته تحريرون آهن، جن کي ماڻهو ائين ٿا ونن، جئن ”نقوش“ جي پنڌرهن روپين وارو خطوط نمبر وٺندا هوا!“

پر نہ فقط هو حيران، بلڪ هر مصنف ۽ پڙهندڙ هيءَ نئين حرڪت، يا سچ پچ ”نئون موڙ“ ۽ ان جي ڪاميابي ڏسي تعجب پيو ڪائي، ۽ سچ پچ تہ صرف ۵ سال اڳ جيڪڏهن ڪو نجومي شجومي اڳڪٿي ڪري ها، تہ عنقريب ڪو اهڙو ڪتاب بہ سنڌي زبان ۾ ڇپبو جنهن جي تعريفن جو ڪتاب بہ ڏهہ آنا قيمت سان ٿي هزار جي تعداد ۾ هلندو، تہ جيڪر ڪيس ڪو سچو پچو مجنون سڏيو وڃي ها!

سوانحون تہ سنڌيءَ ۾ پيون بہ گهڻيون ڇپيل آهن، ۽ ڇپبيون، پر اهڙي سوانح، جنهن ۾ موصوف جي تعريف سان گڏ عيبن جي اپٽار بہ انتهائي ڪليل عرف اگهاڙن اکرن ۾ ڪئي وڃي ۽ پوءِ بہ اها ممدوح سان گڏ مداحن ۽ ناقدن کي وڻندي وڃي، آن کي آخر ”ادب جي نئين موڙ“ کان سواءِ پيو ڇا سڏي ٿو سگهجي؟

ماڻهو پيا مجنون صاحب. کي چون تہ ابا تو تہ ادبي دنيا ۾ ٽرٽلو مچائي ڏنو، هاڻ لک کي اهڙا پيا ليک؛ پر انهن

مسڪين جهان خان کوسو

[۸۶/۷

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

فرمائشين کي اها خبر ڪانهي، ته هيءَ نڪا سوانح آهي، نڪو مضمون، بلڪ:

يه دردِ دل کي هے وه داستان- مضطرب، جسڪو
ڪڀي شبنم، ڪڀي آنسو، ڪڀي موتي ڀي ڪهتے هين!

پوءِ جئن نه هر قطرو شبنم ۽ نه هر آنسو، موتي بنجي سگهندو آهي، تئن اهڙيون چيزون ڪڏهين به فرمائشي طرح پيدا ٿي نه سگهنديون آهن- هيءَ ته ڪنهن دل واري ”ڪنياڻيءَ“ جي رومال کي ڏنل ”تن جي پوڙن“ وارو مثال آهي. (هاڻ اهڙيون آڪاٽيون لکڻ ويٺس ته هيءَ به نواءِ سنڌ جي ”روح رهاڻ“ بنجي ويندي)

پر بلوچ صاحب کان اها ڳالهه بعيد ڪانهي، ته وري به ڪو اهڙو ”پور“، نه بلڪ ”پورسو“ چڙهيو ته ڪاڳر ڪارا ٿي پريس پهچندا ۽ مڙس اسپتال ۾!

مسڪين جهان خان کوسو

۸/۸٦]

soorihsindhiadab

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مسڪين جهان خانُ کوسو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

”ايءَ نہ مارن ريت، جڻن سيڻ مڻائن سون ٿي!“

—— ڀٽائي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

بسم الله الرحمٰن الرحيم

نحمده ونصلي علىٰ رسوله الكريم

"مسڪين جهان خان کوسو"

ڪرڙوَڙي، قد درمياني، جسم جو جانٺو، موڪري مانيٽي منهن تي، سفيد سهڻي چاپوئٽي سونهاري، اڇي جهڙي ٻَوهه؛ مٿو اڪثر اگهاڙو، ڪڏهين ڪڏهين سياري ۾ ملن واري بسرقعي ٽائيپ ٽوپي يا اونهاري ۾ ڪجي واري مولانا ڀاشاني ٽوپي. ملبشا جا ڪپڙا، سي به ميل ۾ ڪِچ، هڪ دفعو پائڻ ڪان پوءِ، سج ڪٿي يا ٻج ڪٿي. پاٽيهي گهري سڙي، پنهنجي جان ڇڏائين ته واه، نه ته پيو ٽيو خير. ساڄي ڪلهي تي پٺارڪ ڪتابن ۽ اخبارن جي، ڪاٻي ڪڇ ۾ به ٽي سير اخبارن جو پلندو ۽ ان سان گڏ **"پاوريءَ جو گيڊيو"**، هٿ ۾ مس ڪپڙي؛ ڪُڙيون پڇجي، سپاٽا ٽي ويل سليپرن سان، ڪِيرت ڪِيرت ڪندو، مٽيءَ جي آڻ مٽي ڪره اڏائيندو، ٽرين جا ولرن جا ولر پويان لايو، ڪنهن آفيس ڏانهن واڪيندو ڪو ماڻهو ويندو ڏسو، ته پڪ سمجهو اهو مسڪين جهان خان کوسو!

ڪنهن زماني ۾ سارنگي نواز، استاد مرحيات ٻندو خان، مسٽر ذوالفقار علي بخاري وٽ، بمبئي ۾ مهمان ٿي وڃي ٽڪيو. بخاري صاحب، ان وقت بمبئي ۾ ريڊيو اسٽيشن جو ڊائريڪٽر هو. ڪا مهل ٿي، ته آڌيءَ رات جو بخاري صاحب وٽ سندس نوڪر پڇندو آيو ۽ اچي اطلاع ڪيائينس، ته استاد پنهنجي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪمري ۾ ڪا عورت گهرائي آهي ۽ ان سان ڏاڍيون راز و نياز
جون ڳالهيون پيو ڪري. بخاري صاحب وڏي اچرج ۾ اچي
ويو، ته استاد کي هن پيرسنيءَ ۾ اهو شوق ڪيئن جاڳيو، سو به سندس
بنگلي ۾! اعتبارئي نه آيس، سو استاد جي بند ڪمري جي دروازي
تي، ڪن لڳائي جو ٻڌائين، ته ٽپ ئي ٽري ويس. استاد ڏاڍي
پيار ۽ پاپوه سان ٻوچڪاري چئي رهيو هو، ته ”پياري! ويجهي
تي منهنجي بغل ۾ اچي سمهه، تنهنجي ايڏي جدائي آءٌ ڪيئن
برداشت ڪري سگهندس؟“ بخاري صاحب جا ته طاق ئي لڳي
ويا. هڪدم ڪٽي پنهنجي ڪنن جون پاپڙيون پڪڙيائين. سمجهه
۾ نه پيو اچيس، ته هن پٽي پاڻ کي اڄ ڪيئن باهه لڳي! پر
وري به خاطري ڪرڻ لاءِ، در جي سيرن مان جو ڪٽي ڏسي
ته بَلير! ڇاجي عورت، ڇا جي ڳالهه؟ استاد غريب ته پنهنجي
پياري سارنگي کي ريڙهي، بغل ۾ ڪري سمهارڻ جي ڪوشش
ڪري رهيو آهي. خدا شاهد آهي ته بجنسي اها، بلڪ انهيءَ
کان به چار رتيون ڪسر، مسڪين کي محبت آهي پنهنجي
پياري ”باوري جي گيڏيي“ سان! مسڪين جو اهو گيڏيو
اٿندي وهندي، گهمندي ڦرندي، سمهندي جاڳندي، مطلب ته
هر لحظي هر گهڙي، سندس بغل جي زينت بڻبو رهندو آهي. مجال
آهي جو اهو گيڏيو ڪڏهين پٽ جو منهن به ڏسي! هميشه
قرآن شريف وانگر ڪڇ ۾. مسڪين جو چوڻ آهي ته اهو
”گيڏيو“ گذريل اوٽيهن سالن کان سندس ساٿي آهي. انهيءَ
مان ائين سمجهجي، ته انهيءَ ”گيڏيي،“ ۽ پاڪستان جي عمر
طبعي ۾، ڪو ڏينهن اڌ جو فرق هجي ته هجي، باقي ظهور پرنور
ٻنهي جو ساڳئي سال ۾ ٿيل ڏسجي ٿو. مسلمانن کي پاڪستان
مليو ۽ مسڪين کي ”گيڏيو“. اڳ ته رنگ الائي ڪهڙو
هوس، پر مسڪين جا هٿ لڳي لڳي، هاڻي ته گيڏيو بلڪل
ڪارو ڪيٺ ٿي ويو آهي. هن کان پوءِ هلي ڪهڙو رنگ ٿو
پڪڙي، ان جي خبر الله کي.

soorhindhiadab

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

”ٻاوري جو گيڏيو“، هڪ عام سنڌي جي سمجهه کان وڏي شئي آهي. هي ”ٿاريلي“ ٻولي جا لفظ سمجهڻ لاءِ هڪ غير ٿريءَ کي، وڏيون ڪاوشون ڪڍڻيون پونديون ۽ ڪي وڏا ڏاڪڙا ڏسڻا پوندا. محترم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي مرتب ڪيل سنڌي لغت به، هن معاملي ۾ ڪا مدد نه ڪئي، ته پوءِ حيدرآباد ۾، محترم محمد عثمان ڏيپلائي جي در تي جُتيون گسائڻيون پونديون. پر، اسين پڙهندڙن کي وڌيڪ اُلجهڻ ۽ انتظار کان بچائڻ لاءِ ظاهر ٿا ڪريون، ته ”ٻاوري“ ٿر ۾ هڪ وڻ آهي ۽ ”گيڏيو“ ٿري ”لڪڻ“ کي چوندا آهن.

مسڪينَ جو گيڏيو نه لڪڻ آهي، نه لٺ. ظاهري طور ته ڪنهن به ڪم جو ڪونه ٿو ڏسڻ ۾ اچي. نه ان کي لٺ چئي سگهجي ٿو، جنهن سان ڪو جيت جانور ماري سگهجي يا ڪٽي سنت نبوي ادا ڪرڻ خاطر ڪئجي، چاڪاڻ جو قد ۾ لٺ جي اڌ جيڏو به ڪونهي، ۽ نه وري معمولي لڪڻ جائي فرائض انجام ڏيئي سگهي ٿو. اتڪل تي فوٽ ڊگهي هن ”گيڏيي“ ۾، معشوق جي ڪمر وانگر، ڪيترائي ته وَرَ آهن ۽ گردشِ ايام جي سخت صدمن کان بچائڻ لاءِ، مسڪين ان کي، هيستائين آٽ پيتلي ۽ هڪ لوهي پٽ به هٽايا آهن ۽ جڏهن به، جنهن به هنڌان، ”گيڏيي“ جي ضعيفي معلوم ٿئبس ٿي ته هڪدم هڪ پَٽَ جو اضافو ڪري ٿو. ڏسڻ ۾ ته ائين پيو اچي، ته اِهي حال آهن، ته اهو ڏينهن ڏُور ڪونهي، جڏهين اصلي ”گيڏيو“ ته پيچي پري غائب ٿي ويندو، باقي رڳو پَٽَن جو ”گيڏيو“ وچي مسڪين جي بغل ۾ رهندو.

حقيقت هيءَ آهي، ته مسڪين جي انهيءَ ”گيڏيي“ لاءِ ايڏي محبتَ جو راز، هاڻي بلڪل پڌرو ٿي پيو آهي. انهيءَ محبت جي راز پٺيان، تاريخ به آهي ته جاگرافي به، تهذيب ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تمدن بہ آهن، تہ حب‌الوطني جا پرجوش جذبا بہ، ۽ سڀ کان وڏي ڳالهہ، تہ درويشي دعائن جا داستان ۽ عقيدتمندي جا اظهار پڻ آهن. ويچارا ٺٽري، ٿر کان ٻاهرئين هر شهر يا ايراضي کي ”پرديس“ سمجهندا آهن، پوءِ ڀل اهو شهر ٿرپارڪر ضلعي ۾ ڇو نہ ڪٿي هجي. هندستان جي ورهاڱي کان اڳ، جڏهين ٿريا ڏڪا سودي گجرات وڃي وڪڻندا هئا. مسڪين کي، چاڪاڻ تہ ٿر لاءِ بي انتها محبت آهي، تنهن ڪري پاڻ سان هروقت ”ديس پرديس“ ۾ بہ ٿر جي ڪا نشاني رکڻ چاهي ٿو. ظاهر آهي تہ انهيءَ ڏنگڙي ”گيڏيي“ کان وڌيڪ ڪا هلڪي ۽ کڻڻ ۾ سولي، ٻي ڪا نشاني نٿي ڏني سگهي، ۽ وري ”گيڏيو“ مليل بہ آهي ڪنهن سوپاري ٿڙ جي هڪ بزرگ ٻڍيءَ وٽان دعا طور: ان کي ڀلا مسڪين، ڪٿي ٿو پاڻ کان پري ڪري؟ مسڪين کي اميد آهي، تہ سندس سؤ سال پورا ٿيڻ تي، اهو گيڏيو سندس فاني جسم سان گڏ و گڏ سپردِ خاڪ ٿيندو. اسين بہ ڪٿي چئون ٿا آمين!— بلڪ ثم آمين!!

”ڪوسو“ ۽ ”مسڪين“؟! ڪوڙوئي ڪونہ ٿو لڳي. ڪوسو، پئسي پنجڙ ۾ ڪٿي مسڪين بہ هجي، پر طبيعت جو مسڪين ڪڏهين بہ نٿو ٿي سگهي. ڪوسو، ڪُلَ تہ بہ خان آهي؛ جتي نہ آهي تہ بہ جوان آهي. گهر ۾ ڀل، ٿي ڏينهن دانگي بہ نہ چڙهي هجيس، پر ٻاهر ڪوسو، اهڙي مخرج سان ڳالهائيندو ۽ آها ڏيڪاري ڏيندو، جو اڳلو سمجهندو، تہ مڙس ڪو لَکَ تي مٿو ڏوئي آيو آهي. ”ڪوسو“ ۽ ”مسڪين“ بہ متضاد شيون آهن. ”مسڪين“ جو لفظ هڪ سخت طبع ۽ اکڙ مزاج ڪوسي لاءِ تہ هڪ روايتي ”گار“ آهي.

مگر قدرت جو هيءُ هڪ عجيب ڪرشمو آهي، تہ مسڪين جهان خان ڪوسي ۾، انهن ٻنهي خاصيتن جو هڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

حسين امتزاج موجود آهي. مسڪين، نه رڳو هڪ درويش صورت ۽ درويش سيرت بزرگ آهي، مگر هڪ بلند اخلاق ۽ نڊر بلوچ پڻ آهي. الاجي ڪهڙي دل ۾ آيس، جو ڪٺي جوانيءَ کان ئي پاڻ کي "مسڪين" سڏائڻ شروع ڪيائين. اهو نالو سندس صورت ۽ ڪردار سان اهڙو ته ٺهڪي آيو، جو اڄ ڪيس "مسڪين" جي نالي سان ڳڻيا ۽ جهان خان جي نالي سان بلڪل تورا سڃاڻن. "مسڪين" جي لفظ ۾، جهان خان لاءِ الاجي ڪهڙي جاذبيت آهي، جو پنهنجي محبوب ٽر ۽ ٽرين کي به، هميشه "مسڪين ٽر" ۽ "مسڪين ٽريا" جي نمائڻ نالن سان سڏيندو آهي.

واضح رهي، ته مسڪين ۽ راقم الحروف جو ڳوٺ ساڳيو آهي. اسان جي ڳوٺ سامي ويري تعلقہ ننگرپارڪر جي باشندن جا به ڏنڌا مشهور آهن، ۽ آهن به ٻئي ڏنڌا مڙساڻا. هڪ پوليس ۾ نوڪري ۽ ٻيو چوري. ڪو اڙيو تڙيو مون پارو مختيارڪار آهي، يا انور علي خان جهڙو ماستر؛ باقي سواءِ ڪن ٿورن جي، ٻيا سڀ انهن مڙسيءَ وارن ڏنڌن ۾ مشغول آهن. نوڪري ته پوليس، ٻيءَ کي نڪو سڃاڻن، نڪا ڪا اهميت ئي ڏين. حتيٰ ڪه منهنجي گهر جون وڏيون مايون به، جڏهن منهنجي بدلي مختيارڪار جي حيثيت ۾ ڪنهن تعلقي ۾ ٿيندي هئي، ته پڇنديون هيون ته "ابا توکي ڪهڙو "ٿاڻو" مليو آهي؟" يا، جڏهن آءٌ ايل ايل بي امتحان لاءِ، ڳچ رات تائين پيو پڙهندو هوس، ته ماءُ ماسيون چونديون هيون، ته "آبا چو تو اجايو نُور نچوئين، توکي ڪهڙو "پونو پاس" ڪرڻو آهي." (اڳ صوبيداري لاءِ، پوني ناسڪ ٽريننگ وٺڻي پوندي هئي)' هڪڙي مائيءَ ته حد ڪري ڇڏي! هڪڙي گهر مُنهن ڪاڻ (فاتحہ خواني) ڪرڻ ويس، پوڙهيءَ پڇيو ته "آبا! توکي نوڪري ڪهڙي؟" ڇيومانس مختيارڪاري. ورائي پڇيائين ته "ڪو جمعداري جو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

به هوانو اٿيئي؟" چيومانس "امان رک الله تي." سو ڳالهه ڪرڻ جو مقصد اهو هو، ته ڳوٺ وارن اڳيان وڏي ۾ وڏي نوڪري آهي، ته اُها صوبيداري. ٻيون سڀ نوڪريون هيچ بلڪ نيچ. سڄي ڳوٺ ۾ اُهو ڪو گهر نياڳو هوندو جنهن جا ٻه ٽي ياتي پوليس جي نوڪري ۾ نه هوندا. اڄ به الله جي مهربانيءَ سان ڳوٺ جا ڪافي تعداد ۾ ماڻهو سپاهي ڪان وٺي صوبيداري عهدن تي فائز آهن ۽ ڪيترائي پينشنر پوليس جا پنهنجي حياتيءَ جا پويان پساه پورا ڪري رهيا آهن.

خاص ڏسڻ وٽان ته اهو نظارو آهي، جڏهين "پنشيني" پرياڻس، چيلهن ڪي سندرا ٻڌي، وڏيون ڏانگهڙون هٿن ۾ کڻي سامي ويري ۽ ٻي سٽ راڄي ماڻ، قافلي جي صورت ۾ ڪٽڪ ڏاهي، پينشن وٺڻ لاءِ ننگرپارڪر ڏانهن نڪرندا آهن. ننگرپارڪر جي تعلقه آفيس ۾ پينشن وٺڻ لاءِ، هڪ ٻي ڏينهن مقرر آهي؛ تنهنڪري جملي جماعت، هڪ ٻي ڏينهن گڏ نڪرندي آهي. پوڙها هڏَن، جڏا جسم، ڪنن ڳرا، نظرن جي نور ڪان محروم ويچارا رئيس، مرضيل ڏڏن تي، سڄڻ سارڻ ويهن ڪوهن جو سڄ جو سفر، ڪاٺين سو ڪيئن ڪاٽين؟ وچ ۾ وري پوين تو "ڪاڙڪي" جو قهري رڻ، رڳو راڻو ۽ رڄ، سو ڪٽي ته ڪيئن ڪٽي؟! پوءِ ته سائين ڳالهيون ڪندا پنهنجي پوليسي ايامڪاري جون. ڳالهيون چا هونديون، رڳو ٻڌ ڇوڙ، وٽ پڪڙ، موچڙو مڙسي. انهن ڳالهين ۾ سندن قانون داني ۽ آنڪل سنڪل جون حرفتون به هونديون ته بهادريءَ جا ڪارناما پڻ هوندا؛ صوبيدارن جي سات ڏيڻ جا احوال به هوندا ته "ڪماني صاحب" جون ڪاوڙون پڻ هونديون، گڏ سرٽيفڪيٽ (سرٽيفڪيٽ) جا تعداد پڻ ڳڻايا، ته انعامن ۽ آفرين‌نامن جا احوال پڻ هوندا؛ ڏوهن جي پيداواري به هوندي، ته ڪيسن جي سربراهي پڻ هوندي، چورن کان سچي ڪرائڻ جا نيٺ مسلماني طريقا به

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هوندا، ته ١٦٤ جي باس ڏيارڻ لاءِ ڪلمي جي ڪوڙن قسمن جا ڪڙڪا پڻ هوندا؛ زميندارن کي زير ڪرڻ جا داستان بڻ هوندا، ته ڪانگريسين سان ڪُڪرم ڪرڻ جا ڪارناما پڻ هوندا. مطلب ته هرڪنهن جانچ جو سچو سربستو احوال ”فَسٽ رپوٽ“ (فرسٽ رپورٽ) ڪان شروع ٿي، پيرا ڪٽڻ، جهاڙو وٺڻ، شاهدن ڪان پچائن ڪرڻ، مشيرنامن، دانستنامن ڪان ٿيندو، ”قلمن“ ۾ چڏون چُوتون مليل رقمن جي آڌار موجب ڏيکاريندو، وچي رجوعات تائين پهچندو ۽ انهي وچ ۾ رئيس جو مرضيل منڊو گهوڙو، جيڪڏهين تاپو ڪائي ڪٽي لڏ لاهي، پڙ ڪيڏي بهي رهيو ۽ رئيس کي روه ۾ رولڻ جي ڪوشش ڪيائين، ته هڪدم ڪيس سرڪاري ”سرخو“ گهوڙو ياد اچي ويندو، جيڪو بقول سندس، لانگ ورائڻ سان ئي گولي تي چڙندو هو ۽ هوا سان ڳالهيون ڪندو هلندو هو. ۽ جيڪڏهين ڪنهن هندَ، بنپهرن جي ماني جي مهل اچي ٿي ۽ همراهن جا گهوڙن چڙهئي آندا ڪُلوس ڪُلوس ڪرڻ لڳا، ته ڪين نوڪريءَ جي ڏينهن وارا پوڙ پلاهه دل تي تري ايندا. هڪڙو ٻئي کي رڙ ڪري پروچڪي گهري آواز ۽ جمعداري لهجي ۾ ڳالهه ڪندو ته:

”سائين کي چوان....حقيقت ڪري... مگر جيڪي سو (اهي لفظ تڪيه ڪلامي طور الف لام ميم جي عيوض ڪم آڻيندا آهن)... فلاڻو خان ٿو پڏي! ڦلهڏين ٿاڻي تي انچارج هجان، رپورٽ ٿي ته هڪڙو شَرن جو ڇوڪرو راند ڪندي ”دوسي“ واهه ۾ پڏي مئو. دانست نامون ٺاهڻ لاءِ، فلاڻي خان سوار سان سرزمين تي شام جو پهتس. وچي ڏسون چا، ته رَنين آهيرين راڙهو راڙهه لڳي پيئي آهي! اسان به بچڙا بوٽ ڪري تڏي تي ويهي رهياسين. اِتي اچي سج لٿو، هي اچا روج راڙي ۾ لڳا پيا هجن. مون ڏٺو ته پيلي، هي حالت رهي، ته اسين ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

اسان جا گهوڙا اڄ رات لنگهڻا رهنداسين. توکي خبر آهي فلاڻا خان، ته گيه جهڙي نرم ۽ لذيذ ٻي ڪا شئي ڪانهي، پر سائين اهو به سڌيءَ آگر تي ڪونه چڙهي. سو ڏنم ته چگهڙسي ۾ ٽا بک مرون. سو اڌي کي چوان، وٺي ڏرڙيون ڪيم ته چوڪرو ٻڌو نه آهي، مگر پوڙيو ويو آهي ۽ هاٿي آءٌ پنهنجي جانچ تو شروع ڪريان. بس، پوءِ ته سائين گيسيءَ جو نڪا پيو پوي، پوتيون پلاند، نياٽيون قرآن، سڀ آئي ڪٺا ڪيائون. گهوڙن اسان وارن کي، ٽي ٽي دفعا توبرا پري پيا چاڙهين. اسان جي لاءِ آنوگي آره جيڏي پَٽ اُرڙائي دَسي ڪٽي ڪٺائون. پوڙ مانيون هڪڙي پاسي، ته پلاءُ زردا ٻئي پاسي، ته سائين کي چوان.... ڪير ڏونري جون چاڏيون ٽئين پاسي. بس سائين، ڪائي ("ئي" تي زور ڏيئي ڏکهو ڪندي) ڪٽي چڙه ڪياسين. (وات ۾ پاڻي پرجي اچي، تنهن کي گيت ڏيئي) پلا پلا فلاڻا خان! آهي به ڪي وخت هئا؟!"

اهڙي طرح پوڙ پلاهن جون ڳالهيون ڪري گيتون ڏيندا، ڏٻن کي ڪيتڪار ڪندا، مڙس ايمان جي سلامتيءَ سان "ڪاڙڪيءَ جي رڻ" کي خيرن سان ڪديو اچيو پار پون. اسان جي پر واري ڳوٺ "وَمڙي" جي چرچائي چاندين جو چوڻ آهي، ته ڪاڙڪي جي رڻ متان، ڪيڏي مهل جيڪڏهن ڳاڙهي ڳاٽن واريون ڳچ ڳجهون لَونديون ڏسو، ته پڪ سمجهو ته ڪو پينشني پريو مڙس پنهنجا پساه پورا ڪري، حورن جي حوالي ٿيل آهي.

خير، اها ته ائين ڳالهه مان ڳالهه نڪري آئي. چوڻ جو مقصد صرف هيءُ هو، ته اسان جي ڳوٺ ۾، پوليس وارا به آهن ته چور به. مثل مشهور آهي ته لوه لوه کي ڪاٽيندو

soorihsindhiadab
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

آهي؛ پوليس چورن جي دشمن؛ پر اسان جي ڳوٺ ۾، لوه، لوه سان گڏجي، اُتلو "رُڪ" ٿي پيو آهي. اٽين بلڪل نه آهي، ته ڪو پوليس وارا، چورن جا ساٿاريدار آهن يا چوريءَ جو مال کائيندڙ آهن؛ مگر اها هڪ حقيقت آهي، ته ٻئي ڌريون، پنهنجي پيشي جي لحاظ کان، بلڪل سخت جان ۽ سخت مزاج واقع آهن؛ تنهن ڪري ڳوٺ جو ماحول، هميشه رُڪ وانگر، سخت پئي رهيو آهي. خدا ترسي ۽ غريب نوازي، جيڪا اهڙي ماحول ۾ عموماً هوندي، اُن جي بيان جي ضرورت ڪانهي.

ڳوٺ اسان واري ۾، سنه ١٩٢٩ کان وٺي، باقاعدي سنڌي اسڪول آهي. پر خدا ڄاڻي ڀلائي، ته اڄ ڏينهن تائين، ان اسڪول مان، ڪو ٻروچڪو ٻار، ڪاميٽي پاس ڪري ڪونه نڪتو. هرڪو چار پنج درجا پڙهيو، وڃيو ويچارو پنهنجي ڏنڌڙي، پوليس جي نوڪري يا چورڙي ڪي لڳي. مجال آهي ماستر جي، جو ٻروچڪي ٻار تي، هٿ کڻي سنئون به ڪري. ڇوڪري جي ناني يا ڏاڏي، لٺ کڻي، ڪڙڪندي وڃي ماستر جي ڪنڌ تي. هوڏانهن ماستر ويچارو، ڙڪڻ جا لوگها پيو جاچيندو؛ پڄڻ جي پٺي ڪانه پيئي ٽيندس، ته ايتري ۾ پوڙهي، پريان کان ئي، پاراتا ڏيندي چوندس ته "اڙي ماستر. تنهنجي ڏِ ڳڙي ڪيٺي آهي يا جاءِ آٿيئي؟! ماريا، سُرت ۾ ته آهين يا هؤنسلا خطا ٿيا اٿيئي؟ هؤنش ٻُڪاٽي ڪر، متان مٿو نه وڃنئي! منهنجي معشوم کي، ماري ماري، فنا ڪري وڌو اٿئي؛ ڪو نڌڻڪو ڏٺو اٿيئي ڇا؟ تون ئي هڪڙو مارٺو ماستر ساماٺو آهين يا ٻيا به آهن ڪي ملڪ ۾؟ تون آهين ڪير ۽ ڪاڇين ڇا سان؟ ٻيلي! الله جو حذر ٿي ڪريان، نه ته تون ٻُوٿي، ماري وڃين منهنجي معشوم کي؟! ڪونهي پڙهائٺو ڇوڪرو مون کي - بس! ڪڍي ڇڏينس نالو اسڪول مان! هن جا ابا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڏاڍا ٻه پوليس جا ڏنڊا کنيو، مري ويا. اِهو ڏٻو، هن کان ٻه ڪونه ٿو وڃي!" سو عرض ٿي ڪيم ته اُنهيءَ ڳوٺ جو باشندو، جيڪڏهن خدانخواسته، ڪجهه وڌيڪ ڪٿي پڙهيو ته هوندو، ته ٻه اُنهيءَ ڳوٺ کان ٻاهر رهي پڙهيو هوندو. باقي "سامي ويري" سڳوري جو ماحول، اِنهيءَ کان وڌيڪ پڙهڻ جي، ڪنهن کي ٻه اجازت نٿو ڏئي.

شاه صاحب فرمايو آهي ته:

روزا، نمازون، اِيءُ پڻ چڱو ڪم،
اُو ڪو ٻيو فهم، جنهن سان پسجي پرينءَ کي."

شايد، اِنهيءَ ئي بيت جو اثر آهي، جو ٻروچ، هرويرو، نماز روزي کي گهڻو ڪونه وچڙن. سچ آهي، ڏاڍي جي شئي کي ڪير هٿ لائي؟ مڙسن جون منزلون، اڃا ٻه ڪي اڳيريون آهن. ٻڌو اٿئون ته اِنهيءَ "ٻئي فهم" جي ڳولا ۾، سرگردان آهن. ڪڏهن نه ڪڏهن، اُهو ٻه ملي ويندن. ٻيرو ڪٿي پويان پيا اٿس. ٻيرو، ٻروچ کان، ٻکيءَ جو ٻه نه وڃي؛ سو اهو "فهم"، ڪهڙي ڏاڙهي آهي؟! روزو ۽ نماز، جيڪڏهن ڪو ڳوٺ ۾، ادا ٻه ڪري ٿو، ته ٻه پنهنجي گهر ۾، جنهن لاءِ ڳوٺ ۾، مسجد جي ضرورت، ڪڏهن ٻه محسوس نه ڪئي ويئي آهي. ڳوٺ ۾، گهر ٻه گهاٽا آهن ۽ آهن ٻه چڱي ڪاتي پيتي ۽ نوڪريءَ وارن ماڻهن جا؛ پر ٻروچن جو اِهو ٻه هڪ رڪارڊ آهي ته سؤ سالن کان وٺي، پڪي يا ڪچي ته درڪنار، ڪڏهن ڪڪائين مسجد ٻه ڳوٺ ۾ نه نهي آهي. شايد، انگريزن ٻه، اِهي عادتون ڏسي، ٻروچن کي پوليس لاءِ پسند ڪيو، ته ڪم از ڪم اُهي، مذهبي ديوانه (Fanatic) ڪونه آهن. خرچ ڪرڻ جا، ٻروچن وٽ، پيا ٻه گهٽيئي ڪم آهن – شاديون، ٺهورون آهن، جن ۾ مڙسن جو نالو ٻه ٿئي ۽ دنيا ٻه واه واه ڪري؛ يا مئل ماڻهن جا "ٻاراها" آهن، ته متان ڪو طعنو

ڏيئي نہ وجهي تہ ”جبل جيڏا رئيس، ڪارڻ هيئان لڪل رهجي ويا.“ باقي مسجد نهرائڻ مان آخر ڪنهن کي فائدو؟... وڏ ۾ وڏ، هڪڙي مُلان جو ڪٽي روزگار ڪُلي، سو اهڙا خير جا ڪم، رئيس پيا بہ گهٽيئي پيا ڪن. ”الله واٽ جي ماني“، روز مثل عزيز جي نالي ڪري ڏيندا آهن. ”غونث جو روٽ“ بہ، ڪڏهن ڪڏهن ڪيندا آهن. شئي ڪا گم ٿي وڃين تہ ”شاه پنجي جو لولو“ بہ باسيندا آهن. حشر جي ڏينهن، آنگاس جي چوڌاري، پيٽي پيٽي، مڙس ساٽا بہ ٿي پوندا آهن. باقي ”مسلمانيءَ“ ۾، وڏيڪ ڇا گهرجي؟! اڳي، ڪنهن زماني ۾ حافظ لعل بخش مرحوم، عيد يا جنازي نماز پڙهائيندو هو يا مٺئي جي مانيءَ تي درود خطمو ڏيندو هو؛ پر اُن جي گذرڻ بعد، ڳوٺ ۾، اهڙو ڪو ماڻهو ڪونهي، جو ڪنهن تازي چاول ٻار جي ڪن ۾، بہ اکر ٻانگ جا ڪٽي ٻڌائي. هاڻي، نڪاح پڙهائڻ يا جنازي نماز لاءِ بہ ملان، پرواڻ سمات قوم جي ڳوٺن مان گهرائبو آهي ۽ جيسين ملان اُتان اچي اچي، تيسين مُردو، پل پيو هِن دنيا جون هوائون کائي!

مسجد ڪان، ٻروچن کي، الاجي ڇو ”چڙ“ آهي؟ اُن لاءِ، وڏيءَ کوجنا جي ضرورت آهي. ڪم از ڪم مون کي، ايتري تہ خبر آهي، تہ منهنجو هڪ چاچو، پوليس وارو هو ۽ پيو چاچو ملان. آهو پوليس وارو چاچو، ڪڏهن بہ سندس ملان پاءُ کي، پنهنجي ويڙهي اندر، نماز پڙهڻ نہ ڏيندو هو. چوندو هوس تہ ٻاهر وڃي، ميدان ۾ نماز پڙهہ. گهر ۾ نماز پڙهي، ”گهر، مسيت ڪرڻو اٿئي ڇا؟!“ مرحوم، انهيءَ اعتقاد تي، ايڏو تہ سختيءَ سان پابند هو، جو اُٽ کي بہ، پنهنجي گهر اڳيان، ويهڻ نہ ڏيندو هو. چوندو هو تہ ”اُٺ بہ، اُوندا گوڏا ڪري، نماز واريءَ حالت ۾ ويهي ٿو؛ ڪٿي ڪري نہ ”گهر مسيت!“ گهر ”مسيت“ ٿيڻ معنيٰ، گهر جو آلهوٽلهو ناس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٿيڻ، گهر ۾، باقي وڃي رهي ٿڏو ۽ ڏيئو؛ پيو ميڻو نالو الله جو! سو شايد، هن ڳوٺ ۾ به مسجد، انهيءَ ڪري نه نهرائي ويئي آهي ته متان، ڪٿي ڳوٺ ئي نه ٿئي ”مسيت!“

مقصد انهيءَ سچي قصي ڪرڻ جو اهو هو، ته جنهن ڳوٺ جو ماحول اِهو هجي، جنهن ۾ هڪڙا چور، ٻيا شهزور ۽ ٻيان وري مذهب کان منهن موڙ ماڻهو عام هجن، ان ڳوٺ مان، ”مسڪين جهان خان“ جهڙي خدا ترس، خليق ۽ خادمِ خلق جو پيدا ٿيڻ، قدرت جو هڪ وڏو ڪرشمو آهي.

مسڪين جي ”مسڪينيءَ“ تي ڪجهه لکڻ کان اڳ ۾ ضروري آهي، ته سندس حسب نسب تي پڻ، ڪجهه روشني وڌي وڃي، متان ”مسڪين“ کي، ڪو ٻُڪي پيٽ ۽ اگهاڙي انگ وارو، ننگ ڏڙنگ فقير نه سمجهيو وڃي. ”مسڪين“، هڪ اعليٰ ۽ بهادر بلوچ خاندان جو چشم و چراغ آهي، جنهن خاندان، سنڌ ۽ مارواڙ جي هڪ وڏي علائقي تي، ميرن جي بادشاهيءَ تحت، سوين سالن تائين حڪومت ڪئي. هتي اسين، ”مسڪين“ جي پڙ ڏاڏي، خانبهادر رئيس سردار خان مرحوم جي، برطانيه حڪومت کي، سندس جاگير قائم رکڻ لاءِ ڪيل درخواست، مورخه ٦- جولاءِ ١٨٩٦ع جو هڪ ننڍڙو اختصار پيش ڪريون ٿا:-

”اسين ماڻهو، اڳي، حڪومت ڪلهوڙن صاحبن جي کان، سنڌ ملڪ ۾ ويٺا هئاسون. سو سنڌ ملڪ ۾، اسان ماڻهن کي، جاگيرون هيون. آخر، پوين ڪلهوڙن صاحبن سان تڪرار ٿيو ۽ اسان، سنڌ ملڪ ڇڏي، مارواڙ جي ملڪ ۾ وڃي رهڻ ڪيو. جڏهن ڪلهوڙن جي حڪومت بس ٿي ۽ ميرن صاحبن جي حڪومت ٿي، تڏهن اسان ماڻهن کي، جاگيرون هيون ۽ هن ملڪ مارواڙ ۾، ڦرمار گهڻي هوندي هئي؛ مگر اسان زور سان، هرهڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هيٺيان علائقا هٿ ڪيا، جو سُوندري، گُڙهو ننگر، ڇهوٽڻ، سيراهو، باهڙميڙ، ڏوريمنون، پاڏلي، شيوڪوٽڙيو، گنگاسرو- اِهي سڀ علائقا، جي مالاڻي علائقي ۾، سرڪار جي هٿ ۾ آهن، سي اسان ڪوسن جي هٿ ۾ هئا. مارواڙ جي ملڪ، ضلع جوڌپور مان ۽ تر مان، ضلع ننگر ۽ ضلع چاچري ۽ ويرا واه مان چاليهہ تڙ، اصل جا اسان جي قبضي هئا.... ڦرمار جيڪي ڪندا هئا، انهن کان، وينلن کي بچايو آياسين. مالڪ، زمين جي قبضي جا، اسين هئاسين؛ مگر وينل جيڪي هئا، اُنهن جي پيدائش جو آڌوآڌ، اسين ڪٽندڙ هئاسين؛ بلڪہ مٿينءَ زمين کان سواءِ، تخت آباد واري علائقي جي زمين، خلاصي اسان جي هٿ هيٺ ۽ قبضي ۾ هئي، جنهن جي پيدائش سموري، اسين متصرف ٿيندا هئاسين. اُها زمين، انگريز سرڪار، جوڌپور جي دنگ ۾ ڏني آهي، جا اُها زمين، تخت آباد واري جي پيدائش، اسان چئن پيڙهين تائين کنئين ۽ کاڌي آهي."

درخواست ۾، اِهو پڻ ڄاڻايل آهي تہ درخواست ڪندڙ، رئيس سردار خان جي والد، شهيد شادي خان، "ڇهوٽڻ" جبل ۾، انگريزي فوج جي ميجر رائيٽ سان ۽ پٽ الهداد خان، "آرٽي" ڳوٺ نزديڪ، ميجر جئڪسن سان، پنهنجي ڪوسن جي فوج سان، سخت مقابلا، انهيءَ ڪري ڪيا، جو انگريزن، ڪين، هٿيار ڦٽا ڪري، پيش پوڻ جي آڇ ڪئي؛ مگر ڪوسن جي غيرت، اِهو گوارا نہ ڪيو؛ تنهن ڪري اُنهن مقابلن ۾، ڪوسن خواه انگريزي فوجن جو، ڪافي جاني نقصان ٿيو ۽ شادي خان ۽ الهداد خان، ٻئي شهيد ٿي ويا. انگريزن، ڪوسن کي، ڏاڍا مڙس سمجهي، هڪ خاص پوليس، ١٢٥ ماڻهن جي، تيار ڪئي، جيڪا "ڪوسو پوليس" جي نالي سان مشهور ٿي، جنهن

جا مهندار، رئيس عزت خان ۽ سندس پاءُ، رئيس سردار خان (درخواست ڪندڙ) هئا.

”مسڪين“ ۽ اسان جي وڏن متعلق، ڪئپٽن سٽينلي نيپيئر ريڪس (Capt: Stanley Napier Raikes)، ٿرپارڪر جو پهريون ماجسٽريٽ، ١٨٥٦ع ۾ ڇپيل، پنهنجي مشهور ڪتاب، "Memoirs on the Thurr and Parker" ۾ لکي ٿو ته:

"Next in importance is the Khosa tribe, which is deserving of a few remarks, as it excercised a great influence on the fortunes of the Thurr, as also of the neighbouring province of Kutch. The Khosas are Mohammedans, they immigrated to Sind with the Kalboras, and on the fall of that dynasty in A. D. I782, left Sind proper, when a portion of the tribe distributed itself about the Desert between Marwar and the Valley of the Indus. They are a fine, robust, martial race, inured to fotigue, exposure, and scanty living, brave and enterprising when roused to action; but improvident and slothful when not excited. The Desert was Just the place for their qualities to shine in".

ترجمو: ٻي مشهور قوم ”کوسا“ آهن، جن لاءِ ڪي ريمارڪ ڏيڻ لازمي آهن، ڇاڪاڻ جو اِنهيءَ قوم جو، ٿر ۽ اُن جي پير واري صوبي ڪڇ جي قسمت تي، وڏو اثر رهيو. ’کوسا‘، مسلمان آهن ۽ اُهي سنڌ ۾، ڪلهوڙن سان گڏ آيا ۽ ڪلهوڙن جي حڪومت، سال ١٧٨٢ع ۾ ختم ٿيڻ تي، کوسن سنڌ ڇڏي ۽ اُنهن مان هڪ حصي، پاڻ کي مارواڙ ۽ سنڌو ماٿريءَ جي وچين صحرا ۾ پکيڙي ڇڏيو. اُهي سهڻا جوان، پهلوان ۽ جنگجو قوم آهن. سخت جان، تتي ٿڌيءَ کان بي نياز، گهٽ گذران تي راضي رهڻ جا عادي آهن. بهادر آهن ۽ جڏهن برسر عمل ٿيندا آهن، ته بهادريءَ جا بهترين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جوهر ڏيکاريندا آهن؛ مگر جيڪڏهن کين آکسايو نه وڃي، ته پوءِ، سست ۽ بي فڪر رهندا آهن. دراصل، ٿر ڏي، اهڙو مناسب علائقو هو، جنهن ۾ هو، پنهنجون خدا داد قوتون ڏيکاري، خوب چمڪيا- (پئرا ٢٤).

ريڪس صاحب، وڌيڪ وضاحت ڪندي، ساڳئي ڪتاب ۾ لکي ٿو ته:-

"For generations, they looked to saddle and the sword as their means of livelihood. So long as their old masters, the Kalhoras, swayed the destinies of Sind, and continued to pay them, they served them faithfully; but being now without employment or the means of living, and having nothing to expect from the Talpurs, who had raised themselves to power on the fall of the Kalhoras, they betook themselves to the Desert, where without manual labour, to which they were unaccustomed, they gained a livelihood by associating themselves with the local Chiefs and when the worst came to worst, by helping themselves forcibly, in true Oriental fashion, to a share of others property. The sequel has shown the skill and enterprise with which they availed themselves of the advantages of their new field of action, and how they levied contributions or black mail to the gates of Bhooj in one direction, to the walls of Radhanpur in another, and to the vicinity of Ahmedabad in a third".

ترجمو: ڪيترن ئي نسلن کان وٺي، سندن (کوسن جو) ذريعهءِ معاش، گهوڙو ۽ تلوار رهيو آهي. جيستائين سندن پراڻا حاڪم، ڪلهوڙا، سنڌ تي برسر اقتدار رهيا ۽ کين ڪارائيندا رهيا، تيستائين کوسن، انهن جي خدمت، ايمانداريءَ سان پئي ڪئي؛ پر هاڻي، جڏهن ڪه هنن کي ڪوبه ذريعهءِ معاش ڪونهي ۽ ٽالپرن کان به، جن پاڻ کي، ڪلهوڙن جي زوال تي، اقتدار ۾ آندو،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪجهه به ڪين ملڻ جي اميد ڪانهي، تڏهن هنن پاڻ کي، ٿر جي صحرا ۾ ڦهلائي ڇڏيو، جتي ڪو به جسماني پورهيو ڪرڻ ڪان سواءِ، جنهن جا هُو، ڪڏهن بہ عادي نہ رهيا، مقامي سردارن سان ساٿ ڏيئي رهڻ لڳا ۽ وري، جڏهن حالتون بد ڪان بدتر ٿيڻ لڳيون، تڏهن وري هو، صحيح مشرقي طريقي موجب، پين جي ملڪيتن مان، پنهنجي لاءِ زوريءَ حصو وصول ڪندا رهيا ۽ انهيءَ طريقي رائج ڪرڻ لاءِ، هنن، وڏي مهم جوئي ۽ مهارت ڪان ڪم ورتو ۽ سندن مڙهيل ڍل ۽ ڌهڪاءُ، ايتري قدر تہ وڌيل هو، جو اُنهن، هڪ طرف "پُڇ" جي دروازن کي پٺي ڪُڙڪايو، تہ ٻئي طرف "راڌڻ پور" جي ديوارن سان پٺي ٽڪرايو تہ ٽئين طرف "احمد آباد" جي قرب و جوار ۾ پٺي ٻُڌا ويا. (پئرا ٢٥)

کوسن جون وڏيڪ خصلتون ٻڌائيندي، ريڪس صاحب لکي ٿو تہ:-

... They were too ignorant, self willed, independent and hot-headed to be driven, and if roughly handled, would at once have betaken to their saddles, and trusted to the Desert and luck for a livelihood, and yet they had many good and valuable qualities for police men. Constant fatigue and privation was what they had been used to from their childhood, while their local knowledge extended to every path amongst the sand hills of the Desert, and pretty nearly to every inhabitant thereof. After a great deal of negotiations, Barra Khan, one of the elders and most influential of the tribe, consented to become a servant of the British Government. He was a remarkably fine old man, of about 60 years of age, he has been in several skirmishes with our detachments, and at last surrendered to Ceptain Jackson, he had numerous wounds,

soorihsindhiadab
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

both shot and sabre, received in action. He used at first, when talking over the subject of taking service, to uncover his arm or side, and show his scars, adding "These were received when fighting against you - how can I now eat your salt?" Judicious advice, however and Colonel Roberts personal influence with him and others of the Chiefs, eventually overcame his scruples, and he became servant of the State.

ترجمو: اُهي (کوسا)، بلڪل اڻ‌ٻوجهه، آپ زورا، آزاد طبيعت ۽ سخت مزاج ماڻهو آهن. جيڪڏهن ساڻن چڱيءَ طرح پيش نه اچجي ته هڪدم ڪاوڙجي، ٽپي وڃيو گهوڙن تي چڙهن ۽ پوءِ، ڀاڙ ڪي ذريعهءِ معاش لاءِ ٿر جي صحرا ۽ قسمت جي حوالي ڪريو ڇڏين. اُنهيءَ هوندي به هنن ۾، پوليس جي نوڪريءَ لاءِ، بلڪل گهڻيون ۽ بهترين صلاحيتون آهن. لڳاتار محنت ۽ تڪليفن جا ته هُو، ٻاراڻي ڪان وٺي عادي آهن. ڪين ٿر جي پيٽن جي هرهڪ پيچري ۽ ٿر جي قريب قريب، هرهڪ ماڻهوءَ جي واقفيت، بخوبيءَ آهي. اسان جي بلڪل گهڻين ڪوششن سان "يارا خان" (مسڪين جي پڙ ڏاڏي شهيد شادي خان جو سڳو مامون-مصنف) قوم جي سردارن مان، هڪ وڏي بااثر سردار، برطانيه سرڪار جي ملازمت لاءِ، رضامندي ڏيکاري. هو يقيناً، هڪ سهڻو ۽ قداور، سٺ ورهيه جي عمر جو بزرگ هو. هن، ڪيترن ئي معرڪن ۾، اسان جي فوجن سان لڙايون ڪيون ۽ آخر، ڪئپٽن جيڪسن وٽ پيش پيو. هن جي بدن تي بي شمار زخم، گولين ۽ تلوارن جا هئا، جيڪي ڪيس، اُنهن لڙاين ۾ رسيا هئا. هن کي، جڏهن، پهريائين نوڪريءَ لاءِ آماده ڪبو هو ته هُو، پنهنجين ٻانهن ۽ پاسن تان ڪپڙا هٽائي، زخمن جا نشان ڏيکاري، چوندو هو ته "هي زخم،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مون کي، اوهان سان لڙايون ڪندي رسيا آهن. هاڻي پلا آءُ، اوهان جو نمڪ ڪيئن ٿو کائي سگهان؟"
وڏين زوردار سمجهاڻين ۽ ڪرنل رابرٽس جي ذاتي اثر رسوخ هلائڻ کان پوءِ، هن کي ۽ ٻين ڪوسن سردارن کي وچي، سرڪاري ملازمت لاءِ رضامند ڪيو ويو- (هن پوليس رسالي ۾، مسڪين جو پڙڏاڏو مرحوم سردار خان ۽ مصنف جو ڏاڏو مرحوم سانوڻ خان، عملداري عهدن تي فائز رهيا- مصنف)

آخر ۾ ڪئپٽن ريڪس لکي ٿو ته:

...... The dreaded names of "Bara Khan" and "Shadi Khan", the great leaders of the banditti of former years, have ceased to terrify the more peaceably disposed inhabitants, while their descendants and Kinsmen are now numbered amongst our best police, and most docile subject".

ترجمو: هاڻي "ٻارا خان" ۽ "شادي خان" (مسڪين جو پڙڏاڏو) جا اهي دهشتناڪ نالا، جيڪي گذريل سالن جا لٽيرن جا وڏا سردار هئا، غريب تر جي آمن پسند باشندن جون دليون ڪونه ٿا ڏهڪائين. بلڪ اُنهن جو اولاد ۽ ٻيا عزيز، هاڻي اسان جي بهترين پوليس سمجهيا وڃن ٿا ۽ فرمانبردار رعيت بہ. (پئرا ١٦٠)

رئيس سردار خان جو هڪ فرزند رئيس سمند خان، اڃا زنده آهي ۽ اسان جي ست راڄيءَ جو قومي سردار آهي. سندس عمر هنوقت، ١٠٠ کن ورهيہ ٿيندي. سندس پٽ رئيس گل حسن خان، زميندراي ڏنڌو ڪري ٿو.

مسڪين جو ڏاڏو مرحوم رئيس مير حسن خان، مرحوم رئيس سردار خان جو ٻيو پٽ هو، جو سنڌ پوليس ۾ انسپيڪٽر هو ۽ لاڙڪاڻي ۾ شهيد ٿي ويو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner
soorhsindhiadab

مسڪين جو والد مرحوم رئيس بجار خان پڻ، سنڌ پوليس ۾ صوبيدار هو ۽ نوڪري پوري ڪرڻ بعد، رٽائر ڪيائين.

مسڪين جو چاچو ۽ سهرو رئيس قنبر خان ۽ سندس پٽ سردار خان، ٻئي، پوليس جا رٽائرڊ جمعدار آهن، جي مسڪين جو پوپيان "لڏو" سنڀالين ٿا. مسڪين جو هڪ سوٽ، راجا خان ڪوسو آهي، جو هن وقت رٽائرڊ صوبيدار آهي.

مسڪين پاڻ به پنهنجي اباڻي سنت "سو سال سے هے پيشهٔ آبا سپه گري"، ادا ڪرڻ خاطر، پوليس ۾ ڀرتي ڪرايو ويو. سندس آزاد قلندري طبيعت، نوڪريءَ لاءِ، شروع کان ئي آماده نه هئي؛ مگر والد جو حڪم، عدولي ڪونه ٿي سگهيو. پر ڪجا مسڪين ۽ ڪجا پوليس! پٽس، نوڪريءَ لاءِ، هڪ پلو گهوڙو وٺي ڏنو. هڪ ڏينهن، هڪڙي فقير اچي صدا هنئين ته "بختاور! سوار ڪرينم". سواءِ ڪنهن سوچڻ جي، گهوڙو ڏوري، فقير کي ڏنائين ۽ پاڻ وتيو پيرين پيادو ممنون تعميل ڪندو. سندس حساس ۽ دردمند دل، پوليس جا غريبن سان ظلم، زور ۽ زبردستيون سهي نه سگهي. ڪيترائي آهڙا ظلمي نظارا ڏسي، سندس دل تڙپي اٿندي هئي؛ مگر نوڪريءَ ۾ رهي، هو ڪجهه به ڪري نٿي سگهيو. اهڙي ماحول مان، بلڪل عاجز اچي چڪو هو ۽ نوڪري ڇڏڻ لاءِ، ڪو بهانو پئي ڳوليائين، جيئن ته سندس والد به ناراض نه ٿئي ۽ نوڪري مان به جان آزاد ٿئي. آخر سندس، الله ڪٽي ٻڌي! هڪ ڏينهن، ديوان ٿهلرام ڪمانيءَ سان، واتوڙجي، تڪرار ڪري، نوڪريءَ کي ٽي پتر ڏنائين هٿ ۾، ۽ اتان آزاد ٿي، غريبن جي ڪمن ۾ ايڏو ته غرق ٿي ويو، جو نه رهيس ڪو چاه چڱي ڪپڙي لٽي جو، نه شوق کاڌي پيتي جو ۽ نه ورڻي هوش رهيس خود پنهنجي وجود جو!

نوڪريءَ کي "ٽي طلاق"، سال ١٩٣٧ع ۾ ڏنائين؛ پر اُهو ڏينهن ۽ اڄوڪو ڏينهن! اُهي سڄا سارا ٽيهه سال، هن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

خدا جي بندي، پنهنجي گهر لاءِ، ڪک ڀڃي ٻه ٻه نه ڪيو. مهينن جا مهينا، غريبن جي ڪمن سان غائب! ٻچا، ٻل ٻيا سندس شڪل لاءِ ترسن ۽ گهر وارا ٻه ٻل ٻيا ڪانگ اڏائيندا وتن؛ پر مسڪين، گهر تڏهن موٽي، جڏهن ڪو ڪيس زوريءَ، غريبن جي گهيري مان ڪنهي ڪٽي اچي يا ڪنهن مائٽ جي موت جو پڙي، پاڻمرادو ڪٽي پاڻهون موٽي، نه ته پيو ٽيو وڃي خير! انهن ٽيهن سالن ۾، سک جو ساهه ڪٽڻ ٻه، مسڪين لاءِ حرام! دنيا ۾ ٻيا به قومي ڪارڪن، سوشل ۽ پبلڪ ورڪر ٿي گذريا آهن يا هن وقت آهن؛ مگر مسڪين وانگر، پنهنجو گهر ٻاري ٻين لاءِ 'ڏياري' ڪنهن نه ڪئي! هن چوڏهين صديءَ ۾، پنهنجو جهڳو جهڻ ڪري، ٻئي جو ڀلو ڪرڻ، ڏاڍو ڏکيو آهي! مگر مسڪين جو جذبهءِ خدمت خلق ته جنون جي حد کي پهتل آهي، تنهن کي پنهنجي ذاتي نفعي ڇيهي، ننگ ناموس جي ڪهڙي پرواه!؟

”ننگ ڇڏي جي نانگا ٿيا، تن نانگن ڪهڙا ننگ؟!“

ماروئيءَ جي ٿر لاءِ محبت، حب الوطنيءَ جو هڪ عديم النظير مثال آهي. دنيا جي ڪنهن به شاعر جي حب الوطنيءَ جي موضوع تي خيالات جي پرواز، انهيءَ رفعت تي رسڻ کان قاصر رهي آهي، جنهن جون سيئي منزلون، ڀٽائي گهوٽ رحه ماروئيءَ جي منهان، هن هڪ ئي بيت ۾ طئي ڪرايون آهن:-

”واجهائي وطن کي، آءُ جي هت مياس،
ته گور منهنجي سومرا! ڪج پنهوارن پاس،
منجهه ڏاڏاڻي ڏيهه ۾، ڏج منجهان ولهڙين واس،
ميائي جياس، جي وڃي مڙهه ملير ڏي.“

مسڪين جي ٿر لاءِ محبت پڻ، انهيءَ اعليٰ ۽ ارفع دائري ۾ داخل ٿي چڪي آهي، جنهن ۾ ماروئيءَ جو بيچين روح، ورهين کان وٺي، ٿر جي پيانڪ پٽن ۾، ڀٽڪندو رهيو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

انهيءَ عفت ماب ۽ اعليٰ ڪردار مارئيءَ جي روح کي اڄ يقيناً تسڪين هوندي ته سنڌس حب الوطني جي مشن کي زنده ُ جاويد رکڻ لاءِ ”مسڪين“ جهڙو مجاهد سنڌس ئي ڏاڏاڻي ڏيهه ۾ پاڻ پتوڙي رهيو آهي.

اها هڪ حقيقت آهي، ته هر ٿريءَ کي ٿر لاءِ بي انتها محبت هوندي آهي. ٻين کي ته ٿر شايد ”سُڄ سماوات و العرض“ نظر اچي، مگر ”ليليٰ را بچشم مجنون بايد ديد“- ٿري ويچارو، الاجي ڪيئن دل تي پٿر رکي، چار مهينا سياري جا بک مرندي، ٿر ڇڏي، لاڏي لاباري لاءِ ”ڏاڍيءَ“ تي اچيو چڙهي. (براج واري زمين سخت آهي، ٿنهڪري ٿري، ان اراضيءَ کي ”ڏاڍي“ چوندا آهن). چار ڏاٽا سولا ٿر ۾ ئي ملي وڃنس ته جيڪر ڪڏهن ريل جو ٻه منهن نه ڏسي. مينهن جي مند ۾ ته ٿري، سنگهرن ٻڌو سنڌ ۾ نه رهي. هوڏانهن ڪنوڻ ٿر پاسي ڪو اڙيو ٿڙيو تجلو ڪيو ته هيڏانهن ٿريءَ جون جُتيون هٿ ۾. وطن ورڻ جي آنڌ مانڌ جا دل تي سوين سپ پيا ليٽاڙا ڪندس. نه ڏسندو آڏي، نه مانجهي، نه ٽتي، نه ٽڏي. جتيءَ جا ٻه ٽڪاءُ هٽي چنبي ڪندو هٿ ۾، ۽ وٺي سڪ مان جو سراڙو ڪيندو ته ڦوڪارو اچي ڪائيندو ڪنهن ڦوگ کي ڏسي پٽاري پٽ تي!

ڪنهن زماني ۾، عمرڪوٽ ۾، هڪ ٿري بورچي رکيم. هڪ آرهڙ جي رات ٻهريون دفعو ٿر ڏانهن وڄ ڏسڻ ۾ آئي. آڏيءَ رات جو اٿي ڏسان ته بورچي مون وارو آيو ڪيلو ٿيو ويٺو آهي. منهن ملير ڏانهن اٿس، نظرون ڏاڪڻي آسمان ۾ ڪتل ۽ جهيٽي سُر ۾ سارنگ پيو جهونگاري، ڳلن تان ڳوڙها پيو ڳاڙي ۽ رهي رهي، ٿڌا شوڪارا پيو ڀري. مون کي ڏسندي ئي چيائين ته ”سائين! سَواري هُون جائيس پَرو ٿر“ (يعني سائين! سياڻي آءٌ ٿر ويندس هليو). مون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

منع ڪئي مانس تہ ٻيڙي ترڪئي، ائين نہ ڪر: ڪو ٻئي بورچيءَ جو ٻلو ڪرڻ ڏي ۽ پنهنجو پگهار بہ ڀرين تاريخ وٺ. پر صبح جو اٿڻ سان ڇا ڏسان تہ "اڄ نہ اوطاقن ۾، طالب تنوارين". مڙس کو آڌي ڏيئي ڪري نڪتو آهي اللهﷻ تهار، تہ ڪنهن ڏئي سهٽي، ڪنهن ڏنو ميهار!

مسڪين جي، ٿر لاءِ محبت جي اِها انتها آهي، جو هو، پنهنجي هڙي برپٽ بيابان کي، روءِ زمين تي بهشت برين ڏسڻ چاهي ٿو. مسڪين جي تاڙي اِهائي تات، تہ ٿر سڄو جلد سرسبز ٿئي، جنهن ۾ شير ۽ شهد جون نديون نہ سهي، ڪم از ڪم، پاڻيءَ جون نهرون تہ ٻارهوئي مهنا وهنديون رهن، پوءِ چاهي اُهي رحمڪي واري رڻ جي رستي ڪان ڪوٽيون وڃن يا مُهراڻي واري مڙهن (وڏين پٽن) کي ڪاٽي وهايون وڃن. اناج ايترو پيدا ٿئي، جو اٿاٽ جو اَلڪوئي نہ رهي. ٿر ۾ ريل، بجلي، ٽيليفون ۽ هيلي ڪاپٽر سروس، هڪدم چالو ڪئي وڃي. هر يونين ۾، اسپتال ۽ هاءِ اسڪول، ۽ هر تعلقي ۾، ڪاليج ۽ ڪارخانا هجن. هر ٿري، جيڪڏهن دائود، آدمجي نہ ٿي سگهي، تہ بہ ڪم از ڪم اهڙو سُکيو ستابو ضرور ٿئي، جو سک ۽ چين جي مرليءَ تي، هميشہ "منجڪ منجيو" ڳائيندو وتي. اِهي آهن مسڪين جون خواهشون ۽ اِهي آهن سندس سرڪار کان مطالبات. انهيءَ لاءِ مسڪين، در در دانهيندو وتندو آهي. ڪتاب ڇپرائي، اختياريءَ وارن ۽ اسيمبليءَ جي ميمبرن ۾ ورهائيندو. اخبارن ۾، اِنهيءَ بابت، وڏا وڏا ليک لکندو، حڪومت کي پنهنجيون تجويزون موڪليندو تہ من کو ٿر جو وارو وري: پر ڏسڻ ۾ ائين پيو اچي، تہ مسڪين جي خوابن واري ٿر ڏسڻ لاءِ، دوا کان وڌيڪ، دعا جي ضرورت آهي، مسڪين پاڻ، الله جو نيڪ بندو ۽ درويش شخص آهي: دعا ڪري تہ ڪي ٿر ۾ پيٽرول جا کوهہ نڪري پون تہ پوءِ، ٿر جا وارا نيارا ٿي پون.

soorhsindhiadab
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

هونءَ تہ مسڪين وقت بہ وقت ٿرين جي مطالبن ۽ ٿر جي سڌاري لاءِ وڏا وڏا ليک لکندوئي رهندو آهي، پر شل نہ ڪنهن ورهيہ، ٿر ۾ ڏڪار منهن ڪڍي! پوءِ تہ سائين! ڦاٽا هڪڙا اخبارن وارا ۽ ٻيا اختياريءَ وارا! دانهن مٿان دانهن، ليک تي ليک تہ .... هيترو چوپايو مال ٻُک وگهي ٽڙڦي ٽڙڦي، مري ويو ... هيترا انسان، وٽن جا چوڏا ۾ گاهہ کائي، پيٽ اُپامي، الله جا پيارا ٿي ويا .... سڄي ٿر مان بجنسي، رت جي بوءِ پيئي اچي .... سستي اناج جا دڪان هڪدم کولايا وڃن .... کوہ بند ترايون کوٽائي، هڪدم ٿرين کي روزگار مهيا ڪيو وڃي .... لاهيارن تان، ٿر ڏانهن لاڏي لاباري جو آن ڪٽي وڃڻ جون بندشون لاٿيون وڃن وغيرہ وغيرہ. شابس آهي ويچارن اخبار وارن کي، جيڪي مسڪين جي بي لوث خدمت جو جذبو ۽ اخلاق ڏسي، سندس اهڙا ڊگها ليک، اخبارن ۾، شايع ڪندا رهن ٿا ۽ ڪڏهن ڪڏهن، انهن ليکن جي مدنظر، پنهنجي طرفان، ايڊيٽوريل پڻ لکندا رهن ٿا.

مسڪين جا اصلي لکل جوهر تہ ڏڪار جي ڏينهن ۾ نکري نروار ٿيندا آهن! ڏڪار، ٿر ۾ ڏيکاري ڏني، تہ مسڪين بہ اچي ميرپور خاص ۾ مُنهن ڪڍيو! بلڪل مرحوم مولانا محمد علي جوهر واري جذبي سان، جنهن انگلنڊ ۾ وڃي اعلان ڪيو هو، تہ جيستائين انڊيا کي آزادي نہ ملي آهي، تيستائين هو، غلام ملڪ ۾ واپس وڃڻ پسند نہ ڪندو ۽ انگلنڊ ۾ ئي مرڻ کي ترجيح ڏيندو. مسڪين بہ پنهنجو پهريون بنيادي هيڊ ڪوارٽر (Base Head quarter)، ميرپور خاص کي بنائيندو آهي، جتان سندس مختلف مضمون شروع ٿيڻ ويندا آهن. ڪجهہ عرصو ٿيندو، تہ ٿر ۾ بہ سال لاڳيتو، ڏڪار پيو ۽ اهي ٻئي سال، مسڪين، ميرپور خاص ۾، منهنجو ئي مهمان ٿي رهيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ميرپور خاص ۾ اچي، مسڪين، پنهنجا ڪيترائي ڪاتا کوليندو آهي. آفيس ته مسڪين جي، هميشه، سندس ڪچ ۾ ئي هوندي آهي، جنهن ۾ سڄي سنڌ جون اخبارون، ڏڪار بابت ملندڙ اطلاعن جا اختصار (Brief)، اڇا پنا ليک لکڻ لاءِ ۽ هٿ ۾ مس ڪپڙي هوندي اٿس. مسڪين، پنهنجا سمورا ڊپارٽمينٽ، بذات خود، بلاشرڪت غيري، پنهنجو پاڻ هلائيندو آهي، جنهن لاءِ ڪيس، نه ڪنهن سيڪريٽريءَ جي ضرورت پوندي آهي ۽ نه ڪنهن ڪلارڪ جي. في الحال، فوري عمل طور (Adhoc basis) تي، هيٺيان ٽي ڊپارٽمينٽ کوليندو آهي:-

انفرميشن ڊپارٽمينٽ،
پريس ڊپارٽمينٽ ۽
سوشل ويلفيئر ڊپارٽمينٽ.

پنهنجي انفرميشن ڊپارٽمينٽ لاءِ، تازه ترين اطلاعات حاصل ڪرڻ لاءِ مسڪين خود، بنفس نفيس، هر شام جو، ريلوي اسٽيشن جو ٿرڊ ڪلاس گيٽ، ٽڪيٽ بابوءَ وانگر، يا ايڪسائيز پوليس وارن وانگر جهلي، وچي بيهندو ۽ هر ڪنهن ٽي ڪلهي تي رکيل همراه سان، وچي پڪوپڪ ٿيندو ۽ خوش خيرعافيت پڇڻ کان پوءِ، ڪيس، پنهنجي ڪڙي ”پوليسي پڇا“ (interrogation) هيٺ آڻيندو ۽ ڪجهه هن نموني جا سوال پڇندو:-

”هيڏانهن!...“ (هي لفظ، تخاطب لاءِ، پنهنجي والد مرحوم وانگر، تڪيه ڪلام طور، ڪم آڻيندو آهي.)
”واٽ تي ڪيترا لڏا ڏٺئي ۽ ڪٿي ڪٿي؟“
”پيادا هئا يا وهٽن تي؟“
”وچ ۾ مال مئل به ڏٺو هوندءِ؟ ڪٿي ۽ ڪيترو؟“
”يلا، خدا تو کي نيڪي ڏئي.... ڪنهن ماڻهوءَ جي رستي ۾، بک وگهي مرڻ جو ته ’لڏن وارن‘ ڪونه ٻڌايو؟“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

”تو پلا ڳوٺ ڪڏهن ڇڏيو؟
” انهيءَ وچ ۾، ٽر تي، ڪي چنڊون ڦڙيون وٺيون يا .... ؟!
”نه !؟ .... بلڪل نه؟!! بلي .... ! (ٿڌو شوڪارو ڀري) هن سال به ڪارو قحط....!! منهنجو مولي، ڪو مسڪين ٽرين تي، پنهنجو رحم ڪري!“
” پلا فلاڻا خان! اِهو ته ٻڌائجانءِ ته سرڪاري سستي اناج جا دڪان، ڪٿي ڪٿي کليا آهن؟“
”اناج جي ورهاست سولي ٿيئي ٿئي يا واپاري ۽ ڪامورا، رڳو پنهنجي پُورت پيا ڪن؟“
”ماڻهو، ڏيڍ ڪيترو ٿا ڏين؟
ڪي ڇٽانگ؟! اُنهن ڇٽانگن مان، غريبن جو چاندوٺي ڪونه ٿيندو هوندو. اِهي الاجي، ڪهڙيءَ ذات هيٺ پيا هوندن؟!“
”پي خبر ڏي... ڪنهن 'سيم' (ڳوٺن جي پسگردائيءَ واري زمين) ۾ گاهه پٺو ڏٺئي يا مال پٽارو، رڳو اڃي واري پيو چٽي؟“
”پانئين ٿو .... ته اڃا ڪيترن ڏينهن جو گاهه ٿيندو؟“
وغيره وغيره.

اهڙيءَ طرح حاصل ڪيل اطلاعن کي مدنظر رکي، مسڪين جو ”پريس ڊپارٽمينٽ“، رات جو، پنجاهه جي اسپيڊ سان جُنبش ۾ ايندو آهي، جنهن ۾ اخبارن وارن جي اورچائيءَ جو امتحان وٺڻ لاءِ، شيطان جي آنڊي ڪان به ڊگها، وڏا وڏا ليک لکيا ويندا آهن، جيڪي ٽـن ٽن قسطن ۾ شايع ڪري، اخبار وارا ويچارا، پنهنجي جند آزاد ڪرائيندا آهن. مجال آهي، جو ليک شايع ٿيڻ ۾، ڪا ٿوري به دير ٿئي! .... مسڪين، ٻئي ڏينهن، ”ڳيڏيي“ سميت، پريس جي در تي! سنت فتح سنگهه

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

واري ٻڪ هڙتال ۽ ڏرڙو! ڀلا مسڪين ڪان، ڪير ڪنڌ ڪيرائي؟! ڪي ڪاٽ ڪُوٽ ڪري ۽ ڪي وري سربستا ليک سنڌس شايع ڪريو ڇڏين.

علي الفجر، صبح صادق ٿيڻ سان ئي، مسڪين جو خدمت عامہ (سوشل ويلفيئر) ڪاتو، پنهنجو ڪم شروع ڪري ڇڏيندو آهي. ”سوشل ورڪ“ جي شروعات بہ روزانو، ريلوي اسٽيشن ڪان ئي ٿيندي آهي. جيئن ئي مسڪين، اسٽيشن روڊ تان ٽلندو ٽهلندو، هيٺ آفيس ڏانهن هلندو ويندو آهي، تہ سنڌس انتظار ۾ ويٺل رستي جي ٻنهي پاسن وارين هوٽلن تان، ٽرين جا هشامن جا هشام، مقناطيس وانگر، مسڪين ڏانهن ڇڪجي، سنڌس ڀويان ڀويان، هلڻ شروع ڪندا آهن ۽ اهو جم غفير، ڪليڪٽريءَ پهچڻ تائين، هڪ وڏي جلوس جي صورت اختيار ڪري ويندو آهي، جنهن جلوس ۾، مسڪين جي پيدل سواري، پيش پيش هوندي آهي.

ڪليڪٽريءَ ۾ پهچي، مسڪين، ٽرين جون مفت درخواستون لکي، ڪين اناج جون پرمٽون ڪيائي ڏيندو. جن ڳوٺن ۾، اڃا سرڪاري دڪان نہ کليا هوندا، انهن لاءِ، اختياريءَ وارن کي ڏسندو. ڪامورن ۽ سرمايدارن جي سٽايل ٽرين جي پڪارن جي، پيروي ڪرائيندو. ڪليڪٽريءَ مان ڪم لاهي، باقي ڏٽن مٽن، ٻڪيءَ نوڪ ٽرين جو ميڙ وٺي، انجنيئرن جي آفيسن جا طواف شروع ڪندو تہ من، ڪنهن کي ڪا مقدمي، تنديلي يا ٻيلداري ملي وڃي! آتان فارغ ٿي، لٺ کڻي، لوڪلبورڊ سان وڃي ٻہ ٻہ هٿ ڪندو تہ ٿر ۾ ترايون، بند ۽ کوه کوٽائي، ٽرين لاءِ روزگار پيدا ڪري ڏيو ۽ انهيءَ دوران، شل نہ ڪو وزير يا وڏو آفيسر، ضلع ۾ پير رکي! پوءِ چاهي، هجي ڪهڙي بہ ڪاتي جو؛ پر مسڪين، پنهنجي پوريءَ جماعت سان آتي حاضر! هڪ ڏکهي، سنڌيءَ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

۾ لکيل عرضداشت، ڏڪار جا ڏاڪڙا دور ڪرڻ لاءِ، اُن کي پيش ڪندو؛ چاهي اُن تي ڪو غور ڪري يا نه ڪري؛ مگر مسڪين، پنهنجي طرفان، ”واڪا ڪرڻ وَس، ٻُڌڻ ڪم ٻروچ جو“ گهٽوئي ڪندو. ٻروچ ته پاڻ به آهي؛ پر ”ٻڌڻ“ وس ڪونه اٿس؛ تنهن ڪري واڪائي ڪندو رهندو آهي.

اڄ ڏينهن، آفيسون هونديون آهن بند؛ تنهن ڪري اخبارن جي ايڊيٽرن ۽ مقامي ليڊرن سان، ٿر جا ”آنکهون ديکها حال“ وجي اوريندو ۽ حڪومت ڪانِ، سندس ٿر لاءِ مطالبا منظور ڪرائڻ لاءِ، ڪين متفق ڪندو. ايڏين مصروفيتن مان، ڪي منٽ، جيڪڏهن ميليي ويس ته نَڪ، ميڊيڪل اسٽورن تي. آبا! ڏيـو ٿرين لاءِ دوائون مفت. شابس آهي، ننگرپارڪر وارن ميمڻ ميڊيڪل اسٽور وارن ۽ ڪن مخير ڊاڪٽرن کي، جيڪي سوين رپين جون پيٽنٽ دوائون، مسڪين کي مفت ڏيندا آهن ۽ پنهنجو قيمتي وقت وڃائي، اُنهن دوائن جي استعمال جا طريقا پڻ، مسڪين کي لکائيندا آهن، چاڪاڻ جو مسڪين، رڳو سنڌي ست درجا پڙهيل آهي. اُنهن ماڻهن کي، مسڪين جي امانت ۾، اِهو ته يقين واثق آهي، ته سندن ڏنل خيرات، ”حق بحقدار رسيد“ ضرور ٿيندي.

مسڪين جي امانت داريءَ جي کهڙي ڳالهه ڪجي! هڪ سياري جي رات، ٻـريءَ ننڊ ۾ ستو پيو هوس، ته آڌيءَ رات جو، گهر جو ٻاهريون دروازو کڙڪيو. وجي ڏٺم تـه مسڪين! چيائين تـه ”سپاٽي، ڳوٺ وڃان ٿـو؛ سو موڪلائڻ آيو آهيان.“ دل ۾ چيم ته ”پيلي! تو ڪئي ته ڏاڍي زورآوري! ناحق ننڊ مان اُٿاري، مون کي، سرديءَ جي سڙه تي ڪٺي چاڙهيو اٿيئي!“ پر مُنهن تي، خوامخواه جي مُرڪ آڻي، پڇيومانس ”پيو حڪم؟“ چيائين ”پيو سڀ خير!“ موڪلائي، وري اچي گرم بستري ۾ پيس؛ پر ننڊ هڪ دفعو جا ڦٽي، سا نـڏٺڪي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪٿي ٿـي پيھر سولائيءَ سان اچي! پاسا ورائيندي، اچا اک مس لـڳي ھيم، تہ وري، در تي ”دپيڙ، دپيڙ!“ جل تون، جلال تون! ھيءَ وري پيو ڪھڙو مسڪين؟! وڃي ڏسان، تہ ساڳيو سچڻ سامھون! پڇيومانس ”مسڪين! توسان وري خير؟“ چيائين تہ ”ھڪ امانت، اوھان لاءِ ميلي ھيم. آءٌ، صبح جو وڃان ھليو ھا، تہ امانت، مون وٽ رھجي وڃي ھا؛ الله جو ڏوھاري ٿيان ھا.“ مون، ھٿ ڊگھيري چيومانس تہ ”مون کي ڏي امانت!“ مشڪي چيائين تہ ”امانت ڪا شئي ڪانھي؛ سلام آھن! صوبيدار حاجي سانوڻ خان، اوھان لاءِ سلام ڏنا ھئا، سي اوھان کي ڏيان ٿو. حاجي صاحب، مون کي، خدا ڪارڻ جو واسطو وڌو ھو.“ ھاڻي پلا، حساب لـڳايو، مسڪين جي امانت داريءَ جو!!

ڏڪار وارو سمورو وقت، مسڪين جي زبان تي، تڪيہ ڪلاميءَ طور ”ڏڪار جا راڳ“، ”مسڪين ٿريا“ ۽ ”ليک“ جا لفظ، گھڻو ڪري ٻڌڻ ۾ ايندا آھن ۽ آھي، ايتري قدر تہ سندس دل و دماغ تي مسلط رھندا آھن، جو انھن جي تڪندي چڪر مان مٿي اُڀري، مسڪين، نہ ڪا ٻي ڳالھہ سوچيندو آھي، نہ ڪنھن جي ٻڌندو.

مولانا زنگي ريگستاني چيلھويءَ جو، انھيءَ تي ھڪ مثال ياد آيو اٿم، جنھن بزرگ جون مرغوب شيون، رڳو ”شيرو ۽ پَٽ“ ھيون. ڪنھن سگھڙ، بلڪل سچ چيو آھي تہ:-

”ڳھوڙا ۽ پَٽ، مُلان ۽ پَٽ،
ھُو ڪَسيا تہ رَسيا، ھُو نَيا تہ چَٽ.“

پٽ تہ خير، مُلان بنا ڏاڪار جي، ھضم ڪري ڇڏيندا آھن؛ باقي ”شيرو“، اھڙي شئي آھي، جو ڪيڏيءَ مھل، تڪليف ڏيو وجھين. ٻڌو اٿئون تہ جيڪڏھين، شيرو ڏمڪون ڏيئي، ڏَٿي، لُڪيءَ تائين ڪائين، تہ پيٽ، تڪاءُ ڏيو ڦاٽيو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner
soorihsindhiadab

پوين. دروغ برگردن راوي! سو مولانا زنگيءَ سان، هڪ ڏينهن ملاقات ٿي. خبرون چارون ٿيا هيون، رڳو شيرو ۽ پيٽ! آخر، اُنهيءَ تذڪري مان جان ڇڏائڻ لاءِ، ٿورو رکي پڇيومانس، "مولانا! چانهه پيئندؤ؟" رڙ ڪري، مولانا، مون کان پڇيو "شيرو؟!" مون لاحول ولا پڙهي، ڪٽي مات ڪئي. ساڳيو حال، مسڪين جو به، ايام قحط ۾ هوندو آهي. گهر ۾ پڇيس "مسڪين! ماني ڪاڏي آڻيو؟" پاڻ ورائي پڇندو "ليک؟!" درآصل، اخبارن ۾ ڇاپيل پنهنجا ليک ڏسي، مسڪين کي، ڏاڍي خوشي ٿيندي آهي! خوشي ڇونه ٿئي، جڏهن اُها به سندس خدمت جي هڪ مستقل نشاني آهي!

مسڪين جي مٿين مشغولين کي مدنظر رکي، منصف مزاجيءَ سان ٻڌايو، ته مسڪين کي، ڪهڙو وقت ٿو ملي، جو هُو، دنيا جي ٻين ڪتراڳن جو خيال رکي، يا خود پنهنجي وجود مسعود جي پرواه ڪري؟ ڪپڙن مٽائڻ جو ته سوال ئي ڪونه ٿو اٿي؛ پر وهنجڻ کي به، خُدا نٿو پلائي، ته ورهيه نه، ته به ڪي مهينا ته ضرور لڳيو وڃن! اسان جي گهر جون وڏيون، مسڪين کي بار بار چون ته "ابا! گهر ۾ پاڻي گهٽوئي آهي؛ تون تڙ ڪر ۽ ڪپڙا به لاهي ڏي، ته توکي ڌوئي ڏيون." پر مسڪين جو، ڪين اهوئي هڪ ڪُٽو جواب ته "پٿوا! آءٌ ڪپڙن ڌئارڻ ۽ تڙ ڪرڻ لاءِ گهر ويهي رهان، ته منهنجا مسڪين ٽريا، ته ميرپور ۾ رُلي ويندا." خدمت خلق جي، اِنهيءَ جذبي تحت، گندو ميرو رهڻ تان، تمام دنيا جون طهارتون ۽ پاڪايون قربان! جيتوڻيڪ صفائي، ايمان جي نشاني آهي ۽ هر خوش پوش جي، دنيا ۾ عزت هوندي آهي؛ مگر اسان کي ڪهڙي خبر، ته هُن يار وٽ، تَن جي صفائيءَ کان، مَن جي اُجلائي، وڌيڪ مقبول آهي!

حضرت ابو هريره رضه کان. حديث شريف روايت آهي ته

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

”حضور اڪرم صلعم جن فرمايو، تہ ڪيترائي اهڙا ماڻهو آهن، جن جا مٿي جا وار، پريشان، ۽ گرد و غبار ۾ اَٽيا پيا هوندا آهن ۽ جن کي ڌڪاريو ويندو آهي. اَهي ماڻهو، جيڪڏهن ڪنهن ڳالهہ تي، الله تعاليٰ جو قسم کائي وٺن، تہ الله تعاليٰ، اَهو پورو ڪري ئي ڇڏيندو آهي.“

منهنجي ناقص عقل موجب، مسڪين بہ، اُنهن الله جي مقبول بندن مان هڪ آهي. جن بہ ڪيس ڏٺو هوندو، انهن ڪيس، ”اصحابيءَ“ کان اورتي ڪونہ سمجهيو هوندو. مسڪين، جيڪڏهن پاڻ کي، فنا في الله نہ ڪيو هوندو تہ بہ فنا في الغربا و مساڪين ضرور ڪيو آهي. الله تعاليٰ جي مخلوق جي خدمت جو آخر، ڪيس ڪجهہ نہ ڪجهہ صِلو تہ ضرور ملندو. پوءِ هتي نہ، تہ اُگتي! الله تعاليٰ وڏو غفور و رحيم آهي.

مسڪين جي وڏي ۾ وڏي دلپسند مشغولي (Hobby) آهي ”اخبارون گڏ ڪرڻ“، چاهي اُنهن ۾، سندس ليک هجن يا نہ هجن! تنهن ڪري مسڪين، بذات خود، هڪ ”موبائيل لائبرري“، يعني ”متحرڪ ڪتبخانو“ بڻيو ڦرندو آهي. ڪنهن زماني ۾، هڪڙو ”دينو مستري“، ميرپور خاص ۾ هوندو هو. اُنهيءَ جي وري اِها عادت هئي، تہ هڪ ڦيٿي واريءَ لٺ کي، اڳيان، ترائيءَ وانگر ڪري، هلائيندو هلندو هو. اُن لٺ جي هيٺئين ڇيڙي تي، هڪ ننڍڙو، ٻاراٽيءَ سائيڪل جو ڦيٿو ۽ مٿيون ڇيڙو، جيڪو دينو، پنهنجي هٿن سان هلائيندو هو، اُن ۾ موٽر جو ربڙي ”هارن“، ۽ ٽِينڊ لاءِ وري سائيڪل وارو آئينو ۽ ڪاغذي گل ڦل، اٽڪايل هوندا هئا. جيڏانهن بہ ويندو هو، اُن ڦيٿي واريءَ لٺ کي، پنهنجي اڳيان، ٻارن وانگر، هلائيندو، هارن سان، ”پون پون“ ڪندو ويندو هو. اسان، اسڪولي شاگردن کي، دينوءَ جي اِها ”موٽر لٺ“، ڦرڻ ۾ ڏاڍو مزو ايندو هو. دينوءَ کان لٺ ڦري، تہ دينو، ڪنن تي هٿ

ڏيئي، اُتيئي ويهي رهندو ۽ پوءِ ڳارين جا ڍيڙيها! سو مسڪين
بہ، اخبارن جو پلندو، ڪڇ ۾ رکي هلڻ ڪان سواءِ، هڪ وک
بہ اڳتي نہ وڌي سگهي.

هڪ دفعي، هڪ چڱي ماڻهوءَ وٽ، ڪچهريءَ لاءِ
وياسين ٿي. مسڪين آئي، وچي پنهنجي اخبارن جو پلندو،
ڪڇ ۾ وڌو. چيومانس، ”خدا جا بندا! اِنهيءَ پلندي جي اِتي
ڪهڙي ضرورت؟“ ڪيلي چيائين تہ چڱو ڀلا، ہ ٿي اخبارون
تہ ڪٿڻ ڏيو! اخبارون ويڙهي، ڪڇ ۾ ڪٿڻ ڪان سواءِ، موڻ
ڪي هلڻ ۾ مزو ڪونہ ٿو اچي. عادت جا ٿي ويئي اٿم....!“
مسڪين جون اخبارون، ٽن قسمن جون ٿيپون ڪاٽيندڙون
آهن- ڪجھ ڏينهن، تہ سندس ڪڇ ۾ قيد هونديون آهن. گهٽيون
ٿينديون آهن، تہ وچي، سندس پنارڪ ۾ پونديون آهن، ۽ جڏهن
اِهو بار بہ ڳرو ٿيو پوي، تہ وچي ڳوٺين جي حوالي ٿينديون
آهن. جيتوڻيڪ وري، ڪڏهن بہ آهي، پڙهيون نہ وينديون آهن:
پر محفوظ، بلڪ لوح محفوظ، ضرور رهنديون آهن! پوءِ آهي
ڳوٺيون، ميرپور خاص ڪان ٿرپارڪر، لاريءَ تي، ۽ آتان سندس
ڳوٺ، آئن تي، روانيون ٿينديون آهن. لارين وارا چڱا مڙس،
سيٺ سنيو مل ڪرمچند ۽ پيا، نہ رڳو مسڪين ڪي بنا ڀاڙي
چاڙهين، پر سندس اخبارن جون ڳوٺيون پڻ، بنا ڀاڙي، صحيح سلامت
با امانت، ننگرپارڪر پهچايو ڏين. اهڙيون سوين ڳوٺيون اخبارن
جون، مسڪين جي ڳوٺ پهتل آهن، جيڪي سرڪاري (A)
رڪارڊ وانگر، اتي محفوظ رکيل آهن. ڪنهن ڪي، ڪابہ
پُراڻي گهربل اخبار، ڪٿان بہ نہ ملي، تہ آهو هڪدم، مسڪين
سان رابطو قائم ڪري. ڪندو خدا، تہ آها مسڪين جي
ڪنهن نہ ڪنهن ڳوٺ مان نڪري پوندي! هيءَ حقيقت،
”سنڌ جي سياست“ تي طبع آزمائي ڪندڙ حضرات لاءِ، وڏيڪ
توجہ طلب آهي. مسڪين، آن لاءِ، ڪوبہ معاوضو ڪونہ وٺندو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪنهن زماني ۾، مسٽر غلام محمد لغاري، ايڊيٽر ”سچائي“ اخبار تي، ڪيس ٿي پيو. ڪورٽ ۾، بچاءَ لاءِ، ٻه سال اڳ جا، ڪي ”سچائي“ اخبار جا پرچا گهربل هئا. ”سچائيءَ“ جي پوري آفيس، ڪوٺڙي ٻيهي رهيا؛ سڄي ٿرپارڪر ضلع جي لائبررين جون جهڙتيون ورتائون؛ پر پرچا ٻه پنهنجي نالي سان هئا؛ نه مليا هون، نه مليا. آخر، مڙسن ڪي، ’مسڪين، خيال ۾ اچي ويو. مسڪين ڪي، رکيو چوڻ جي دير هئي! اخبار جا اهي پرچا، بنا دير جي، آڏي اڳيان رکيائين. مسڪين وٽ، هاڻي، ايتريون ته اخبارون گڏ ٿي ويون آهن، جو اج ٻه جيڪڏهن، سستي اگهه، رديءَ ۾ ڪري ڪپائجن، ته ٻه ٻارهن مهنن جو قوت ٻاهر! مگر مسڪين جي ديانتيءَ ۾ ته ڪو انهن کي؛ هٿ لائي ڪونه ٿو سگهي؛ باقي مسڪين جا سؤ سال پورا ٿيڻ پڄاڻان، اخبارن جا ٻاڳ اخبارن سان!

مسڪين ڪي، سندس هڪ قدر شناس دوست، غلام محمد خان لغاري، ”ٿر جو گانڌي“ سڏيندو آهي. ڪم، مسڪين جا ٻه ساڳيا، ”گانڌيءَ“ وارا ئي آهن، بلڪ انهيءَ کان ٻه، ٻه چار وکون اڳتي! سياست ۾ نه سهي؛ پر غريبن جي خدمت ۾ ته مسڪين، گانڌيءَ کي ٻه ڪوهن تي ماري! گانڌي، پنهنجي غريب نوازي ڏيکارڻ لاءِ، وڏ ۾ وڏ، دهليءَ ۾ اچي، ”ڀنگي ڪالونيءَ“ ۾ رهندو هو؛ مگر مسڪين، ته انئي پهر الله جا، ڪولهين جي وانڍين (واهڻن) ۾! ماني، البته، پنهنجي پاڻ پچائي کائيندو؛ پر هوندو هميشه هنن سان ٻيٺ! گانڌيءَ، پنهنجي پوين لاءِ، ڪا پراپرٽي ڇڏي هوندي؛ مگر مسڪين، پنهنجي پويان، شايد ٻئي ٻڪري به نه ڇڏي! پنهنجو الهوتلهو ته اڳ ۾ ئي، انهيءَ خاڪشوريءَ ۾، ختم ڪري چڪو آهي. هاڻي، عمر ٻه، پنجاهه کان اڪري چڪي اٿس. هن کان پوءِ، کهڙا محل ماڙيون اڏيندو؟ گانڌيءَ، جيڪڏهن جيلن جون

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سختيون سٺيون، ته مسڪين به، اُنهن ڪان مُنهن موڙي، ويهي ڪونه رهيو! اِهو دَرُ، هُو به پيٽي آيو آهي. ”آصلي تي وڏا گانڌي!“ سياسي ليڊر، چاهي ڪيڏي ڏي پايي جو ڇونه ڪٿي هجي، مگر سندس ”آڇوتن“ کي ”ڇوت“ بنائڻ واري مشن، هميشه سياسي مقاصد تي مبني رهي! مگر هوڏانهن مسڪين، جيڪا ”اڇوتن“ جي خدمت ڪري رهيو آهي، سا بلڪل بي لوث ۽ خالص خدمت جي نيڪ جذبي تحت، جنهن ۾ ڪي ڪنهن به لالچ، طمع يا مقصد جي ملاوٽ ڪانهي! ايتري قدر، جو ڪي حاسد، مسڪين کي، ”پبلڪ ورڪر“ جي بدران، ”ڪولهي ورڪر“ ڪوٺيندا آهن. اِنهيءَ ۾ شڪ ڪونهي، ته مسڪين جي خدمت مان، ”ڪولهي“، گهڻو مستفيض ٿيندا آهن، سو اِنهيءَ ڪري، جو مسڪين جي مُهم جو ميدان (Field of Operation)، ”پارڪر“ خطو آهي، جنهن ۾، آسي سيڪڙو ڪولهي آباد آهن. ڪولهين ۾، مسڪين جي مقبوليت جو اهو عالم آهي، جو ڪيس، ”مهاڏيو“ جهڙو، پنهنجو ”اوتار“ ڪري سمجهن ٿا. ’مينگهواڙن‘ جو ته اِهو عقيدو آهي ته مسڪين، ”پير پٿوري“ جو نئون جنم وٺي، هن دنيا ۾ وارد ٿيو آهي، ۽ ”پيلن“ وٽ ته مسڪين، ”پابوجي“ ثانيءَ جو درجو رکي ٿو. کي ”اڇوت“، اهڙا به آهن، جيڪي مسڪين کي، ڪمال عقيدتمنديءَ وچان چوندا آهن ته ”مشڪين! تـمي آمان را پگوان شو“! مگر مسڪين، ڪين، اهڙيون ڪفر جون ڳالهيون ڪرڻ تي، سختيءَ سان نندينڌو آهي. ممڪن آهي ته مسلمان، مسڪين جي خدمتن کي وساري به وڃن؛ پر ”اڇوت“، اهڙا احسان فراموش ڪڏهن ڪونه ٿيندا ۽ اهو بعيد از قياس ڪونهي، ته مسڪين جو هن دنيا مان جامو مٽائڻ تي، ”پارڪر“ جا ”اڇوت“، مٿس ڪو شاندار قبو نه ڪٽي اڏائي سگهن؛ پر هڪ ناهوڪي ”ڏيوري“ ضرور

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

نهرائيندا، جنهن تي هر سال، هيرٽن جو فصل ڪٽي، وڏو شاندار ميلو لڳائيندا ۽ زالين مڙسين حاضريون ڏيئي، مچتائون مچي، ”ڏاڪون“ وڄائي، جهمريون پائي ۽ ”راسوڙا“ ڳائي، مسڪين جي ”آتما“ ڪان ”آسيس“ وٺندا رهندا!

خدا شاهد آهي تہ مسڪين، ڪولهين تي ڪک بہ نہ سهي! مجال آهي جو ڪنهن ڪولهيءَ سان، ڪو ڦڏو فساد يا ظلم زيادتي ڪري! چاهي کهڙي ئي خان خانان جو پٽ ڪٿي هجي يا خود مسڪين جو سڳو ڀاءُ ڇو نہ هجي؛ ايستائين مسڪين، اُن جو پيڇو ڪو نہ ڇڏيندو، جيستائين اُن فعل جي، ان ڪان سزا نہ ڀوڳرائي يا اهو توبهہ تائب ٿي، ڪولهيءَ سان پورو وهنوار نہ ڪري! ڪوبہ لڳ لاڳاپو، ڪابہ مٽي مائٽي، ڪنهن بہ اقتدار جو عتاب، مسڪين کي، پنهنجي مُصمم ارادي جي عمل ڪان، انچ بہ هٽائي نٿو سگهي! مسڪين جا ڪيترائي قريبي مائٽ، ٿر ۾، پوليس ۾ ملازم آهن. کي سڳا سوٽ، کي ماسات؛ پر انهن مان جنهن بہ، ڪنهن ”ڪارِي ڇمڙيءَ“ کي کهڪايو، ان کي مسڪين معاف نہ ڪيو! ڪاهي، ڪيس ڪورٽ تائين تہ پهچايو هوندو، پوءِ ڪتيس ڀاڳ! مسڪين جي اعليٰ ڪردار جو، هيءُ هڪ ادنيٰ مثال آهي، تہ غريبن جي مقابلي ۾، هن پنهنجي ڀاءُ کي بہ نہ بخشيو! ٿيو هيئن، جو گذريل مارشل لا جي دوران، مسڪين جي ڀاءُ غلام حيدر کي، جا ڪُٺي تي ڪٽي، سو پوليسي وردي پائي، پاڻ کي ملٽري آفيسر سڏائي، پيادو ڪولهين جي ”وانڍين“ (واهڻن) ۾ وڃي، انهن کان پيسا وٺي، سرڪاري زمينون کين وڪرو ڪندو وتيو ۽ زمين جا پروانا، وري ڪسٽم ٿاڻي تان ڇورايل فارمن تي، اُبتيون سُبتيون ليکون پائي، جاري ڪندو رهيو. ڪولهي، معمولي معاملي متعلق بہ، مسڪين سان مشورو ضرور ڪن! سو ١٥-٢٠ ڪولهي، انهن پروانن سميت، مسڪين

وٽ پهتا. مسڪين ڪني پروانا ڏسي پڪ ٿي، تہ غريبن سان ڪو غضب ڪري ويو آهي! اُن آفيسر جا پار پتا پڇڻ تي، شڪ ضرور پيس، تہ اِهي ڪم، سندس ڳوٺ جي واندن ماڻهن جا! پر پڪو پهہ ڪيائين، تہ ڪير بہ هجي، ان ڪي پنهنجي ڪيفر ڪردار تي ضرور پهچائبو! ڪولهي وٺي، پوليس ٿاڻي تي پهتو. صوبيدار، فرياد وٺڻ ۾، ٽال مٽول ڪئي. ننگرپارڪر مان، جُتي هٿ ۾ ڪري، جملي جماعت سان، ”مٿيءَ“ پهتو، جتان ڊي. ايس. پي ڪان لڪائي، جڏهن واپس وريو، تہ خبر پيس تہ اِهو جوان، سندس پاءُ غلام حيدر! ماڻهن، گهڻيون ئي ميڙون منٿون ڪيون؛ سمجهايائونس تہ پاءُ، وري بہ پاءُ آهي! ڌاريان، نيٺ ڌاريان! فرياد داخل نہ ڪراءِ؛ پر مسڪين، ڪٿي ٿو ڪنهن جي مڃي؟ فرياد داخل پاڻ ويهي ڪرايائين! جانچ ٿي؛ پوليس، پاڻس ڪي بڌري، ڪٽي چالان ڪيو. گهڻو ڪري، هرشنوائيءَ تي، ڪولهين سان گڏ، ڪورٽ ۾، پاڻ، ڪيس جي سربراهيءَ لاءِ ويندو هو، جتي سندس پاءُ، هٿڪڙين ۾، هيٺ مُنهن ڪري اچي ويهندو هو. ڇڏائڻ تہ بجاءِ خود، مسڪين، پنهنجي پاءُ جي ”حاضري ضامن“ لاءِ بہ ڪڏهن هامي نہ ڀري! آخر، ڪيس هلي هلي، جڏهن پاڻس ڪي سزا ملي، تڏهن وڃي مسڪين ڪي، پيٽ ۾ ساهہ پيو!

بي مروّت سرمايہ دار ۽ رشوتي ڪامورا، مسڪين ڪان ذرا خائف رهندا آهن؛ پر مسڪين جي، ڪنهن سان بہ شخصي مخالفت يا ذاتي دشمني، ڪڏهن بہ نہ رهي آهي. اڄ بہ مسڪين لاءِ، ڪو ائين آئي ڪونہ چوندو، تہ مسڪين، ڪيس پنهنجي ذاتي وير وچان يا پنهنجي پاءُ پيءُ جي دشمنيءَ پاڙڻ خاطر، ڪو رنجايو! مسڪين ڪي، تہ پنهنجو ذاتي وجود ئي ڪونهي! ان ڪي ”اِنالِله“ ٿئي، ڪي ٽيهہ سال ڪن ٿيندا. هن وقت، جيڪي ڪجهہ، مسڪين جي صورت ۾، ڇُرنڊڙ ڦرنڊڙ جسم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

نظر اچي ٿو، سو تہ فقط غريبن لاءِ وقف ٿيل آهي! پوءِ اهو "بوتو"، ڇو ڪنهن سان بغض يا عناد رکي؟! مسڪين جي مخالفت، صرف غريبن سان ٿيل ظلم ۽ زيادتين جي ڪري هوندي؛ باقي شخصي شڪايتن جو، تہ مسڪين وٽ، سوال ئي ڪونہ ٿو اٿي! حتيٰ ڪ، جن بہ پنج سؤ کن نيڪبختن، جن ۾ ڪيترائي سرڪاري ڪامورا ۽ تَڪر زميندار هئا، مسڪين خلاف، "غنڊا ائڪٽ" جي ڪارروائيءَ لاءِ بيان ڏنا ۽ جنهن ڪري، مسڪين کي، بہ سال سخت پورهئي سان سزا ملي، تن لاءِ بہ، هاءِ ڪورٽ مان، اپيل ۾ آزاد ٿيڻ شرط ئي، ننگرپارڪر جي پريي جلسي ۾ (جنهن ۾ پهريون دفعو، ٿر جي هسٽريءَ ۾، لائوڊ سپيڪر استعمال ڪيو ويو هو)، اعلان ڪيائين تہ:

"مون کي معلوم آهي تہ ماڻهن، منهنجي مخالفت ۾، ڪئين بيان ڏنا؟ منهنجو، نہ ڪنهن سان اڳ ۾ ڪو وير هو ۽ نہ آئينده بہ رهندو. مون تي، جيڪا بہ سختي آئي آهي، ممڪن آهي، منهنجي ئي اعمالن جي شامت هجي! ماڻهن جو، انهيءَ ۾، ڪو ڏوهہ ڪونهي. آءٌ، وڏي واڪي، ۽ دل جي پوري صفائيءَ سان چوان ٿو، تہ مون، انهن کي، اڄ بہ معاف ڪيو، سڀائي بہ معاف ڪيو! آهي سڀ، منهنجا ياءَ آهن."

الله الله! هن فسادي ۽ فتنہ پرور دنيا ۾، اڄ بہ اهڙا عالي ظرف ۽ بي نفس انسان موجود آهن!!

مسڪين، نہ تہ ڪو سياسي ماڻهو آهي ۽ نہ ڪنهن سياسي جماعت جو، بن آنن وارو ميمبر! دراصل، مسڪين پاڻ، هڪ 'پارٽي' آهي، بلڪ هڪ 'ادارو' آهي. دل جو لاڙو، البتہ، "هاري پارٽيءَ" ڏانهن گهڻو اٿس، ڇاڪاڻ جو آها، غريبن جي حمايت جي هام هڻي ٿي ۽ مسڪين تہ اڳ ۾ ئي، غريبن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

لاءِ وڪاڻو وتي! جماعت اسلاميءَ لاءِ به، چڱي عزت اٿس، چاڪاڻ جو مسڪين، نيڪ قسم جو مذهبي ماڻهو آهي ۽ پنج وقت نماز ۽ روزي جو، سختيءَ سان پابند آهيءِ شايد اهوئي سبب آهي، جو جيتوڻيڪ سندس اٿڻ ويهڻ، هاري پارٽيءَ سان رهيو، مگر ان جي "اِشتراڪيت" جو اثر، مسڪين، ڪڏهين قبول نہ ڪيو. "ڪميونزم" جو بنيادئي، "بي شڪريءَ" ۽ "بغض" تي رکيل آهي؛ مگر مسڪين، صبر جو پهاڙ، شڪر جو بحر بي ڪران ۽ "مقامات آه و فغان" کان بلڪل اوچو، الله تعاليٰ جي حمد و ثنا ۾، هميشه مشغول هوندو آهي. مون ڏانهن، سندس لکيل هڪ خط جو ننڍڙو اختصار پيش ٿو ڪريان جنهن مان بخوبيءَ، اندازو لڳائي سگهبو، تہ جنهن انسان جي اعتقاد ۽ عبديت جو اِهو عالم آهي، سو ڪيئن ٿو ڪنهن ڪميونزم، سوشلزم يا بي ڪنهن "ازم" جو اثر وٺي سگهي؟! لکي ٿو تہ:

"١- غريب نواز! مسڪين کي ڪافي وقت ٿيندو، تہ سنڌ کان، هتي ننگرپارڪر شهر، سامي ويري، پارڪر ۽ ٿر جي جدا جدا ڳوٺن ۾، ڪمن ڪارين جي بهاني، هلي رهيو آهي.

٢- پنهنجي پارڪر ۽ سموري ٿر ۾، الله پاڪ جي فضل و ڪرم سان، هن ورهيہ ۾، باجهريءَ جو فصل تمام پلو ٿيو آهي. گاهہ وغيره، بيحد سٺا ٿيا آهن. مطلب تہ ڏڪاري، آنيڪ قسمن جي ڏکن ۽ ڏولاون کي، رب العالمين، هڪ پَل ۾، دور ڪري ڇڏيو آهي. اُنهيءَ مالڪ الملڪ جون تعريفون ڪهڙيون ڪري، ڪهڙيون ڪجن؟! جنهن واحد جي صفت ڪرڻ لاءِ، مون گنهگار کي، ڪابہ طاقت ڪونہ آهي. پر سمجهدارن کي ڇا سمجهايان، باري تعاليٰ جون وڏايون ۽ واڪاڻ!

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

> اِهي ساراهون سڀ، اُن ڏٽيءَ پاڪ جلشانه عَمّ نواله
> کي جڳائين ٿيون، جي اُن خلقيندڙ جي وَس، غيب
> جون ڪُل ڇاڻون ۽ سڀ قوتون آهن.“

بدقسمتيءَ سان، گذريل ”ٽرم“ ۾، مسڪين کي، يونين ڪائونسل جي ميمبريءَ تي چونڊيو ويو. ”قهر ِ درويش، برجان ِ درويش!“ اڳتي هلي، اِهو فيصلو ڪرڻ، ذرا مشڪل ٿي پيو، ته ميمبري، غريب مسڪين مان ڦاٿي يا مسڪين ميمبريءَ مان! اُٺ، انهيءَ وقت ئي ٿي رڙيا، جڏهن ٻورا ٿي سِبيا! مسڪين جي، ٻانهو ڏانهن هٿي ته پيلي، مسڪين کي، ميمبريءَ کان معاف ڪريو! مسڪين، ان سان انصاف ڪري ڪونه سگهندو؛ پر ماڻهو، ڪٿي ٿا مڙن؟! پنهنجي هڙؤن ڊپارٽ ڏيئي، پنهنجو ڪائي پي، وڏا وڏا پند ڪري، مسڪين کي ڪٿي چونڊائي وڃائون! پنهنجي طرفان، ته ڪٿي مسڪين کي، اِها پڳ ٻڌائون؛ پر مسڪين غريب جو ٻه، پٽ تي پير پوي، تہ گدڙ وارو پروانو ڏيکاري! ”طاهر سدائين ٻاهر!“ ڪنهن جون يونينون، ڪنهن جون ڪائونسلون؟! ميٽنگن جون ميٽنگون غير حاضر، ۽ مٿان نوٽيسن جا ڦهڪا ڪڙڪا. ٿي ٿي مهنا موڪلون وٺي، معاملي کي ٽاريندي ٽاريندي، ڇڪي اچي عرصو پورو ڪيائين، تڏهن وڃي، شڪر جو شوڪارو ڀريائين ۽ وري، ميمبريءَ ڏانهن، مُنهن ڪري ٻه نہ نهاريائين!

چونڊا آهن تہ ”هر کہ خدمت کرد، اُو مخدوم شد.“ مگر خدا شاهد اُهي، تہ مسڪين، ”مخدوميءَ“ جي، ڪڏهين ٻہ تمنا نہ ڪئي! ”ٻڙا سڏاوڻ، ٻڙا دک پاوڻ“! تنهن ڪري مسڪين لاءِ، ”خادمي“ ئي، سيڪجهہ آهي. سندس ايثار ۽ قرباني کيس ”مخدوم“ نہ، تہ ٻہ ”معروف“، ڪافي حد تائين ڪيو آهي. مسڪين جي زندگيءَ جو (Motto & Mission) يعني مُول ۽ مقصد آهي ”خدمت ِ خلق“. سياست سان، تنهن ڪري،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڏور جو به واسطو ڪونه رکي! البت، اليڪشن جي ايام ۾، غريب اميدوارن جي مدد ۾، مڙس ٿيي مُنهن ڏيندو. غريبن جا مقابلا، وڏن وڏن گبرن سان ڪرائيندو. گويا، جهرڪين کي بازن جي مقابلي ۾ آڻي بيهاريندو! جيڪا سياسي سجاڳي، هيستائين ڪانگريس يا ڪرسچن مشنري، پارڪر جي اڇوتن ۾ پيدا ڪري نه سگهي، سا مسڪين، پنهنجي عزم ۽ استقلال سان، ٿوري ئي عرصه اندر، انهن ۾ آڻي ڇڏي. اڇوت ويچارا (ڪولهي، ڀيل ۽ مينگهواڙ)، جيڪي زميندارن جي هميشه جُتين جي جاءِ تي ويٺا ۽ سندن پاڇي کان به وڻون ويندا هئا، انهن کي اڀاري، نه رڳو مقابلا ڪرايائين، مگر ڪيترن ئي اليڪشني واردن ۾، انهن سرمايه دارن کي، شرمناڪ شڪستون ڏيارايائين! هن وقت به، پارڪر جي ڇئن يونين ڪائونسلن ۾، اڌ کان وڌيڪ، اڇوت چوندجي آيل آهن ۽ هڪ يونين ڪائونسل جو ته چيئرمن به اڇوت مسٽر عالم چند ڪولهي آهي، جو مئٽريڪيوليٽ آهي، انهيءَ يونين ڪائونسل ”ڦيٽاپور“ جو اڳ ۾ چيئرمن، هڪ ٺڪر جاگيردار – ”پارڪر جو راڻو صاحب“ هو، ۽ پارڪر جي هڪ بيءَ به يونين ڪائونسل ”ويرا واه“ جو اڳ ۾ چيئرمن، ”ويرا واه“ جو ٺڪر جاگيردار هو، جنهن ڪائونسل جو، هن وقت چيئرمن، هڪ غريب مسلمان مسٽر نورمحمد نالي آهي، جو چوندجڻ کان اڳ، ڀريائين، جانورن جي اسپتال ۾ ۽ پوءِ تعليم کاتي ۾ پٽيوالو هو. مسڪين جو اِهو سياسي جذبو، نه اليڪشن جي ايامڪاريءَ تائين، محدود هوندو آهي. اُن کان پوءِ، ”ويا لُڙ لهي، اکيون اکين جهڙيون.“ پر سرمايدارن جي اکين ۾، مسڪين، هميشه ڪنڊو ٿي چڀندو رهندو آهي. انهيءَ ڪُڪ جي ڪانيءَ ڪيڍڻ لاءِ، وڏا ڪي .وس ۽ حيلا هلائيندا آهن ۽ ڏاڍا ڪي اوڇا حربا استعمال ڪندا آهن! آخر، ۱۹۵۶ع ۾، اندريان ٻاهريان جاڙا هٽي، وارو ڪيڊي، مسڪين کي ”غنڊا ائڪٽ“ جي ڪارروائيءَ ۾ آڙائي، ڪٽي ڏسي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

وڌائون. مسڪين غريب کي، ٻه سال، سخت پورهئي سان، سزا ملي. ٻارهن مهنا، جيل ۾ رهيو- ڏهه مهنا ڪيس هلندي ۽ ٻه مهنا فتوي کان پوءِ نيٺ هلي هلي، هاءِ ڪورٽ مان، وڃي پنهنجي جند آزاد ڪرايائين.

مسڪين جي غنڊا ائڪٽ ۾ گرفتاري، سڄي ٿرپارڪر ضلعي جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾، ماتم جي صف وڇائي ڇڏي. حيدرآباد ۽ ڪراچيءَ جي سياسي حلقن ۾ به، سخت افسوس جو اظهار ڪيو ويو! گهڻو ڪري، سمورين سنڌي اخبارن، پنهنجا ايڊيٽوريل، مسڪين جي همدرديءَ ۾ لکي، انصاف جي تقاضا ڪئي. قومي ۽ صوبائي اسيمبلين ۾ پڻ، مسڪين جي گرفتاريءَ جو پڙاڏو گونجيو. ڊسٽرڪٽ مئجسٽريٽ صاحب جي ڪورٽ ۾، ڇهن وڪيلن- مرحوم مير سليم، مسٽرس روچيرام، محمد سليمان ميمڻ ۽ محمد صادق ٽيٻي- مسڪين جي مفت وڪالت ڪئي. پر نيٺ، مسڪين کي، ٻه سال، سخت پورهئي سان سزا ملي. سزا ملڻ سان ئي، مسڪين جي سڃاڻو سياسي ليڊرن ۽ سماجي ڪارڪنن، مسڪين کي ڇڏائڻ جي، سر توڙ ڪوشش ڪئي. عمرڪوٽ مان پير عبدالغفور جان سرهندي پريزيڊنٽ هاري فيڊريشن، مولوي جمال الدين رند ۽ مسٽر لطف الله حساماڻي، ميرپورخاص مان مسٽر غلام محمد لغاري سيڪريٽري سنڌ هاري ڪاميٽي، مسٽر غلام حيدر لغاري، مولوي محمد صالح چانڊيو ايڊيٽر "الحق" اخبار، نوابزاده مير علي بخش خان ٽالپر سابق ايم پي اي ۽ سابق جنرل سيڪريٽري ريپبلڪن پارٽي ويسٽ پاڪستان اسيمبلي، حيدرآباد مان محترم حيدر بخش جتوئي پريزيڊنٽ سنڌ هاري ڪاميٽي، محترم مير رسول بخش خان ٽالپر، مولوي خير محمد نظاماڻي ۽ مسٽر غلام حسين سومرو ۽ ڪراچيءَ مان محترم خطيب پريزيڊنٽ آل پاڪستان ليبر فيڊريشن، مسٽر ڊوي ڀائي وڪيل، مسٽر عبدالقادر ليڊر هاري ڪاميٽي ۽ ٻين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سيٺ حاجي پير محمد هنگوري جا اسم گرامي، مسڪين جي دل تي، اڄ ڏينهن تائين، اُڪريل آهن. مادرِ ملت محترمه فاطمه جناح، بنا فيءِ جي مسٽر خورشيد بئريسٽر، جو قائداعظم جو ڪنهن وقت پرائيويٽ سيڪريٽري هو ۽ پوءِ آزاد ڪشمير جو پريزيڊنٽ پڻ ٿيو، وڪيل ڪري ڏنو. هاءِ ڪورٽ ۾ رٽ پٽيشن داخل ٿي، مسڪين ضامن تي آزاد ٿيو ۽ پوءِ به هاءِ ڪورٽ ۾ حاضر ٿيڻ لاءِ مسڪين ويهه شنوايون سنڌ جي هڪڙي ڏاڪڻي ڇيڙي ننگرپارڪر کان ٻئي ڇيڙي ڪراچي ۾ ايندو رهيو ۽ اهڙي طرح سان هَجِي هَجِي مڙس آخر وڃي آزاد ٿيو. مسڪين انهيءَ ايامڪاري ۾ جيڪي ڏاڪڙا ڏٺا اهي بيان ڪان ٻاهر آهن. سڄي جي ٿر تي سامي ويري ڪان ڪراچي پهچڻ ڪا مسخري ڪانهي. ١٥٠ ميل ٿر جي پٽن جو خشڪي پنڌ ۽ ان کان پوءِ اٽڪل ٤٠٠ ميل ريل جو سفر سو به سڄا سارا ويهه دفعا اوٽ موٽ! پر مهلون به مڙسن تي ايندڻيون آهن. مسڪين ۽ ڏکن آزل کان پاڻ ۾ کونه ورهايو. مسڪين کي ڪا سٽي ڏي سورن جي مليل آهي تنهنڪري ”سسئي ۽ سور پٽيندا ويا پاڻ ۾“.

جناب خورشيد صاحب جو مسڪين سان اڄا تائين خط و ڪتابت جو رستو آهي. سندس مختلف خطن مان هڪ خط، جڏهن ڪه هو پاڻ، آزاد ڪشمير جو پريزيڊنٽ هو، هن صفحي جي پويان ڏجي ٿو:

پيو ڪو دنياداري وارو ماڻهو هجي ها ته ايڏي وڏي ماڻهو مان وڏا ڪي ذاتي فائدا پنهنجي لاءِ حاصل ڪري ها پر مسڪين هميشه خورشيد صاحب کي فقط ٿر جي سڌاري جون اسڪيمون موڪليندو رهيو ته اهي خورشيد صاحب، صدر صاحب مملڪت پاڪستان جي اڳيان پيش ڪري ته ٿر مسڪين جو ڪو ڀلو ٿئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner



PRESIDENT'S HOUSE
MUZAFFARABAD

۲۵ جولائی ۷۰ء

جناب من! السلام علیکم۔

آپ کا نوازش نامہ مورخہ [illegible] جولائی موصول ہوا۔
آپ کی یاد آوری اور اظہار جذبات کیلئے شکر گزار ہوں۔
[illegible]

مخلص

خورشید

مکرمی مسکین جہان خان صاحب کھوسو [illegible]
[illegible]

(جناب خورشيد صاحب، سابق صدر آزاد ڪشمير
جو ”مسڪين“ ڏانهن لکيل خط)

هڪ دفعي هاءِ ڪورٽ جي شنوائي تان موٽندي مسڪين
حيدرآباد ۾ هڪ رات ”هاري حقدار“ آفيس جي اڳيان ستل
هو ته رات جو اٽڪل ٽين بجي مهل پرسان هڪ ٻه ماڙ جڳهه
ڪري پيئي. جاءِ ڪرڻ جي زبردست ڌماڪي ۽ ان ۾ دٻيل
ماڻهن جي چيخ و پڪار تي مسڪين جي اک کلي. پ-جي
بروقت وڃي سر زمين تي پهتو. اوڏي مهل ڪرندڙ جڳهه ۾

ڪير ٿو وڃي؟ پر مسڪين ٻهريون ٽي ماڻهو هو جو پنهنجي جان کي خطري ۾ وجهي گهڙي پيو جڳهه ۾ ۽ دٻجي ويل ۽ زخميل ماڻهن کي سهارو ڏيئي ٻاهر ڪيندو رهيو. زخمي ماڻهن کي ٻاهر ڪيڻ کان پوءِ وري پير واري گهر مان ڪوڙر ۽ تغاري وٺي ڪوتائي جي ڪم ۾ جنبي ويو. نهايت ئي چستي ۽ هوشياري سان ملبو هٽائيندو رهيو ته متان ڪو دٻيل زنده ماڻهو وڏيڪ ملبي ڪرڻ ڪري يا ڪوڏر لڳڻ ڪري وڌيڪ زخمي نه ٿي پوي. ملبي جي ڪوتائي ۽ تغاري ۾ ڪٺي ٻاهر اڇلائڻ ۽ جڳهه ۾ پيل سامان ۽ ڪريل ڪاٺ جو ذرو

("مسڪين"، حيدرآباد ۾ ڪريل جڳهه جي ڪم ۾ مشغول)

ذرو ڪٺي ٻاهر جدا رکڻ جو ڪم مسڪين اها باقي رات ۽ ورندو سڄو ڏينهن ويندي سڄ لٿي تائين ڪيو. انهيءَ وچ ۾ ڪيس ماني پاڻي حرام. انهيءَ منحوس جڳهه جي هيٺان ١٩ ماڻهو دٻجي مري ويا ۽ اڄ ڏينهن تائين اها ڪنڊرات جي حالت ۾ پيئي آهي شايد ڪو به ان نياڳي هند تي نئين اڏاوت ڪرڻ لاءِ خواهان ڪونهي. مسڪين ۽ ٻين ڪوتيندڙن سان صبح جو اٽڪل ٩ بجهه

مهل پنج سو کن سينٽرل جيل جا قيدي به اچي ڪوٽائي جي ڪم ۾ شامل ٿيا. مسڪين ڪم ڪندي مٽي ۾ ڀوت ٿي ويو هو ۽ سڄاٽپ ڪان ٻري هو، مگر مير رسول بخش خان جي عقابي نگاهن کيس انهيءَ حالت ۾ به سڃاڻي ورتو. ٻين به هزارين ماڻهن جون نظرون مسڪين ۾ کُتل هيون جنهن نهايت ئي تيزي سان ۽ جوشيلي نموني دنيا و مافيها کان بي نياز ٿي پنهنجو ڪم پئي ڪيو. ايڏو ڪم ڪندي ڏسي، فرط جوش ۾ مير صاحب وڃي کيس ڀاڪر پاتو ۽ کيس چيائين ته فقط پنج منٽ ڪم بند ڪري ٻاهر نڪر. اوڏي مهل اتي ڪمشنر، ڪليڪٽر ۽ ٻيا هزارين آفيسر ۽ پبلڪ جا ماڻهو اچي ڪٺا ٿيا هئا. مير صاحب مسڪين کي انهيءَ ئي ڀڀوتي حالت ۾ جڏهن ڪ ڪوڏر سندس ڪلهي تي ۽ تغاري هٿ ۾ هئي، ڀاڪر پائي تعارف ڪرائيندي چيو ته هن شخص جي انسان ذات لاءِ محبت اوهين پنهنجي اکين سان ڏسي رهيا آهيو ۽ جنهن

("مسڪين" حيدرآباد ۾، ڪريل جڳهه جي ڪم ۾ مشغول)

جوش و خروش سان رات ڪان وٺي جيڪو هي ڪم ڪري

رهيو آهي اهو اوهان کي بخوبي معلوم آهي ۽ اوهان کي اهو بڌي عجب لڳندو ته هي اهو شخص آهي جنهن کي غنڊا ائڪٽ ۾ ٻه سال سخت پورهئي سان سزا ڏني ويئي آهي ۽ هن وقت هاءِ ڪورٽ جي ضامن تي آزاد ٿي آيل آهي هاڻي اوهين ئي ڪٿي ٻڌايو ته ههڙو شخص به "غنڊو" ٿي سگهي ٿو؟!

پوءِ مير صاحب، ڪمشنر ۽ ڪليڪٽر ۽ ٻين آفيسرن ۽ معتبر ماڻهن کي چيو ته هن مرد مجاهد جي همت افزائي ۾ اوهين به ڪيس اهڙي طرح پاڪر پائي ملو جهڙي طرح آءٌ ساڻس مليو آهيان. ان تي سمورا آفيسر ۽ معتبر ماڻهو مسڪين سان سندس انهيءَ پيوتي حالت ۾ پاڪر پائي مليا. مسڪين انهن کان موڪلائي وري ٻه پنهنجي ڪم ۾ لڳي ويو تان جو وچي سانجهي ڪيائين. ڪوتائي جو ڪم پورو ڪري مسڪين جنازن کي ڪلهو ڏياري قبرستان ويو ۽ لاشا دفنائي پوءِ واپس موٽيو.

مير صاحب مسڪين جا ڪوتائي جو ڪم ڪندي ڪيترائي فوٽو ڪڍيا هئا جي هن ڪتاب جي ڪنهن حصي ۾ ڇاپيل آهن. انهيءَ ڪوتائي ۾ شهر جا ماڻهو، آفيسر ۽ قيدي پڻ شامل هئا مگر هرڪنهن ماڻهو خواهه اخبارن مسڪين جي ڪم کي سيني کان وڌيڪ ساراهيو. اهو مهنو به سخت گرمي جو هو مگر انهيءَ حادثي جي غم جو ايڏو ته اندوهناڪ اثر سندس دل تي رهيو جو سڄو ڏينهن رات سخت ڪم ڪرڻ جي باوجود هڪ ڏُڪ به پاڻي جو نه پيتائين ۽ رات جو به ڪجهه ڪائڻ پيئڻ کان سواءِ ئي ٿَڪي ٽُٽي ساٿو ٿي مڙس وڃي جو ڪريو ته ٻئي ڏينهن صبح جو ٻين ڇڪي ٻئي اٿاريس.

مسڪين گذريل ٽيهن سالن ۾ غريبن سان گڏجي ايترو ته پيادو پنڌ ڪيو آهي جيترو شايد آچاريه ونوبا ڀاوي پنهنجي سڄي زندگي ۾ به نه ڪيو هوندو، جيتوڻيڪ هو درويش ٻه ڳچ سالن کان وني غريبن لاءِ زميندارن کان مفت زمينون ڇڏائڻ لاءِ ڳوٺان ڳوٺ پيادو پنڌ ڪري رهيو آهي. مگر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مسڪين غريب هاڻي هلي هلي هڃي پيو آهي. هاڻي گهڻو پنڌ ڪرڻ سان ٿوري ٿڪاوٽ به محسوس ٿيس ٿي ۽ مٿو به ڪڏهين ڪڏهين ڦريس ٿو پر تنهن هوندي به وهڻ مسڪين لاءِ مهڻو، اهائي هل هلان، اهائي انڌي ۽ جنڊ، واري ۽ پنڌ! ٿرپارڪر ۾ ڪولهي مسڪين جو وهڻ وِهه ڪريو ڇڏين. ڪونه ڪو ڪولهي ڪيس ڪيڏانهن نه ڪيڏانهن گهليو پيو ويندو. مسڪين ويچارو به جٽي چنڊي ڪندو هٽ ۾ ۽ ڪولهين سان گڏ ويهه ويهه ٽيهه ٽيهه ميل پيادو پنڌ ڪري وڃي ڪولهين جا فيصلا ڪندو. ڪي ڳوٺ پاڻ ۾ وڙهيل هوندا ته انهن کي وڃي راڄ ڪندو. ڪي گهر پاڻ ۾ ٺهيل نه هوندا ته انهن کي وڃي پرچائيندو. ڪنهن غريب سان ڪٿي زيادتي ٿي ته مسڪين نڪ اتي. يا ڪنهن ظلمي زميندار ڪنهن اڇوت جي ڳنڍيءَ ۾ به چار مڻ اَن جا ڏسي پوليس يا ايڪسائيز واري جو ڏڪو آٽي سندس لوڙهي تي هٽڪايو، ته مسڪين اک ڇنڀ ۾ اتي. ڪو غريب ڪنهن ڪوڙي ڦڏيءَ ۾ ڦاسي پيو ته مسڪين ان جي ڇڙواڇڙ ڪان اڳ ۾ ئي ٿاڻي يا ڪورٽ ۾. انصاف گهرندو التجا نه ڪندو. رشوت وٺي ڏيڻ واري ته مسڪين واٽ ئي ڪونه سڃاڻي جيئن ڪي ڇڱا مڙس ڪندا آهن ته ڪجهه ڪاموري کي، ڪجهه پنهنجي کيسي ۾. مسڪين نڪو پاڻ وٺي نڪو ٻين کي سهي. سچي جو يار غار ۽ ان لاءِ سر ڏيڻ لاءِ به تيار. ڪوڙي لاءِ قدم به اڳتي نه کڻي. ڏوهاري کي ڇڏائڻ سندس اڳيان ڏوهه، باقي سچي سان سختي سهي ڪونه سگهندو ۽ ان جي آزادي لاءِ ڏينهن رات هڪ ڪري ڇڏيندو. غريبن جي مقابلي ۾ جيڪو پنهنجي پاءُ کي به نه بخشي سو ڪٿي ٿو ٻين ماڻهن کي معاف ڪري!؟

مسڪين جي محبوب قوم ”ڪولهي“ جي قسمت ۾ هميشه شايد هارپ ئي لکيل آهي. پارڪر جي پنجن سون ڇورس

ميلن ۾ اڪثر ڪري اهائي قوم چانبل آهي. مسلمان نه آگرين تي ڳڻڻ جيترا ۽ ڪين زمينون نه بلڪل نالي ماتر آهن. ڪجهه عرصو ٿيندو نه مون ننگرپارڪر جي نزديڪ چار پنج سو ايڪڙ زمين ورتي نه مسلمانن ۾ آءُ "جت وڻ ناهي اتي ڪانڊيرو به درخت" جي مصداق بنهه وڏو زميندار ليکجڻ لڳس. زمينداريون اتي گهڻو ڪري "ٺَڪرن" جون آهن ۽ "اڇوت" (جن ۾ ڪولهي، ڀيل، ۽ مينگهواڙ اچي وڃن ٿا) انهن جا هاري آهن.

زميندارن جا هارين تي ظلم ڪا نئين شئي نه آهي. اڳي پارڪر ۾ اڇوتن تي ٿيندڙ ظلمن کي ڪانگريسي ڪلهو ڏيو ويٺا هوندا هئا، مگر انهن جي لڏي وڃڻ ڪان پوء، بقول ڪنهن جي "سارے جهان کا درد همارے جگر ميں هے"، اهو سڄو بار هاڻي اُتلي اڪيلي مسڪين جي ئي ڪمزور ڪلهن تي اچي ڪڙڪيو آهي، جنهن مان مسڪين کي مرڻ جي به مهلت ڪانه ٿي ملي. مسڪين کي مون، منهنجي مٿي ذڪر ڪيل زمين تي عام مختيار ڪري رکيو، مگر مسڪين جي مصروفيت ڪيس سڄي سال ۾ هڪ دفعي کان وڌيڪ زمين تي وڃڻ جي اجازت ڪانه ڏني، جيتوڻيڪ هئي به صرف پنج ميل پري. آءُ به اهو چئي ماٺ ڪري ويهي رهيس نه "مسڪين تي ڪهڙي ميار؟ جنهن خدمت خلق جي عشق ۾ پنهنجي نهبل ڦٽائي، سو مون کي وري ڪهڙا ٿو ڪَٽيا ڪارائي!"

مسڪين جو چوڻ آهي نه ڪولهي هڪ وڏي محنتي ۽ جفاڪش قوم آهي. آباديءَ لاء نه ڪولهي زمين جو ڪيڙو آهي. سنڌ ۾ هاري ڪولهي هجي نه پيو ڇا کپي؟ خود سنڌ جا پنجابي زميندار پڻ پنجابي هارين تي ڪولهين کي ترجيح ڏيندا آهن. مگر مسڪين کي هميشه اها شڪايت رهي آهي نه اها قوم جيڪا پنهن جي مقابلي ۾ ملڪ لاء پيٽو سون چاندي پيدا ڪري ٿي، تنهن جو ڪوبه خاطر خواه قانوني يا سماجي تحفظ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪونهي. پارڪر ۾ ته ويچارا ٻَجِـنسي پيڙجي رهيا آهن ۽ انهيءَ ڪري عيسائي ۽ قادياني مشنري جو آسان شڪار ٿي رهيا آهن. وڏن وڏن ٽوپلن ۽ ڪَـڪين ڏاڙهين وارا پادري جڏهين ڪولهين سان گڏجي ڪنهن ڪاموري وٽ وڃن ٿا ته ڪامورو به انهن کان هيسجي ڪولهين جا ڪم ڪريو ڏئي. مثل مشهور آهي ته ”سيري جو سالو سڏائڻ لاءِ به تيار، ٻڪيي جو ڪو پيٽيو به ڪونه ٿئي“ سو ڪولهي به جڏهين انهن ”پادرن“ کي (ڪولهي ”فادر“ جو اُچار ”پادر“ ڪري ڪين ٿا) ايڏو هلندي وارو ڏسن ٿا تڏهين صرف ساڃي هٿ سان پنهنجي ٻنهي ٻُڃَن ۽ نراڙ کي ڇُهي ”روڙي“ مان ”رابرڪس“ ۽ ”واليڊي“ مان ”واسن“ ٻجو پون. مسڪين جو چوڻ آهي ته پيو ڪو ڪولهين جو تحفظ ڪري يا نه ڪري، مگر پاڻ هميشه سندن مدد هر ظلم جي خلاف ڪندو رهندو چاهي ان لاءِ ڪيس ڪيڏي به قرباني چونه ڪرڻي پوي.

عيسائي مشن جي ڳالهه نڪتي ته مون مسڪين کان پڇيو ته جڏهين اڇوتن جو ايڏو اعتقاد منجهس آهي ته پوءِ پاڻ ڇو نٿو انهن کي اسلام ۾ اچڻ جي دعوت ڏئي. مسڪين جي مختصر جواب لاريب انسانيت جي اعليٰ قدرن (High values of humanity) جو انڪشاف ڪيو. چيائين ته ”اڇوتن جي خدمت مسڪين انسانيت جي اعليٰ جذبي ۽ اصول تحت ڪري ٿو جنهن ۾ ڪنهن به غرض يا مطلب جو دخل ڪونهي. مسڪين اسلام ۾ اچڻ لاءِ انهن کي چوي ته پوءِ اها بي لوث خدمت ته نه ٿي.“ واضح رهي ته مسڪين ڪمال اِنڪساري وچان هميشه پنهنجي لاءِ ضمير واحد غائب (Third person singular) ۾ ڳالهائيندو آهي مثلاً چوڻو هوندس ته ”آءٌ هاڻي اٿان ٿو“ چوندو، ”مسڪين هاڻي اٿي ٿو.“ يا ”فلاڻي ماڻهو سان مليس“ چوندو، ”فلاڻي ماڻهو سان مسڪين مليو.“ ”آنانيت“

soorhisindhiadab
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

(Egoism) جو جذبو تہ هر انسان ۾ قدرتاً هوندو آهي پر مسڪين پنهنجي "انانيت" کي تہ ڪنهن اونهي کوهہ ۾ اڇلائي ان ڪان پاڻ کي هميشه هميشه لاءِ آزاد ڪري ڇڏيو آهي تنهنڪري "آءٌ" يا "مان" جا الفاظ مسڪين جي واتان ورلي ڪي ٻڌبا آهن.

سو عرض ٿي ڪيم تہ مسڪين لاءِ اهو مشڪل آهي تہ هو پنهنجي خدمتن جي صلي ۾ اڇوتن کي اسلام ۾ اچڻ جي آڇ ڪري. انهيءَ مان اهو سمجهڻ نہ گهرجي تہ مسڪين کو مذهب کان بيگانو آهي يا سندس دل ۾ اسلام لاءِ ڪو اُنس ڪونہ آهي. بلڪل برعڪس ان جي مسڪين هڪ پورو ۽ پڪو ديندار مسلمان آهي ۽ سندس دل ۾ اسلام جي محبت هميشه موجزن رهي آهي. اها اسلام جي ئي محبت آهي جنهن کيس هميشه لا ديني سياسي جماعتن جي هزار ڪوششن ۽ لالچن جي باوجود بہ انهن ۾ شرڪت کان باز رکيو آهي. مسڪين سان بہ ڪتاب تہ هميشه گڏ هوندا آهن. هڪ قرآن شريف ۽ ٻيو شاهہ رحہ جو رسالو، جن جو روزانو دؤر مسڪين بلاناغہ ڪندو رهندو آهي. اڇوتن جي گوٺن ۾ بہ قيام دوران انهن کي قرآن شريف جو تفسير ۽ شاهہ رحہ جي بيتن جون معرفتي معنائون ٻڌائيندو رهندو آهي.

سنہ ١٩٤٧ع ۾ ڪن شرارتي هندو ڇوڪرن چاچري جي جامع مسجد کي پٿر هٽي ان جون نيلون شهيد ڪري وڌيون. چاچري شهر ۾ هندن جو وڏو زور هو ۽ اتي جيڪي قليل تعداد ۾ مسلمان هئا سي بہ بلڪل ڪمزور ۽ هندن جا ٻري طرح هيسايل هئا. مگر مسڪين ڪٿي ٿو مسجد جي بي حرمتي برداشت ڪري؟ تن ڏينهن ۾ ٽر ۾ "لاريون" ڪونہ هيون. پيرين پيادو سوين ميل سفر ڪري ڪليڪٽر وٽ وڃي فرياد چاڙهيائين. ڪيس ڊپٽي ڪليڪٽر ٽر واري وٽ سڄا سارا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ٿي سال هليو. آخر عالمن جي رضامندي سان ڏوهارين کان جڏهين مناسب معاوضه پرايو ويو، تڏهين وڃي مسڪين انهن جي پچر ڇڏي.

مسڪين جهڙا نماز روزي جا پابند ڪي ٿورا مسلمان هوندا. منهنجي گهر جيڪڏهين نماز مون کان اڳ پڙهندو ته پوءِ مون وارو مُصلو قابو! آءٌ پل پيو ڪو ڪپڙو هٿ ڪري نماز پڙهان يا پڇي وڃي ڪنهن پر واري مسجد پيڙو ٿيان. باقي مسڪين واري مُصلي جي اڌ ڪلاڪ کان اڳ ۾ واندي ٿيڻ جي اميد فضول. سجدن ۽ دعائن ۾ وڏي ديگهه ڪندو. ايڏيون ڊگهيون دعائون ڪهڙيون ٿو گهري ان جي خبر هڪ ڪيس ۽ ٻي الله کي.

روزن جي مسڪين سان ڪا خاص محبت آهي. چوڻ گهرجي ها ته مسڪين جي روزن سان خاص محبت آهي پر ڳالهيون ٻئي سچيون آهن. مسڪين جي روزن سان ته واقعي گهڻي محبت آهي، پر روزا پلارا رمضان کان پوءِ به مسڪين جو پيڇو ڪونه ڇڏين. ڪيئي اهڙا روزا ته مسڪين کي مجبوراً رکڻا پون ٿا جڏهين ڪيس ڏينهن جو ڪجهه به نصيب ڪونه ٿو ٿئي. سڄو ڏينهن بس هل هلان ۾. ماني وڃي ڪٿي رات جو ملي ته ملي نه ته پيو ٿيو خير. رڳو نيت ڪيل هجيس ته ڪم از ڪم نفلي روزي جو ته ثواب ملي وڃيس. گذريل رمضان شريف ۾ واه جو مقابلو مسڪين بيماري جي پاري سان ڪيو. بيماري به وڏي شدت وچان ڏاڍا ڪي پنهنجا ڏند مسڪين مٿان ڪڙڪايا، پر مسڪين چيس ته آءٌ به پنهنجي ناليءَ سان آهيان! ڪوٽ مسڪين ڪڏهين ڪونه پائي، نڪا ڪا چادر ڪٿي ديکي، چاهي ڪهڙا به سيءُ ڇونه ڪٿي پون. ڪير ايڏا بار بوجا ڍوئيندو وتي؟! اڳ ۾ ئي اخبارن جا انبار ڪي گهٽ وزني آهن جو اجا ڪوٽن جي به ڪسر ڪٿي پوري ڪري؟! سو سائين، شابس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

آهي هن شخص جي ايمان ۽ آئل ارادي ڪي. سچو رمضان شريف جو مهنو اهڙي سيءَ ۾ وڏي آسُر جو صرف هڪ قميص ۾ ٻه اڍائي فرلانگ پنڌ ڪري اسان جي گهر سحري کائڻ اوڏي مهل ايندو هو جڏهين گهر جا ڀيا ڀاتي بند ڪمرن ۾ سوڙن ۾ ويڙهجي بسترن تي ئي ماني پيا کائيندا هئا ۽ ڪمري مان ٻاهر نڪرڻ سان ڇاڙي ڇاڙي سان نہ لڳندي هئي. مسڪين ماني کائي وري بہ ساڳئي پيرين انهيءَ ڀاري ۾ واپس ويندو هو. سمهندو عثمانيہ هوٽل ۾ آهي مگر ماني اسان جي گهر کائيندو آهي. منهنجي وڏي ڀاءُ حسين بخش خان مسڪين جي اها ”حالت جري“ ڏسي ڪيس هڪ گرم ڪوٽ انهن ڏينهن ۾ ڏنو. ٻئي ڏينهن اهو ڪوٽ مسڪين ڪنهن وڌيڪ مستحق ڪولهي کي ڏيئي ڇڏيو ۽ پاڻ وري بہ اهي ئي لاٽون، اهي ئي چُگهہ.

مسڪين وڏي اخلاق جو صاحب آهي. نہ ڪنهن جي عيب جوئي جي عادت اٿس ۽ نہ ڪڏهين ڪنهن جي گلا غيبت ڪئي اٿس. ڪڏهين بہ سندس واتان ڪنهن جي لاءِ بہ ڪو بدلفظ يا معمولي ۾ معمولي گار بہ نہ نڪتي آهي. نہ گهٽي ڇاڙي هٽي نہ جهڳي، هميشه ڪَم گو بلڪ گُومگُو. بلڪل ڌيمي آواز ۾ ايترو تہ آهستي ڳالهائيندو جو ٻڌندڙ کي لاچار ٽي ڪن لڳائي ٻڌڻو پوندو. ڪڏهين بہ ٺهڪ ڏيئي ڪونہ کلي. ڳالهہ جيڪا ڪري سا تفصيل سان مگر توري ۽ تَڪي سندس هر لفظ منڊي تي ٺيڪ. حليم وري ايڏو جو هر ڪنهن کي ”سائين“ جي سباجهڙي لفظ سان سڏيندو. نہ ڪڏهين سياست تي تبصرو ڪندو ۽ نہ وري ڪڏهين مذهبي مباحثہ ۾ حصو وٺندو؛ نہ ڪنهن جي شڪايت ڪندو ۽ نہ ڪنهن جي خوشامد. عالمن ۽ اديبن جي وڏي عزت ڪندو. هرڪنهن سان خُلق ۽ خنده پيشاني سان پيش ايندو. چوندا آهن تہ ”ٻُڪ ٻڇڙو تول، داناءُ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ديوانا ڪري.“ پر مسڪين کي سنڌس انهيءَ مسڪيني حالت ۾ بہ مون ڪڏهين منهن گهنجيل ڪونہ ڏٺو. مسڪين جي مروت ۽ مساوات جو هڪ مثال ياد آيو اٿم:

ڪجھ سال ٿيا تہ ننگرپارڪر ۾ مون زمين جو ٽڪرو ورتو. وٺي تہ ويٺس، پر ان لاءِ هاري هڪڙو بہ نہ مليو. مقامي هريجن هاري سڀ ٺڪرن جا هيسايل سي پير ئي نہ کوڙين. تنهن ڪري ويهين رپين مسڪين کي اُٺ ڀاڙي ڪري ڏنم تہ راتو واھ پنهنجي اثر وارن ڪولهي هارين جي چيڙ ١٠-١٥ ميلن تان وٺي صبح جو پني تي پهچي تہ ڪم جي تہ بسم الله ڪريون. ٻئي ڏينهن پنيءَ تي پيٺو هجان تہ ڏسان تہ مسڪين هڪ وڏي ڪولهين جي ڪٽڪ سان پيادو جُتي هٿ ۾ ڪيو واچوڙو ٿيندو پيو اچي ۽ اُٺ تي وري جَٽ ۽ هڪ ڪولهي چڙهيل هجن! جڏهين جملي جماعت سان پنيءَ تي اچي پهتو، تڏهين پڇيومانس تہ ”مسڪين اُٺ تہ مون اوهان جي چڙهڻ لاءِ ڀاڙي ڪري ڏنو هو، هي وري ڪنهن کي چاڙهي آيا آهيو؟“ پاڻ ٿورو پشيمان ٿي چيائين تہ ”سائين هي سڏو ڀڳت پيرمرد هو تنهن ڪري سواري جو مسڪين کان وڌيڪ مستحق هو.“ مسڪين جو اهو جواب ٻڌي مون کٽي ماٺ ڪئي. ”سڏو ڀڳت“ بہ اهو شخص آهي جنهن مسڪين سان توڙون نڀايون ۽ جيستائين مسڪين جيل مان ٻاهر نہ نڪتو، تيستائين هُن پنهنجي گهر جو در بہ نہ ڏٺو. سڄو سال سنڌ ۾ سياسي ماڻهن سان گڏ مسڪين جي آزاديءَ لاءِ ڊُڪ ڊوڙ ڪندو وتيو.

ڳالهہ ڪندا آهن تہ ڪنهن شخص ٻئي کان پڇيو تہ ”تو وٽ ملڪيت ڪهڙي؟“ جواب مليس ”بہ ٻڪريون“. ان ٻن ٻڪرين واري سوال پڇندڙ کان پڇيو تہ تو وٽ...؟ ان چيس تہ ”مون وٽ الله جو نالو.“ ٻڪرين واري چيس تہ ”تون کو ٻنهي کٽل آهين!“ اڳلي ورائي چيس تہ ”الله جو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

نالو ٻڌ ٻڪرين جي ڀچن ڪان به ويو ڇا؟!“ سو مون به ڀُريائين سمجهيو ٿي ته مسڪين وٽ به رڳو ”الله جو نالو“ ئي هوندو پر ڪائونس ۾ پڇڻ تي معلوم ٿيو ته ٻن ٻڪرين جا ڪن ڦرن سميت اڃا به وٽس آهن. اها ڪل آهي پونجي جا مسڪين ماڻهنائي ملڪيت مان خدمت خلق ڪندي ڪندي باقي وڃي بچائي آهي! ٻيو الله الله خير صلاح.

ننگرپارڪر شهر ۾ مسڪين ٻارين ٻچين هڪ لڏي ويل هندو جي جڳهه ۾ رهندو هو. اها سيٽلمينٽ کاتي جڏهين نيڪال ڪئي ته مسڪين ڪٺي ورتي. هڪ سؤ روپيه ننگرپارڪر جي پبلڪ ڪنا ڪيا باقي ٽن سون روپين جا ڪليم ميرپورخاص ۾ وينٺل ننگرپارڪر جي ميمڻ ڏنا. مڙيئي مسڪين کي وري هڪ دفعو صاحب جائداد بنائي ڇڏيائون. پر مسڪين وٽ ملڪيت ٽڪي ته پوءِ ”مسڪين“ ڇو سڏائي!؟ ملڪيت واري ته مسڪين جي هٿ تان ليڪ ئي ميسارجي ويل آهي. زناني اسڪول لاءِ جڳهه جي ضرورت هئي. مسڪين هڪدم ٻارن کي ڳوٺ موڪلي، جڳهه بنا ڪنهن مسواڙ يا معاوضي جي ڪٽي اختياري وارن کي اسڪول لاءِ ڏني. سندس ٽانڪ هميشه هوندي آهي ”نمن جون چائين ۽ سيدن جون دعائون.“ انهيءَ جڳهه ۾ ٻه سال کن اسڪول هليو ۽ وري جڏهين سرڪاري جڳهه نهي تڏهين مسڪين واري جڳهه واندي ٿي جنهن کي نيڪال ڪري مسڪين پنهنجون ٻه نياٽيون اُتاريون.

چون ٿا آڳئين زماني ۾ الله جا اهڙا به نيڪ بندا هئا جي الله تي توڪل رکي رات جو دلن جو پاڻي به هاري ڇڏيندا هئا. مگر مسڪين وٽ نڪو دلو نڪا دڪي. پڇي، ته پڇي ڇا؟! مسڪين جي زندگي جو سفر هميشه بنا ثمر جيئي گذريو. سدائين مڙس الله جي آسري تي هلندو وتي. جتي پيٽي آئي وهاٽي. جيڪا ملي سا کاڌي. جي نه ملي ته به نماز پڙهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

منهن ويڙهي سمهي رهڻو، صبح جا پاڳ صبح سان. مسڪين جون گهرجون انهيءَ ڪري بلڪل محدود بلڪ ”نہ“ جي برابر آهن جن لاءِ ڪيس پئسي پنجڙ جي ڪا خاص ضرورت ڪانہ ٿي پوي. نہ چرخ ڪُهن جي شڪايت، نہ عوام جي ناقدري جي گلا ۽ نہ وري ڪڏهين دست سوال ڪنهن اڳيان ڊگهيرڻو. هميشه پنهنجي خلق خدمت جو ڪم خاموشي ۽ صبر سان ڪندو رهندو بلڪ الله تعاليٰ جا لک ٿورا مڃيندو تہ کيس ڪم ڪرڻ لاءِ اهڙو صحتمند جسم عطا ٿيل آهي جو ڪن ڏينهن جي بک اُڃ جي باوجود بہ ڪا ڪمزوري محسوس نٿو ڪري.

مسڪين جي اها عادت ٿي ويئي آهي تہ نہ هو کٽ تي سمهي سگهندو ۽ نہ ميز ڪرسيءَ تي لکي سگهندو. هڪ رات حيدرآباد ۾ ”عبرت“ اخبار جي آفيس ۾ محترم شيخ علي محمد ايڊيٽر کي ڪو اخبار لاءِ ليک لکي ڏيڻو هوس. شيخ صاحب کان پنو مس قلم گهريائين، جي شيخ صاحب کيس ڏيئي ٻن منٽن لاءِ ڪنهن ڪم سان ٻاهر نڪري ويو. وري اچي ڏسي تہ مسڪين غائب! تعجب ٿيس تہ اچا هيئنر کيس ڇڏي ويو آهيان، نہ ميز جي پرسان آهي نہ ڪوچن ڪرسين تي. ڀلا ويو تہ ويو ڪيڏانهن؟! ڪٿي درويشي ڪرشما تہ ڪونہ ٿو ڏيکاري؟! اچا انهن ئي ويچارن ۾ هو تہ سندس نظر آفيس جي هڪ ڪنڊ تي وڃي پيئي جتي مسڪين فرش تي ويهي گوڏن تي ڪاغذ رکي قلم هلائي رهيو هو.شيخ صاحب ٽهڪ ڏيندي پڇيو تہ ”مسڪين هيترين ميزن ڪرسين هوندي بہ تون پٽ تي ويهي پيو لکين؟“ جواب ڏنائين تہ ”گوڏن تي ڪاغذ رکي لکڻ جي عادت پئجي ويئي اٿم، ميز ڪرسي تي ويهي لکي ڪونہ سگهندس.“ ساڳي حالت مسڪين جي سمهڻ جي معاملي سان پڻ آهي. لاچار جي ڳالهہ ٻي آهي، پر

وَس پڄندي مسڪين ڪٽ تي اصل ڪونہ سمهي. انوڻي پهر
الله جا غريبن جي ڪمن سان پيرين پيادو انهن جي ڳوٺن ۾
هلندو وتندو. جتي ڳهيرٽ آيس، اهائي سندس پاٿاري! ڪولهي
غريبن جي ”واندين“ (واهڻن) ۾ مسڪين لاءِ ڪٿون ڪتان
اچن؟ تنهن ڪري سدائين پٽ تي سمهي سمهي مسڪين کي
اهڙي عادت پئجي ويئي آهي جو کٽولي تي آرام ئي ڪونہ
اچيس. مسڪين سان ”مهمانان مار“ ڪرٽي هجي تہ سمهڻ لاءِ
کيس هنڌ کٽولو ڏيو. سڄي رات انشاءالله تارا ڳڻيندي ۽
پاسا ورائيندي گذرندس! اڳ ۾ ئي عرض ڪيل آهي تہ
مسڪين جڏهين ميرپورخاص ۾ هوندو آهي تڏهين مانئي اسان
وٽ کائيندو آهي پر سمهندو وڃي آهي عثمانيہ هوٽل ۾. اِهو
انهيءَ ڪري جو مسڪين کٽ بستري تي سمهڻ جي ڪانہ
ڪري ۽ پَٽ تي اسين بہ کيس سمهڻ ڪونہ ڏيون. ٻي بہ
هڪ ڳالهہ آهي تہ مسڪين سان ماڻهن جا هميشه هشام هوندا
آهن جن لاءِ اسان واري ننڍڙي اوطاق پوري ڪانہ پوي. الله
جنت نصيب ڪري مرحوم محمد عثمان مالڪ عثمانيہ هوٽل
کي جنهن هميشه مسڪين جا پنهنجي هوٽل ۾ ”حق واسطا
قائم“ ڪري ڇڏيا آهن. مسڪين کي هوٽل ۾ ڪمرو ۽ پيا
ٽيڙ مفت هوندا آهن. ان ڪمري ۾ مسڪين پنهنجي مسڪين
مارو ٽڙن سان ويهي ڏاڍا ڏک سور ونڊي رات جو ڏکهي تائين
سمهي رهندو آهي ۽ صبح جو وري انهن جي ڪمن سان پروگرام
موجب پهريو پوي شهر ۾ آفيسن ۾. مرحوم محمد عثمان
کان پوءِ بہ سندس فرزند مسٽر محمد صالح مسڪين سان ساڳي
رعايت روا رکيو اچي ۽ سندس منشي ۽ ڪارندا پڻ مسڪين
جون گهٽيون ئي مرضيون رکندا آهن.

مون کي ائين اوچتو خيال پيو تہ مسڪين جو جڏهن
تہ اڪثر وقت ڪولهين جي ڳوٺن ۾ گذري ٿو سو متان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪاڏو به ڪولهين جي هٿن جو ڪاتيندو هجي. پر ڪاڏونس پڇا مان معلوم ٿيو ته ڪولهين جي ڳوٺن ۾ مسلمانن لاءِ ٿانو جدا رکيل هوندا آهن، جن ۾ ماني مسڪين پاڻ پچائي، کير، انهن جي ٻڪري ڍڳي جو ڏُهي ان سان ماني کائيندو آهي. ڏينهن جو کير نه ملي ته رُڪي به پاڻي سان ريڙهي مڙيئي پليت پيٽ جي جهنم جي پورائي ڪندو آهي. مسلمانن جي ڳوٺن ۾ پڻ مسڪين لاءِ ڪي چاشنيون پلاءَ ڪونه چڙهندا آهن، جيڪا سندن ٻچن سئين سا آٿي پيش ڪندا آهن ۽ ڪن ڪن غريبن جي گهرن ۾ ته سندس ضيافت ”رٻ پٿاري“ سان پڻ ٿيندي آهي.

”رٻ“ جو انهن ماڻهن سان ڪو واسطو ڪونه پيو هوندو، جن کي به وقتي ماني ملي ويندي هوندي پر تر ۾ جن گهرن ۾ هڪ ويلي جا به داڻا نه هجن اهي پيٽ جي ڪيئن پورائي ڪن؟ ڪوبه ٻچڙيوال اهو ته ڪڏهين به ڏسڻ ڪونه چاهيندو ته سندس ٻچا بکئي پيٽ سُڏڪا پريندا پريندا سمهي رهن. تنهن ڪري ويچارا غريب ٿري انهيءَ ”رٻ“ جي برڪتن سان هڪ ويلي جي داڻن سان چار پنج ڏينهن ڏڪي ڪڍيو وڃن. ڪندا چا آهن، جو، ٻاجهري جا لپ جيترا ڏريل داڻا پاڻي جي پريل ڪُني ۾ اُباري پَٽڙي ”پيچي“ ناهيندا آهن. ”پيچي“ چانورن جي ٿيندي آهي، پر ”ٻاجهري جي پيچي“ جو پيو نالو ”رٻ“ آهي ۽ ان کي به الله تعاليٰ جي طرفان وڏي نعمت سمجهي ”رٻ پٿاري“ جي مقدس نالي سان سڏيندا آهن. پوءِ اُها ”رٻ پٿاري“ گهر جا ننڍا وڏا پاڻي سُرڪي رات جو انهيءَ اطمينان سان سمهي رهندا آهن ته سندن پيٽ ۾ ڪجهه نه ڪجهه ڪاڏو پيو آهي، جيتوڻيڪ ”رٻ پٿاري“ کي نه ته ڪاڏو چئي سگهجي ٿو ۽ نه پاڻي“!

”رٻ“ جو هڪ پيو ترقي يافته قسم ”گِس“ آهي جا ذرا زياده معيار زندگي (Higher standard of life) رکندڙ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ماڻهن ڪي نصيب ٿيندي آهي. چاڪاڻ جو انهن ڪي ڏٿيءَ ۽ پاڪ جي طرفان ڪجهه ”ڏيٿو“ عطا ٿيل هوندو آهي. ”ڏيٿو“ ڪير ۽ ڪبر مان نهيل شين ڪي ڪوٺبو آهي. آهي اها به ”رب“ جي ”رب“، پر ٿورو فرق ضرور آهي. ”رب پٿاري“ ڪي ”ڳيس پٿاري“ جي صورت ۾ آڻڻ لاءِ ڪي خاص اهتمام ڪونه ڪبا آهن: رڳو ”رب پٿاري“ جي ٿهڪندڙ ڪُنيءَ ۾ وتو پري ”جهڻ“ (لسي) جو وجهٺو آهي ۽ ٿورو جوش ڏيڻ سان ”ڳس پٿاري“ تيار! اها ”ڳس پٿاري“ ذرا ذائقه ۾ ”رب پٿاريءَ“ کان وڌيڪ لذيذ ٿيندي آهي ۽ آهي به ان کان وڌيڪ ڳهاتي، تنهن ڪري ان کي بخوبي ”ڪاڏو“ چئي سگهجي ٿو. مينگهواڙ وري خاص مهمانن جي ضيافت، ”ڳيس“ ۾ ڳيه وجهي به ڪندا آهن، جيڪا سندن خيال موجب قابل رشڪ ”ڊِش“ (Dish) تيار ٿيو پوي ۽ انهيءَ لاءِ مڙسن هي شعر ضرب المثل طور ڳاهيو آهي ته:

”ڏنڊ ڏيدان را پِرامٺا، تي ڳيش ۾ ناکيو ڳهي“
”آمان شامهان شُبُڙ ڪا ماري، مُشلا جاٿي اي تماشو ڪي“

يعني مينگهواڙن وٽ مينگهواڙ مهمان ٿيا، تنهن ڪري ”ڳيس“ ۾ وڌائون ڳيهه ۽ آمهون سامهون ويهي، جڏهين شُبُڙ ڪا پري ڪاڏائون ته مسلمانن تعجب مان چيو ته هي وري ڪهڙو تماشو؟!

ڏڪارن ۽ ٿر پاڻ ۾ اصل کان ڪونه ورهايو! ڏڪار، ٿر ۾ هرويرو ڳهٽو ويچو ڪونه وجهن. بس، ٻئي ٽئي سالان تڪ سلامالبڪم. ماڻهن جو گذران مال ۽ ٻني تي، ڏڪار اچيو سندن مال ماريو وجي ۽ ڪيتيون سڪايو وجي. ٿري ويچارا حيران و پريشان! پوءِ مُنيون پيڙي ڪندا منهن سنڌ ڏانهن، جتي پورهيو ڏنڊو لائي لابارو ڪري، پيا پنهنجو پيٽ پاليندا. ٿورو سمگلنگ جي زماني ۾ ڪن وجي ساه پٽيو هو، پر مٿان پيو جو مارشل لا،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ته هاڻي اُهي به اُهڙي جا اُهڙا. جيڪي غيبي مدد سان، مارشل لا جي اشڪنجي مان بچي ويا، سي اڄ به سڪيا ستايا آهن: باقي پيا گهٽو ڪري "آٽيون ۽ چاڙهيون ڏڏت ڏهاڙي سومرا" واري حالت ۾ هوندا آهن. چون ٿا ته ڪوه مري جي پهاڙين جا باشندا پڻ ڏاڍا غريب آهن ۽ ڪڪڙيون بيدا وڪڻي پنهنجو پيٽ پاليندا آهن. پر ٿر ۾ نڪي ڪڪڙيون ٿين نڪي ڪُميون، جن جا آنا ٿري کڻي وڪڻن. ڪڪڙ ته ٿر لاءِ هڪ عجوبو آهي!

سنڌ جا ماڻهو سمجهندا هوندا ته ٿر ۾ ڪڪڙ ڪونه ٿين، ته پوءِ شايد مهمان مهي لاءِ ڪي چيلا ڪسندا هوندا! ائين بلڪل ڪونهي. ٿري ويچارا عام طور تي گهر ۾ ٻاجهري جي ماني لسي سان کائيندا آهن ۽ ڏڪار ۾ مڙيئي "رب گس" ڪري پيا پورائي ڪندا آهن. پر مهمان جيڪڏهين اچي وڃي ته "ٻوڙ ياڇي" ضرور تيار ڪرائيندا آهن. چيلا ته ڪنهن گهڻ ٻڌل پير امير يا ڪرڙي ڪاموري لاءِ ڪٺي ڪُهن، باقي عام مهمان لاءِ "ٻوڙ ياڇي" ۾ "سنگرين جو ڪاٽيو يا راٻڙو" يا "چيڙن جي ڪچڙين يا ڪوڪلن جي ڪڙهي" تيار ٿيندي آهي، جنهن تي لوڻ مرچ جي خرچ کان سواءِ پيو ڪو خاص خرچ ڪونه ٿيندو آهي. لسي ۽ گيه گهر جا هوندا آهن، سنگريون (ڪنڊي جي وڻ جون ڦريون) جهنگ مان آڻي ۽ چيڙ ٻنين مان چوندي ڳتڙا ڪري، اهڙن موقعن لاءِ اڳيئي پاڻ وٽ سڪائي رکندا آهن، دير رڳو داغ ڏيڻ جي هوندي آهي: مهمان لاءِ ماني تيار، ڪريو بسم الله!

سنڌ ۾ آڻ سڃاڻو مهمان ڪي ته اوطاق ۾ ئي گهڙڻ ڪونه ڏين، ته متان اڪ جهلي ڪو ٽپڙ نه ٽيڳائي وڃي ۽ صبح جو وري ميزبان جا ٻئي هٿ مٿي تي! پل وينو ڪوندين ڪارن سان پيرا ڏيکائيندو وتي: پر آڻ سهائيندڙ سڃاڻو مهمان کي به ڏسندي "جل تو جلال تو، آئي بلا ٽال تو" وارو وظيفو بار بار

soorhsindhiadab
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڏيکاريندا. شهرن وارن تي ته هوٽلن جي وڏي مهرباني آهي جو آڻ ڏيوتيل مهمان هرو ڀرو هوٽل ڇڏي، مانيءَ لاءِ ڪنهن سڄاڻو جي سر تي ڪونه وڃي ڪڙڪندو. پر ٿر جي ڳوٺن ۾ نڪا هوٽل نڪا سراءِ. اتي ڪو ماڻهو اوچتو وڃي نڪري ته ڇا ڪري ۽ ڪيڏانهن وڃي؟ ٿرين کي انهيءَ مشڪلات جو اڳ ۾ ئي احساس آهي، تنهن ڪري مهمان چاهي سڄاڻو هجي يا آڻ سڄاڻو، امير هجي يا غريب، وڏي ڪشاده دليءَ سان کيس ماني کارائيندا ۽ جيڪڏهن رات رهڻ چاهيندو، ته هنڌ بسترو ۽ وهٽ لاءِ گاهه چارو پڻ جام ڏيندا.

ٿر پاڪستان جو هڪ عجيب و غريب خطو آهي. جيڪڏهن ماڻهو وڏا وڏا سفر ڪري ڪَهي، نٿيا گلي، گهوڙا گلي ڇانگلا گلي يا خيرا گلي وغيره ڏسڻ وڃن ٿا، ته هن پاسي ٿر به هڪ ڏسڻ جهڙو علائقو آهي. ائين برابر آهي ته اِهي ”گليون“ پاڪستان جون بهترين ”هل سٽيشنون“ (Hill stations) آهن، پر ٿر ۾ هيل (جبل) صرف هڪ (ڪارونجهر ڏڪر) آهي، باقي اسٽيشنون به الله ڏيندو، جڏهين اُتان ڪا ريل نڪتي! البت چڱين موچارين ٽڪرين جيڏيون ڀٽون ضرور آهن، جن جو نظارو ايڏو جاذب نظر نه آهي، جيڏو ڏيکاريندڙ. پر هڪ پاڪستاني کي ڪم از ڪم، پنهنجي ملڪ جا سڀ عجوبه ڏسڻ گهرجن. ٿرپارڪر وارو ٿر، کپري واري ”آڇڙي ٿر“ يا بهاولپور واري ”چولستان“ وانگر ”سَنن کوهن ۾ سڃ“ وارو ٿر ڪونهي. هن ٿر ۾ بلند ڀٽون ته بيشمار آهن، مگر ساڳئي وقت وسيهن بلڪل ويجهي ويجهي آهي. اڄ ڪلهه ٿر جي مسافري به ايڏي ڪا ڪٺن ڪانهي. ماڻهو ته ڏيڳن (يڪا) تي چڙهي ”هنزا“ به گهميو اچن. ٿر ۾ شڪر آهي جو وري به لاريون ته آهن، جن جو سفر تڪليف ده ۽ ٿڪائيندڙ ڪٿي آهي، پر ”هنزا“ جي جابلو سفر جهڙو ڳاٽي ڀڳو ڪونهي. مناسب سمجهان ٿو ته

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

دلچسپي رکندڙ دوستن کي، ننگرپارڪر جي رستي جو ڏس ڏيئي ڇڏيان، متان ڪين قسمت ڪڏهين اوڏانهن وڃڻ جو موقعو ڪٿي مهيا ڪري.

حيدرآباد ميرپورخاص واري گاڏيءَ ۾ صبح جو چڙهبو. ميرپور خاص مان ساڳي گاڏي ڪٿي وڃي منجهند ڌاري نئين ڪوٽ ۾ لاهيندي. نئون ڪوٽ، ٿر جي آخرين ريلوي اسٽيشن آهي. گاڏي مان لهندي، پهرين نظر وڃي انهن ١٠-١٥ لارين تي پوندي، جن جو منهن ملير ڏانهن هوندو ۽ اوهان جي استقبال لاءِ انتظار ۾، قطار ڪيو بيٺيون هونديون. ڪي مٺي لاءِ، ڪي ڏيپلي لاءِ، ڪي ڇاڇري ۽ ڪي ننگرپارڪر لاءِ. حقيقت ۾ انهن "لارين" کي "بس سروس" چوڻ، پاڪستان جي ٻين بس سروسن جي بيعزتي آهي، پر چاڪاڻ جو اهي، مال سان گڏ ماڻهن کي به ڍويو وڃيو منزل مقصود تي پهچائين ٿيون، تنهن ڪري، انهن لوڊنگ ٽرڪن کي لاريون چئي سگهجي ٿو؛ ورنه آهن اهي ملٽري جا پراڻا نيلام ٿيل "ڇڪڙا"، جن جي باڊي ۾ ٻه سوڙهيون سيٽون ماڻهن لاءِ ناهيل آهن، باقي پوئيون حصو سڄو سامان سان ڀريو آهي ۽ ان سامان تي ٻه ويچارا "پاسينگر" پوٽاڙا ڀڏيو، گرمين خواه سردين ۾ آسمان جي ڇت هيٺان ويٺا هوندا آهن ۽ اهي ٻه سيٽون وري اهڙيون ته سوڙهيون، جو مجال آهي جو ماڻهو پنهنجو پاسو به ورائي سگهي يا ٽنگون ڊگهيري سگهي. بس، هڪ ئي هنڌ، اهي ٻئي ڏينهن سواريءَ جا لوه ٿيو ويٺو هوندو، ڄڻ ته رسن سان ڄڪيو ٻڌو پيو آهي. اهڙي طرح ٻڌو ٻڌايو، ڳنڍڙي ٿيو، گوڏا "ڪونگڙا" ڪري، اهو ١٠٩ ميلن جو سفر ڪڏي وڃي پار پوندو. پر اهو به شڪر آهي، "پيادي کان ڪتي جي وات ۾ چڱو." اها به گذريل جنگ جي مهرباني، جنهن ۾ اهڙيون "لاريون" ايجاد ٿيون، جيڪي ٿر جي واريءَ جي وڏين وڏين ڀٽن مان به ڇڪيو هليو وڃن. نه ته انهن کان اڳ ۾ جيڪا، اُٺن تي چار ڏينهن لڳندو

soorhsindhiadab

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ننگرپارڪر لاءِ چڙهي ڪرٽي پوندي هئي، ان جو عذاب، هن وقت سوچڻ سان به هڏي هڏي ڪنبي ٿي. اُٺ پٺارا جسم جو جوڙ جوڙ اُليڙي وجهندا هئا، ڇيلهہ ڇڪناچور ٿي ويندي هئي ۽ ٿنگن ۾ ايترو ست نہ رهندو هو جو ماڻهو اُٺ تان لهي بہ سگهي! پر جيڪڏهن اُٺ تان ڪو همت پريو جت ”سواري“ ڪي ڇيلهہ ۾ ڏاڍا ٻڪ وجهي ڪٽي لاهي بہ وجهندو هو، تہ بہ ٽنگون زمين تي ڪُپڻ ڪان صفا جواب ڏيئي بيهنديون هيون. ڪلاڪ اڌ تہ اُئين پيون ڪنبديون ۽ ٿڙڪنديون هيون جو ڇڻ تہ ”ڪَمري“ جو مرض وٺي ويو آٺن. ”ڪَمري“ جو مرض عام طرح اُنن ڪي ٿيندو آهي. ان جا اُهڃاڻ اهي آهن، تہ اُٺ جو ويهڻ وقت سڄو پويون تيرڙو ۽ ٽنگون پيون ڏڪنديون آهن ۽ ڏڪي ڏڪي ڪافي دير ڪان پوءِ پٺارو وڃي جهڪندو آهي ۽ جيستائين اُٺ وِهي وِهي، ايستائين ”سواريءَ“ جا ٻئي هٿ الله ڏانهن هوندا آهن، تہ متان ڪٿي پاسيرو ويهي ڪَري نہ سندس ٽنگ ٽي ٽُڪر! سو اُنن مان تہ ڪنهن ڪنهن کي ”ڪَمري“ هوندي آهي، پر اُٺ پٺارا هر ”سواري“ کي پنجن ستن ڪوهن ۾ ئي ”ڪَمري“ ڏيو ڇڏين. پر انهيءَ ”ڪَمري“ واري سواري ڪان وري بہ ”گوڏا ڪونگڙا“ لاريون غنيمت آهن.

نئين ڪوٽ ڪان مِٺي ”وِچين“ ڏاري پهچبو. مٺي پهچڻ سان ئي هڪ نئين ماڻهو کي اتي جي دنيا ئي نرالي ڏسڻ ۾ ايندي. هندو آبادي ايڏي، جو ماڻهو سمجهندو تہ الاجي ”ايوڌيا“ ۾ اچي ويو آهيان يا ”ڪاشي“ ۾! مِٺي، اوهان کي بلڪل ”اشوڪ مهراج“ واري ”پراچين پارت“ وارو نظارو پيش ڪندي! اهي ئي لانگوٽا، اُهي ئي گهاگهرا، اُهي ئي پنگهٽ، اهي ئي چنچل ناريون!! مسلمانن جي پچا ڪبي تہ رکو آچار خان چيئرمين جو ڏس ملندو. مڙس واقعي ئي مَتير ۽ وڏو مهمان نواز آهي. هيترن هندن ۾ الاجي ڪيئن ٿو چيئرمين چونڊجي. رات مٺي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

۾ رهٽي پوندي. ٻئي ڏينهن صبح جو وري ساڳي لاري ڪٽندي، سا ٻنپهرن جو اچي اسلام ڪوٽ پهچندي. اسلام ڪوٽ ۾ مکي نهالچند ڪنهن چڱي ماڻهو کي ڪارائڻ کان سواءِ ڪونه ڇڏي. اتي ٽورو ”ڏاڍو“ ڪري لاري خبرن سان ننگر پارڪر لاءِ اسهندي. واريءَ جي ٽِڪن جي پڇاڙي اچي ويراواه ۾ ٿيندي. اتان پوءِ ”پارڪر“ شروع ٿيو وڃي. ٿئين ڪوٽ کان وٺي ويراواه تائين بيشمار بلند ٽِڪون لنگهڻيون پونديون جن تي چڙهندي لاري به ڇڪون ڏيو جند ڇڏائي. هونئن به ويچاري واريءَ مان ۱۰-۱۵ ميلن جي رفتار کان وڌيڪ ڪانه هلي سگهي، پر جڏهين مٿي کان اوريان ”گاڏي واري لَڪ“ تي چڙهي ٿي تڏهين هر ڪنهن ”سواري“ جي زبان تي ”صلوات سڳوري“ ۽ ”ڪلمي شريف“ جو عام ورد هوندو آهي. ڪي ”بادشاه پير“ جون ڪنيون پيا باسيندا، ته ڪي ”غونث جا روٽ“، ڪي وري ٿوري تي پيا باسيندا پڙون، ته ڪي مهاديو تي مناٿيءَ جو هڙون.

پارڪر جو نقشو بلڪل پڌرو پيو آهي. سنڌ جي نقشي ۾ ڏاکڻي سرحدي سڌي ليڪ کان جيڪو ٻاهر نڪتل گول ٽڪرو هجي، سو آهي پارڪر آهي ته پارڪر به ٿر جو هڪ حصو، پر ان کان هر ڳالهه ۾ نرالو آهي. ٿر ۾ واري ۽ ٽِڪون؛ پارڪر جي زمين سنئين سڌي ۽ ٽڪرائتي. ٿر ۾ ٻولي ”ڍاٽڪي“؛ پارڪر ۾ ”گجراتي.“ ٿر ۾ صرف خريف ۾ فصل ٿئي. پارڪر ۾ ربيع ۾ ڪڻڪ به ٿئي؛ ”هيرڻ“ جي پوک ته پارڪر جي خاص پيدائش آهي. شايد ئي سنڌ جي ڪنهن ٻئي علائقي ۾ ايترو هيرڻ پيدا ٿيندو هجي. دائمي پاڻي هجي ته پارڪر جي زمين ۽ آبهوا خاص طور پٺاڻن، ٻوهي مڱڻ ۽ هيرڻ لاءِ ته پارس آهي. ٿر جي لنمبي ۽ تڪليف ده ٽِڪن جي مسافري کان پوءِ جڏهن نظر پارڪر جي پٽ تي پوي ٿي،

soorihsindhiadab
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner



مسڪين جو ملڪ: ”اسين ماروئڙا مال چاريون، آلا!“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تڏهن ماڻهو اُئين محسوس ڪري ٿو، جڻ تہ ڪنهن وڏي ”بيابان“ مان نڪري ”خيابان“ ۾ اچي ويو آهيان. ويراواه وٽ ٿر جي آخرين پٽ لهڻ سان ئي، اتي جي دنيائي بلڪل بدليل نظر ايندي. ٿر چئن ميلن جي ايراضيءَ ۾ اڳيان ”سانگاه“ تلاءُ ۽ ان جي ڪنارن تي سياري ۾ ڪٽڪ جي ساوڪ، ڏاڍيءَ روح کي راحت ڏيندڙ آهن. ”سانگاه“ ڇڏي اڳتي هلبو تہ ”هيرڻ“ جون پنيون اُئين نظر اينديون، جئين سنڌ ۾ ڦتين جو فصل. جيئن ئي اڳتي وڌبو وجبو، ”ڪارونجهر“ جبل قريب ايندو ويندو. رستي سان نمن جون قطارون شروع ٿيون، تہ سمجهبو تہ ننگرپارڪر نزديڪ آهي ۽ شهر، جيڪو جبل جي بلڪل دامن ۾ آهي، ايستائين نظر نہ ايندو، جيستائين بلڪل ان جي ڪنڌ تي نہ وڃي پهچجي. اهو تہ ٿيو پارڪر جو سياري ۾ نظارو، پر وسڪاري ۾ تہ پارڪر، لاريب ڪشمير جي ڏيکاري ڏيندو. جيستائين نگاهہ جي وسعت ڪم ڏيندي، اوستائين، بلڪل ساوڪ ئي ساوڪ ۽ پاڻي جا چشما نظر ايندا. انهن جي وچ ۾ وري سبز پهاڙين جون قطارون عجيب بهاري لڳايو بيٺيون هونديون! دل اُئين پيئي چاهيندي تہ دنيا و مافيها کان بي نياز ٿي، جبل جي ڪنهن ٽڪريءَ تي ويهي، بس الله تعاليٰ جي قدرت جو هيءُ پُرڪيف نظارو پسندو رهجي! تڏهين تہ پارڪر جا ماڻهو چوندا آهن تہ ”ڪارونجهرني ڪور، مَري تان مِڙيي ناهين“ يعني ڪارونجهر جي قربت، مرڻ سان بہ ملي نہ سگهندي.

هاڻي وري موٽي اچون ٿا مسڪين جي معاملي تي:

مسڪين تازو ”عبرت“ ۾ هڪ سنسني خيز خبر جو انڪشاف ڪيو، تہ پارڪر ۾ عيسائي مشنري اٽڪل پنج سؤ کن ڪولهي ڪرستان ڪيا آهن. مسڪين مون کي اهو پڻ ٻڌايو تہ پارڪر ۾ ”قادياني“ مشنري بہ اٽڪل ڏيڍ سؤ کن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner



مسڪين جي ملڪ جو هڪ پيو نظارو "ڪارونجهر ني ڪور"

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪولهي "قادياني" ڪيا آهن. مسڪين کي اها شڪايت ڪانهي ته ڪرستان يا قادياني ڪولهين جي خدمت ڇو ٿا ڪن، مگر افسوس صرف اهو اٿس، ته اهي پنهنجي خدمت جي قيمت مذهب جي تبديلي ۾ ڇو ٿا وصول ڪن. ڪين خدمت ڪرڻي آهي ته مسڪين وانگر مذهب کان بالاتر رهي، انسانيت ۽ صرف انسانيت جي نالي ۾ ڪن. باقي مذهب تبديل ڪرائي، پوءِ انهن جي خدمت ڪرڻ، اها انسانيت جي خدمت ڪانهي. مسڪين پنهنجي "ليڪ" ۾ ائين ڪونه چاٽايو آهي ته باقي رهيل ڪولهين کي هڪدم مسلمان بنايو وڃي. بلڪ ان جي بجاءِ حڪومت کي اپيل ڪئي اٿس، ته جن ظلمن کان پريشان ٿي، ڪولهي ڪرستان ديول جي وچي چانئٺ چمن ٿا، انهن کان ڪين نجات ڏيارڻ لاءِ هڪ ويلفيئر آفيسر مقرر ڪيو وڃي ۽ بس. مسڪين جو ڇوڻ آهي ته هُن پاڻ به ڪيترائي ڪرستان ٿي ويل ڪولهي، واري واپس سندن اصلوڪي مذهب ۾ آندا آهن، ڇاڪاڻ جو سندن خيال موجب ڪولهين کي ڪولهي ٿي رهڻ ڏنو وڃي ته ملڪ و ملت لاءِ بهتر آهي. ايڏو تيزيءَ سان سندن عيسائي ٿيڻ اڳتي هلي ڪٿي پارڪر کي سياسي طور "نائجيريا" يا "ويتنام" نه بنائي ڇڏي!

تازو محترم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سان ملاقات ۾ جڏهين اِنهي ڪرستان ۽ قادياني تبليغ جي ڳالهه نڪتي، تڏهين ڊاڪٽر صاحب مسڪين کي چيو ته جڏهين اها حالت آهي، ته توهين پاڻ ڇو نٿا اچوٿن ۾ اسلام جو پرچار ڪريو؟ مسڪين صاف انڪار ڪندي عرض ڪيو ته "اهو ڪم مسڪين کان ڪونه ٿيندو ڇاڪاڻ ته پوءِ مسڪين جي خدمت ۽ ڪرستان، قادياني جي خدمت ۾ ڪهڙو فرق رهيو!؟" وڏيڪ چيائين ته مسڪين ته انهن جي به خدمت ڪندو رهندو جيڪي ڪرستان ۽ قادياني ٿي ويا آهن."

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مسڪين "خود نمائي" ۽ "خود ثنائي" کان پچندڙ ۽ "پدرم سلطان بود" واري اجائي آڊمبر کان هميشه پري رهيو آهي. ڪامريڊ غلام محمد لغاري کان روايت آهي تہ ڪجهہ سال ٿيندا تہ محترم جي-ايم- سيد صاحب هڪ ماڻهو موڪليو تہ مسڪين کان سندس "حال احوال" وٺي اچي. غلام محمد خان انهيءَ همراه کي مسڪين جي ڳوٺ جو ڏس پتو ڏنو. همراه وڏن ڪشالن ڪيڻ بعد مسڪين جي ڳوٺ پهتو؛ پر مسڪين جي پير ۾ سڏائين چڪر، سو ڪيس ملي ڪونہ سگهيو. ڪجهہ وقت کان پوءِ وري پيهر آيو تہ قسمت سان مسڪين ڪيس ملي ويو. مسڪين کي سائين جو نياپو ڏنائين ۽ چيائين تہ پنهنجي بابت ڪجهہ لکي ڏي. مسڪين پنهنجي متعلق ڪجهہ بہ بڌائڻ يا لکي ڏيڻ کان انڪار ڪيو. چيائين تہ "آءٌ پاڻ پنهنجي لاءِ ڇا چوان؟ ڪا هستي هجيم تہ ان بابت لکان! سائين کي عرض ڪجان تہ مون کي انهيءَ ڳالهہ لاءِ معاف ڪري." مسڪين جي جاءِ تي پيو ڪو همراه هجي ها تہ سائين وٽ سُرخرو ٿيڻ لاءِ وڏيون ڪي لباڙون لکي موڪلي ها.

مسڪين جو ايمان آهي تہ جيڪو الله تعاليٰ کان ڊڄي ٿو، انهيءَ کي دنيا جي بي ڪابہ هستي ڊيڄاري نٿي سگهي. گذريل مارشل لا جي دؤر ۾، جڏهين بد اعمال سياسي سورمن کي لڪڻ لاءِ ڪٿي جا پر بہ ڪونہ ٿي مليا، ۽ جڏهن ٿر ۽ پارڪر لاءِ گهٽو "ڪيجندڙ" سنڌ جي ليڊر صاحبن، مارشل لا جي پهرين پنجن سالن ۾ ڊپ وچان ٿر ڏانهن مُنهن ڪري بہ ڪونہ نهاريو، تن ڏينهن ۾ مسڪين بي ڊپائي سان، وڏو "ڪَرُ" ڪنيو ٿر ۽ پارڪر ۾ غريبن جي هرمڪن خدمت، "دامي درمي نہ سهي، سُخني قدمي" گهٽيئي پئي ڪئي. مارشل لا ۾ بہ مسڪين ڇو ڪنهن کان ڊڄي؟! مسڪين نڪا ڪا سياسي بداعمالي ڪئي هئي ۽ نڪا سون چاندي جي سمگلنگ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مسڪين جيئن ئي نوڪريءَ کي خيرباد چئي خيرن جو ڳوٺ پهتو، ته اچي ڏٺائين ته ”ملڪ سچو منصور“ لڳو پيو آهي! ڳوٺ جا ڪافي تعداد ۾ ماڻهو چورين، ڦرن، ڌاڙن ۽ ٻين ٻُرن ڪمن ۾ هيڪاندو ڪاهي پيل هئا. مسڪين جون سڀ سمجهاڻيون هُنن لاءِ ”سانُ“ تي ٻنگائي“ پئي ثابت ٿيون. بس، ”سؤ ماڪوڙو ڊيڊر پيٺو“ وارو قصو هو. هرڪو ”آپي خان“، نه ڪنهن جي چونڊ ۾ نه آڪڙ ۾. نه الله جو ڊپ، نه حڪومت جو پؤ، نه غريبن لاءِ ترس. هرڪو رات جي پيٽ ۾ رئيس ٿيڻ لاءِ سرگردان ۽ انهيءَ ڪوشش ۾ پٽ ڪوه ۾ پورو! چوندا آهن ته ”ڪارو پڌ ڪمري سان، رنگ نه مٽائي ته به اوساڻ ضرور مٽائي.“ سو اهڙن ”مڙسيءَ وارن ڪمن“ ۾، جن لاءِ نه ڪنهن جي جهَل نه پَل، نه ڪو آلڪو نه ڪٽڪو، بلڪ الٽو ڪن همت ڀرين حمايتين جو پُٺيءَ ٺيڪو: پوءِ ڀلا ڪنهن کي نه ريس ٿئي اهڙن ڀاڙن سان ڀانگي ڀائيوار ٿيڻ جي؟! ”مڙسي“ ته پڌري پٽ پيئي هوندي آهي، ٿي وڃي جيڪو ڪٽيس:

”جو بڑھ کر هاتھ میں لے لے' یہ ساغر اسي کا ھے“

دير رڳو ڪهاڙيءَ کي ”روهيءَ“ تي به ڳهڪا ڏيئي چڪي ڪلهي تي رکڻ جي آهي، پيو وري چور ٿيڻ لاءِ ڪي ”تهجدون“ ڪونه پڙهيون آهن. هونءَ به اهڙا همراه ويچارا سوچيندا آهن ته ٿي مهنا وسڪاري جا آڏيون اُبتيون اوڙون ڏيئي ڪٽي کيتيءَ ۾ ڀاڻ کي رڌل به رکون، باقي نَو مهنا سال جا ماٺ ڪري کھڙيون ويهي مکيون مارِيون؟! ”بيڪار ڪان بيگار ڀلي“ ”بيکار مباش کچھ نہ کچھ کیا کر“ انهيءَ ڪان سواءِ پنهنجي اکين اڳيان پيا ڏسن ته جيڪي شرافت سان پيا هلن، تن لاءِ سدائين ”روه رلا، مٿي تي ڪالا“. ڪٿو هيٺ ڪٿو مٿي. پيٽ پٺيءَ سان لڳو پيو اٿن، ٻکن ۾ ٻي حال، مطلب ته جيئڻ ئي جنجال... ۽ هوڏانهن وري جيڪي اهڙن ”مڙسيءَ وارن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

ڪمن“ ۾ رُلل، تن ڪي هڪڙي ٻيڙي اجرڪ هيٺ، ٻي متي ۾ ٽي وري ڪلهن ۾ ويڙهيل، جنهن سان ڪيڏي ڪيڏي مهل مڙس، ڪچهريءَ ۾ ”ڪانپ“ ڪدي، ويهي وڏي واڪي پنهنجا ”ڪارناما“ ڳڻائين ۽ اوڏي مهل مڇن ڪي خواه مخواه وٽ ڏيئي، اکين ڏانهن پيا آڪڙائين! اناج سان سندن ڳنديون ڀيون ڦاٽن، ڏيٺي سان چاڏيون پيون ٽُٽن. ”آوازا“ پريو پريو ڪَمين جا ڪلهائي نڪريو پون. هڪڙيون پٽاريون پاڻي پي پيون پهريو وڃن، ته ٻيون اُڇايلون آوازن تي اوهيرا ڪري پيون اڇن. رعب وري مڙسن جو اهڙو، جو هرڪو ”لنڊي ٻٽي“ ڪؤ وچان، سندن منهن تي ڪونه چڙهي. انهن سمورين ڳالهين ڪي ڏسي چڱن ڀلن همراهن جي واتن ۾ به پاڻي پرجيو اچي. پر قضا سان ڪيڏي مهل، ڪو ڪوڙڪي ۾ ڪٽي ڦاسيو پوي، ته وري پريا مڙسَ وڏا پڳڙ ٻڌي، پيره ڦٽي سان ٿي پوليس وٽ پهچيو وڃن. پوءِ ته سائين، بار بار جمعدار جي ڪاڏيءَ تي هٿ ۽ پنهنجي اڇي ڏاڙهيءَ جا واسطا! چوندا.... ”هيڏانهن ڏس.... منهنجي اَڇن جي هي دفعو ڪٽي عزت رک..... آءٌ ٽاٽن تي اڇٽو نه وچٽو.... پر يار چا ڪريان، انهيءَ بي ايمان جي پوڙهي ماءُ ڪالهه ڪان منهنجي ڀَريي ٽُريي گهر ۾ لنگهڻ ڪديو اونڌي منهن پيئي روئي... منهنجو ته ڪاڏو پاڻي حرام ڪري ڇڏيو اٿس سنها ٻچا اٿم... رَن جي روڄ راڙي سان منهنجي ته هڏي هڏي ڪنبي ٿي.... هاڻي جمعدار وڏا، جيئن تون چوين تيئن ڪريون.... منهنجي جيڪر مڇين، ته اهڙي سزا ٿا ڏيونس، جو ڪي ڏينهن ته پيل پيو ماڻس سان گڏ ڪنهن ڪنڊ ۾ روئيندو وتي!... آهي ته برابر چور جو پٽ.... پر ڪيس جيل ۾ ساڙڻ سان پاڻ ڪي ڪهڙو فائدو؟!....ڏيونس ٿا پيسي جي مار....! اهڙيءَ طرح چڱا مڙس چورن ڪي پوليس جي چنبي مان ڇڏائي، پاڻ سان گڏ گهوڙن تي پيلهه چاڙهي اچيو ڪين گهرن پيڙو ڪن ۽ ٻئي ڏينهن وري ”اُهائي ڪهاڙي، اُهوئي ڳن“.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

انهن افعالن ڪري مسڪين جو ڳوٺ ايڏو تہ بدنام ٿي چڪو هو، جو هڪ دفعي سال ١٩٤٦ع ۾ انگريز ڪماني اسٽيفورڊ، ڏيڍ سو سپاهہ ساڻ ڪري، آڌي رات جو سامي ويري کي گهيرو ڪري، گهر گهر جي جهڙتي ورتي، ٨٠ ماڻهن کي ٻڌي ڪٺي نوڙ ڪيو. دراصل چورن لوفرن کي انهيءَ حملي جي ڪا سنجهي ڪانہ ٿي سڙس پئجي ويئي هئي، سي تہ سڄهنديئي ڳوٺ مان ڪيڙي پکڙي ويا؛ باقي نرلو سچو وچي ڪريو مسڪين جهڙن مولائين ۽ پوڙهن پينشنرن تي، جن کي چاليهہ ميل پيادو پنڌ ڪرائي، گهلجي وڃي ننگر جي ٺٽرم ۾ هنيائون. ان ڪان پوءِ تياريون ٿيون ڪوسن خلاف ”گئنگ ڪيس“ ناهڻ جون. اوسي پاسي جا سوين ماڻهو اچي ڪنا ڪيائون بيان ڏيڻ لاءِ، پر جڏهين ڪنهن بہ اهڙن چڱن مڙسن خلاف هامي نہ ڀري، تڏهين لاچار ٿي، ستن ڏينهن ڪان پوءِ، ڪين ڪٺي آزاد ڪيائون. جيل مان ڇٽڻ ڪان پوءِ، مسڪين وڏو ملهہ مچائي وڌو. اخبارن ۾ دانهي، اختياري وارن کي پڪاري، وڏيون انڪواريون ڪرائي وڌائين. انهيءَ ڪم ۾ ڪيس سنڌ اسيمبلي جي مخالف پارٽي جي سمورن ميمبرن ۽ خاص طور تي سوامي ڪرشنانند، جو ان وقت ٿر جو نمائندو هو، وڏي مدد ڪئي. اهو سڀ ڪجهہ ڪرڻ جي باوجود بہ، مسڪين جي ”اندر جو قاضي“، سدائين ڪيس آهو احساس ڏياريندو رهيو، تہ چند چورن جي ڪري، سچو ڳوٺ ٿو بدنام ٿئي. تنهن ڪري جيستائين هڪ هڪ ڪري چونڊي چور ڳوٺ مان نہ ڪيڍيا ويندا يا انهن کي پوري طرح سڌاريو نہ ويندو، اوستائين اهو بدنامي جو داغ ڳوٺ جي پيشاني تان ڪونہ مٽندو. تنهن ڪري مختلف طريقن سان، مسڪين چورن خلاف سرگرم عمل رهيو. مگر اڳيان بہ چور پنهنجي نالي سان هٺا سي: ”چري ڪيئن، ڇي ويران وير وڌ.“

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مسڪين اڃا انهيءَ مهم ۾ مشغول هو، ته ملڪ ٿي پيو پاڪستان. پاڪستان ٿيڻ کان پوءِ، مسڪين هڪ اهڙو ڪارنامو سر انجام ڏنو، جنهن اڳتي هلي "بين المملڪتي" حيثيت حاصل ڪئي.

پاڪستان ٿيو، ته بارڊر تي چور ۽ ڌاڙيل موسمي ڪُنين وانگر پيدا ٿي پيا. جيڪو نه چور، سو به چور. ٻنهي حڪومتن ۾ اڃا نڪو پاسپورٽ، نڪو ويزا سسٽم جو معاهدو. نڪو هيڏانهن جو ماڻهو يا پوليس هوڏانهن وڃي سگهي، نڪو هوڏانهن جو هيڏانهن. انهيءَ ڪري چورن جي وچ ۾ ٻيگهي مچي پيئي. بارڊر جي ٻنهي پاسن وارا چور ڌاڙيل، هٿيار بند ٿي، بارڊر جي ٻنهي پر وارن سَون ڳوٺن جو هزارن جي تعداد ۾ روزانو مال چوري ڪري ويندا هئا. ٽرين جو گذرڻ ٿي "ڏُڏي چوئي" تي. سو مال ڪاهي وڃن چور، باقي سڪٽو سڄ ۾ ويهي ويچارا ڇا ڪن؟! تنهن ڪري چورن جي انهيءَ عام آزار ڪري، ڪيترائي بارڊر جي ٻنهي طرفن جا ڳوٺ خالي ٿيڻ لڳا. مسڪين، چورن ڌاڙيلن جي انهيءَ لوٽ مار کي دائمي طور ختم ڪرڻ لاءِ، ٻارهن مهنا ٻنهي حڪومتن جي لوڪل پوليس آفيسرن سان لهه وچڙ ۾ رهيو ۽ ڪين مجبور ڪندو رهيو، ته پاڻ ۾ ملي، ميٽنگون ڪري، هڪ ٻئي جي حدن جو ويل مال موٽرائي ڏين. بي حالت ۾ بارڊر تي وڏي لڏپلاڻ شروع ٿي ويندي ۽ ٿر ۾ بک ۽ بيروزگاري پيدا ٿيندي. پر ڪنهن به طرف جي پوليس، پنهنجي ذمه داري تي اهڙيون ميٽنگون ڪرڻ لاءِ آماده نه ٿي. ان وقت ننگرپارڪر جو صوبيدار حاجي عبدالله خان بروهي هو، جو هن وقت ڊي- ايس- پي سانگهڙ آهي، ۽ مختيارڪار مرحوم مسٽر عبدالغفور آرائين هو. ٻئي صاحب ڏاڍا نيڪ دل ۽ عوام جا هڏ ڏوکي هئا، تن آخر هامي ڀري ته مسڪين هندستان

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

جي ٿاڻي ڀاڪاسر جي پوليس کي وچي اهڙي ميٽنگ لاءِ آماده ڪري. مسڪين انهيءَ پوليس کي به آخر وچي مڃايو. پهرين ميٽنگ، مسڪين پنهنجي ڳوٺ سامي ويري ۾ منعقد ڪرائي، ڇاڪاڻ جو اهو ڳوٺ بلڪل بارڊر تي آهي. ٻنهي طرفن جي لوڪل پوليس، بارڊر پوليس، بارڊر جي ڳوٺن جا نيڪ مرد ۽ هزارين ڀاڳيا، جن جو مال چوري ٿي ويل هو، سي اچي ان ميٽنگ ۾ شريڪ ٿيا. ٻنهي پوليسن ۽ نيڪ مردن قسم قسمات کڻي پاڻ ۾ وعدا ڪيا، ته چوري ٿيل مال، ڪوشش ڪري هٿ ڪري، ماهوار ميٽنگون رکي ڀاڳين کي واپس ڪيو ويندو. ٻنهي طرفن جون دليون صاف ۽ نيتون نيڪ هيون، تنهن ڪري هر ميٽنگ ۾ هزارن جي تعداد ۾ چوري ٿيل مال، مالڪن کي واپس پئي مليو. اهي ميٽنگون، اهڙي نموني، خانگي طرح سان ست سال هليون ۽ هرهڪ ميٽنگ ۾ مسڪين حاضر ٿي وڏو ڀرو وٺندو رهيو. انهن ميٽنگن جي ڪاميابي ڏسي، سرڪاري طرح، ٻنهي حڪومتن انهيءَ سرشتي کي بحال ڪيو ۽ پوءِ ايس پي ۽ ان کان به وڏي ليول تي کوکراپار ۾ سيپٽمبر ١٩٦٥ع جي لڙائيءَ تائين، اهي ميٽنگون منعقد ٿينديون رهيون ۽ ٻنهي طرفن جي عوام کي چورن ڌاڙيلن جي عام آزار مان هميشه لاءِ نجات ملي.

آخر ۾ آءٌ اهو چوندس ته جنهن ”ٿر“ نه ڏٺي هجي، سو ”مسڪين“ کي ڏسي! پري وڃڻ جي ضرورت ڪانهي، مسڪين ٿر جي بک، بيڪسي، ڪسمپرسي ۽ مظلوميت جو جيئرو جاڳندو مجسمو (Symbol) آهي! هن وقت اهو چوڻ مشڪل آهي، ته مسڪين جيڪو خدمت خلق جو ”ادارو“ پنهنجي پويان ڇڏيندو، تنهن کي مشعل راه بنائي، نئين نسل مان ڪو مرد مجاهد نڪري، عوام ۾ ذهني يا معاشي انقلاب آڻيندو؛ مگر ساڳئي وقت، انهيءَ کان به انڪار ڪري نٿو سگهجي، ته ”مسڪين“

soorihsindhiadab
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

غريب پنهنجي زندگيءَ جو اڌ کان وڌيڪ عرصو، ٿر جي وسيع ۽ عريض، بي آب و گياه، لَق و دَق صحرا ۾ هزارين ميل، پيرين پيادو هلي، انهن اڻوجهه ترين ۾ سماجي شعور ۽ سياسي سجاڳي آندي آهي، جن مان ڪيترن اڃا ريل گاڏي به ڪانه ڏٺي آهي انهيءَ کان وڌيڪ بنيادي ڪم (spade work) ايندڙ نسل کي ٻيو ڪهڙو گهرجي؟ مسڪين جهڙا قوم لاءِ ڪشالا موجوده زماني ۾، ”ماؤزي تنگ“ کان سواءِ ٻئي ڪنهن به مصلح قوم شايد ئي ڪاڍيا هجن. الله تعاليٰ ڪوشش چور جي به ڪونه وڃائي: سو مسڪين مجاهد جي سڄڻ سارڻ ٽيهن سالن جي ڪمائي، ڪٿي ٿي رائگان وڃي؟! ڪڏهين نه ڪڏهين، هٽي وڃي هنڌ ڪندي. بهرحال ”هنڌ“ جڏهين به ڪري، يا نه به ڪري، مسڪين کي اُن جي نڪا ڳڻتي آهي، نڪا پرواه! مسڪين مولائي پنهنجو ڪم خاموشيءَ سان، بغير ڪنهن شور و شر يا نام و نمود جي، تادمِ آخر ڪندوئي رهندو. ”ماؤزي تنگ“ پنهنجو ۲۵۰۰۰ ميل لمبو مارچ (Long march) پورو ڪري، پنهنجي منزل مقصود حاصل ڪري چڪو آهي، مگر مسڪين محترم جو لانگ مارچ (Long march) اڃا به جاري و ساري آهي!! ڪڏهين ختم ٿو ٿئي، ان جي خبر الله کي! لطيف سائين رحہ به اهڙن ئي انسانن لاءِ ته چيو آهي ته:

”اڃا به آهين، ڪلجڳ ۾ ڪي ڪاپڙي!“

---

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

تنقيدِ تحقيق جنون جناب "مجنون" صاحب

از - جناب فقير عبدالرحمان "ضيائي"
ولد مولانا بهاءالدين "بهائي"

محمد بخش مجنون تـــو سڏائـــي،
مگر سؤ عـــاقلن کـــي راه لائـــي.
قـلـم ڪاري منجهان ليليٰ جـو انداز،
ڪري هر حرف مان ظاهر بصد ناز.
سندس روشن قـلـم واري سيـاهـــي،
ضيا بخش آهـــي از مـــه تا بـہ ماهي.
چـو بـر ليلائـے ڪلڪش چشم افتاد،
ز دل بـــرداشتم چـون قيس فـريـاد.
زهے مجنون کـہ هر دانائے اين دهر،
ز عقلِ ڪامـــلِ او يــافـتـہ بهر.
بمجنون گـرچہ مشهورِ جهان است،
جنونش خنده زن بر عاقـــلان است.
کہ "ميمش" جاذبِ دلها ست چون سحر،
نمايد جذب دلها "جيم" چون سحر.
ز "نونِ" او "لينش نفع هر نـــاس،
ز دست و پاي آن مـمـدوح بشناس.
ز "واوش" وصلتِ يـــارانست پيدا،
از آن شد دشمنش چون دوست شيدا.
ز "نونِ" آخرينِ آن نکو نـــام،
هـويـــدا شـــد بعالـــم نيکيِ عام.
"ضيائي" بر چنين مجنون ست شيـدا،
بـعـقـلِ او کـہ چون مجنون ليليٰ.

soorihsindhiadab
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مصنف

هن ڪتابڙي جو ليکڪ ميان محمد بخش ٻاڻ کي "مجنون" سڏائي ٿو، پر خرد کان خالي ناهي. سندس اکين ۾ دربد ۽ دل ۾ دَرد آهي. اسان وٽ ڪيئي "مسڪين" ۽ "جهان جا خان" موجود آهن، پر ڪين ڪير ٿو سڃاڻي ۽ ڪير ٿو پڇي! ميان محمد بخش ته ويتر مختيارڪار ۽ مختيارڪارن آڏو چور ٻجهن ۽ چٽن. جن کي چور منهن ٻون، سي چورن کي ئي سڃاڻن: "مورن" تي مختيارڪارن جي نظر پوي، سو هڪ معجزو آهي. پر ميان محمد بخش اهو معجزو ڪري ڏيکاريو. مور کي سڃاتائين ۽ هنج کي هيٺين لاٿائين. نه صرف سندس حسن انتخاب لاءِ ڪيس جس، پر سندس حسن بيان لاءِ ڪس آفرين. فن سوانح نگاريءَ ۾ سندس هي ننڍڙو ڪتابڙو وڏو يادگار رهندو.

سنڌ يونيورسٽي،
جون، ١٩٦٧ع

خادم العلم
نبي بخش

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

مصنف

هن ڪتابڙي جو لکندڙ ميان محمد بخش ٻانڊ ڪي "مجنون" سڏائي ٿو، پر خرد کان خالي ناهي. سندس اکين ۾ درد ۽ دل ۾ درد آهي. اسان وٽ ڪيئي "مسڪين" ۽ "جهان جا خان" موجود آهن، پر ڪين ڪير ٿو سڃاڻي ۽ ڪير ٿو پڇي! ميان محمد بخش نه ويتر مختيارڪار ۽ مختيارڪارن آڏو چور ٻجهن ۽ چٽن. جن کي چور منهن ٻون، سي چورن کي ڏي سڃائن: "ٻورن" ـ تي مختيارڪارن جي نظر پوي، سو هڪ معجزو آهي. پر ميان محمد بخش اهو معجزو ڪري ڏيکاريو. ٻور کي سڃاتائين ۽ هيج کي هينئين لاتائين. نه صرف سندس حسن انتخاب لاءِ ڪيس جس، پر سندس حسن بيان لاءِ ڪيس آفرين. فن سوانح نگاريءَ ۾ سندس هي ننڍڙو ڪتابڙو وڏو يادگار رهندو.

سنڌ يونيورسٽي،
مارچ، ١٩٦٧ع

خادم العلم
نبي بخش

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com Scanned with CamScanner

سنڌ سلامت

www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، جو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.
اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.
۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو پورو ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book

سورهہ سنڌي ادب جي واٽس ايپ گروپ جي لنڪ:

https://chat.whatsapp.com/Ccc0pAnEJWk79h92OCt6Nu